# يوحنّا
## جي انجيل

### مسيح جي دنيا ۾ آمد

١ ١ دنيا جي شروعات کان پهريان ڪلام[1]
اتي هيو ڪلام خدا سان گڏ هيو ۽ ڪلام
خدا هيو. ٢ اهو شروعات ۾ خدا سان گڏ هيو. ٣
سڀ شيون ان جي ذريعي هيون. ان جي بغير
ڪائي شيءِ ناهي ٿي. ٤ ان ۾ حيات هئي ۽ اها
زندگي دُنيا جي ماڻهن جي لاءِ نُور هئي. ٥ نُور
اونداهيءَ ۾ چڪمندو آهي پر اونداهيءَ نور تي
ڪڏهن به قبول نه ڪيو.
٦ يوحنّا[2] نالي هڪ ماڻهو هيو ان کي خدا
موڪليو هيو. ٧ يوحنّا اُن نور جي متعلق چوڻ
آيو هيو ته يوحنّا جي ذريعي ماڻهون نُور جي
متعلق ڄاڻين سگهن ۽ مڃي سگهن. ٨ يوحنّا پاڻ
نُور نه هيو پر اهو ماڻهن کي نُور جي متعلق
ٻڌائڻ آيو هيو. ٩ سّچو حقيقي نُور دنيا ۾ اچڻ
وارو هيو. اهو نُور جنهن تمام ماڻهن کي روشني
ڏني.
١٠ اهو دنيا ۾ پهريان کان ئي موجود هيو دُنيا
ان جي وسيلي سان ئي پيدا ٿي پر دُنيا جي ماڻهن
اُن کي نه سڃاڻيو. ١١ اهو پنهنجي دنيا ۾ آيو پر
ان جي پنهنجن ماڻهن ان کي قبول نه ڪيو. ١٢
ڪجهه ماڻهن انکي قبول ڪيو انهن ايمان آندو
۽ جن ايمان آڻيو انهن کي ڪجهه عطا ڪيو ويو
اُن انهن کي خدا جي ٻارڙيڻ جو حق ڏنا. ١٣ اهي
ٻار ايئن پيدا نه ٿيا جهڙي طرح عام ٻار پيدا ٿيندا
آهن. اهي اهڙي طرح پيدا ٿيا جيئن ته ماءُ پيءُ
جي خواهش يا تمنا سان پيدا ٿيا آهن. انهن ٻارن
کي خدا پاڻ پيدا ڪيو آهي.
١٤ ڪلام جسم ٿيو اسان ماڻهن ۾ رهيو. اسان
ان جو جلال ڏٺوسين. جيئن ته پيءُ کي سڪي
لڏي پُٽ جو جلال. ڪلام سچائي ۽ فضل سان
پريل هيو. ١٥ يوحنا پنهنجي باري ۾ ماڻهن کي
چيو، يوحنّا واضع ڪيو ته ”اهو اهوئي آهي
جنهن جي متعلق مان ٻڌائي رهيو هيس اهو
جيڪو مون کان بعد ايندو آهي اهو مون کان
مٿانهون آهي انهيءَ لاءِ ته اهو مون کان پهريان
هيو.“
١٦ ڪلام سچائي ۽ فضل سان پرپور هيو
اسان تمام اُن کي گهڻي کان گهڻو فضل پايو.
١٧ شريعت ته موسيٰ جي ذريعي ڏني ويئي
هئي پر فضل ۽ سچائي يسوع مسيح جي ذريعي
ملي. ١٨ ڪنهن به ڪڏهن به خدا کي نه ڏٺو پر
اڪيلو پُٽ خدا جي ويجهو آهي ۽ پُٽ اسانکي
ٻڌايو ته خدا ڪئين آهي.

### يوحنّا جو يسوع جي باري ۾ ماڻهن کي چوڻ

*(متّي ٣: ١-١٢؛ مرقس ١: ١-٨؛*
*لوقا ٣: ١-٩، ١٥-١٧)*

١٩ يروشلم جي يهودين ڪجهه ڪاهنن ۽
لاوين[3] کي يوحنا ڏانهن اهو پڇڻ جي لاءِ ته
موڪليا ته ” اهو ڪير آهي؟“ ٢٠ يوحنا کولي
طور تي چيو ۽ اقرار ڪيو ”مان مسيح نه
آهيان.“
٢١ يهودين يوحنا کان پڇيو، ”پوءِ تون ڪير
آهين؟ ڇا تون ايلياه آهين؟“ يوحنا جواب ڏنو،
”مان ايلياه نه آهيان“ وري يهودين پڇيو، ”ڇا تون
نبي آهين؟“ يوحنا چيو، ”نه مان نبي نه آهيان.“
٢٢ تڏهن يهودين پڇيو، ”پوءِ تون ڪير آهي؟
پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ“ ۽ چئو ته جيئن انهن کي
جواب ڏئي سگهين جنهن اسان کي موڪليو آهي.
توهان پنهنجي باري ۾ ڇا چوندا آهيو.
٢٣ يوحنّا يسعياه نبي جا الفاظ چيا،

”مان رڻ پٽ ۾ منادي ڪرڻ واري جو

[1] ١: ١ **ڪلام** هتي ان جي معنيٰ آهي مسيح. يوناني لفظ آهي ”لوگور“ جنهن جو مطلب آهي اهڙي طرح جو مراسلا ان جو ترجمو ”پيغام“ به ٿي سگهي ٿو.

[2] ١: ٦ **يوحنّا** بپتسمه ڏيڻ وارو جنهن ماڻهن کي مسيح جي آمد جي تعليم ڏني متّي ٣؛ لوقا ٣

[3] ١: ١٩ **لاوي** لاوي ماڻهون لاوي خانداني گروهه جو ماڻهو هيو جيڪو ته هيڪل ۾ يهودي ڪاهنن جي مدد ڪندو هيو.

آواز آهيان خداوند جي واٽ کي سنئون
ڪيو.“ *يسعياه ٤٠:٣*

٢٤ اهي يهودين فريسين جي طرف کان
موڪليا ويا هئا. ٢٥ انهن ماڻهن يوحنّا کان پڇيو،
”توهان چئو ٿا ته توهان مسيح نه آهيو ۽ اهو به
چئو ٿا ته ايلياه نه آهيان ۽ نبي نه آهين پوءِ تون
ماڻهن بپتمسه کي چو ڏيندو آهين؟“
٢٦ يوحنّا جواب ڏنو، ”مان ماڻهن کي پاڻي
سان بپتسمه ڏيندو آهيان پر توهان مان هڪ
ماڻهون آهي جنهن کي توهان نه ٿا ڄاڻون. ٢٧
اهو ماڻهون مون کان بعد ۾ ايندو مان ته ان جي
جوتن جون ڪنهيون کولڻ جي به قابل ناهيان.
٢٨ اهو سڀ درياءِ يردن جي پار بيت عنياه
جي علائقي ۾ ٿيو جتان يوحنا ماڻهن کي بپتسمه
ڏيئي رهيو هيو. ٢٩ ٻئي ڏينهن يوحنا ڏٺو ته
يسوع ان جي طرف اچي رهيو آهي يوحنا چيو،
”ڏسو هي خدا جو گهيٽو آهي اهو دنيا جي گناهن
کي ڪٽڻ جي لاءِ آيو آهي. ٣٠ اهو اهوئي ماڻهون
آهي جنهن جي مان ڳالهه توهان سان ڪري
رهيو هيس ته هڪ شخص مون کان بعد ۾ ايندو
۽ اهو مون کان عظيم هوندو ڇالاءِ جو اهو مون
کان پهريان هيو. ۽ اتي هميشه کان رهيل هيو.
٣١ جڏهن ته مان ان کي ڄاڻان نه ٿو. اهو ڪير
هيو پر مان پاڻي سان ماڻهن کي بپتسمه ڏيڻ جي
لاءِ آيو هيم تنهنڪري اسرائيلي ڄاڻي سگهن ٿا
ته يسوع ئي مسيح آهي.“
٣٢-٣٣ يوحنّا چيو، ”مان اهو به ڄاڻان ته مسيح
ڪير آهي“ پر خدا مون کي پاڻي سان بپتسمه
ڏيڻ جي لاءِ موڪليو ۽ خدا مون کي چيو، ”روح
هڪ ماڻهون تي نازل ٿيندي ۽ اهو هي ماڻهون
هوندو جيڪو ماڻهن جي پاڪ روح کي بپتسمه
ڏيندو.“ يوحنا چيو، ”مان ڏٺو ته اهو روح آسمان
کان هيٺ آيو اهو روح هڪ ڪبوتر جي مانند
هيو ۽ ان تي ويهي رهيو“ ٣٤ انهيءَ لاءِ مان
ماڻهن کي چوان ٿو ته ” اهو خدا جو پُٽ آهي.“

## يسوع جو پهريون شاگرد

٣٥ ٻئي ڏينهن يوحنّا ٻيهر اتي پنهنجي ٻن
شاگردن سان گڏ هيو. ٣٦ جڏهن يوحنا ڏٺو ته
يسوع اتي اچي رهيو آهي ته ان چيو، ”خدا جي
گهيٽي کي ڏسو.“
٣٧ جڏهن انهن ٻن شاگردن يوحنا کي اهو
چوندي ٻڌو ته يسوع جي پويان هلڻ لڳا. ٣٨
جڏهن يسوع ڦري ڪري ڏٺو ته ٻئي انهيءَ جي
پويان اچي رهيا آهن ته يسوع پڇيو، ”توهان
ڇا ٿا چاهيو؟“ ٻنهي چيو، ”اي ربي يعني استاد
توهان ڪٿي ٺهريا آهيو؟“
٣٩ يسوع جواب ڏنو، ”توهان مون سان گڏ اچو“
تڏهن ٻئي يسوع سان گڏ ويا ۽ انهيءَ جاءِ کي ڏٺو
ته جتي يسوع ٺهريل هيو. ۽ انهيءَ ڏينهن يسوع
سان گڏ ٺهريا تقريبن چئين بجي جو وقت هيو.
٤٠ اهي ٻئي ماڻهون يسوع جي متعلق يوحنا
کان ٻڌي ڪري يسوع سان گڏ ٿي ويا انهن
ٻنهن ۾ هڪ ماڻهون جنهن جو نالو اندرياس جو
شمعون پطرس جو ڀاءُ هيو. ٤١ ان سڀ کان
پهريان اهو ڪم ڪيو هيو ته اهو پنهنجي ڀاءُ
شمعون جي ڳولها ۾ نڪتو ۽ ان کي چيو، ”اسان
مسيحو (جنهن جي معنيٰ مسيح) پايو.“
٤٢ پوءِ اندرياس شمعون کي يسوع ڏانهن وٺي
آيو شمعون کي ڏٺو ۽ چيائين“ ڇا تون يوحنا
جو پُٽ شمعون آهين؟ تون ڪيفا يعنيٰ پطرس
سڏائيندين.
٤٣ ٻئي ڏينهن يسوع طئه ڪيو ته گليل وڃي
ڪري ۽ اهو فلپس سان ملي ڪري چئي، ”مون
سان گڏ هلي آ“ ٤٤ فلپس جو تعلق شهر بيت صيدا
سان هيو اهو شهر اندرياس ۽ پطرس جو به هيو.
٤٥ فلپس نتن ايل سان ملي ڪري چيو، ”ياد ڪر
ته شريعت موسيٰ ڇا لکيو هيو ته هڪ شخص
اچڻ وارو آهي. ۽ ٻين نبين به ان جي متعلق لکيو
هيو اسان کي پايو آهي ان جو نالو يسوع آهي جو
يوسف جو پُٽ آهي ۽ اهو ناصري آهي.“
٤٦ پر نتن ايل فلپس کي چيو، ”ناصرت! ڇا
ڪائي سٺي شيءِ ناصرت کان اچي سگهي ٿي؟“
فلپس جواب ڏنو، ”اچو ۽ ڏسو.“
٤٧ يسوع ڏٺو ته نتن ايل ان جي طرف اچي
رهيو آهي ته چيائين، ”هي شخص جيڪو اچي
رهيو آهي حقيقت ۾ اسرائيلي آهي ان ۾ ڪائي
ڏاهي ڏنگي نه آهي“.
٤٨ نتن ايل پڇيو، ”توهان مون کي ڪيئن ٿا
ڄاڻون؟“ يسوع جواب ڏنو، ”آئون تو کي ان وقت
ڏٺو هيو جڏهن تون انجير جي وڻ جي هيٺان هئين
جڏهن ته فلپس تو کي منهنجي متعلق ٻڌايو هيو.“
٤٩ تڏهن نتن ايل يسوع کي چيو، ”اي استاد

توهان خدا جا فرزند آهيو توهان اسرائيل جا
بادشاهه آهيو.“
٥٠ يسوع نتن ايل کي چيو، ”آئون تو کي چا
چيو هيو ته آئون تو کي انجير جي وڻ جي هيٺان
ڏٺو هيو. اهائي وجهه آهي جو تون مون تي يقين
رکين ٿو. پر! تون ان کان به وڌيون ڳالهيون
ڏسندين.“ ٥١ يسوع وڌيڪ چيو، ”آئون توهان
کي سچ چوان ٿو توهان سڀ کي ڏسندا ته آسمان
کليل آهي ۽ خدا جا ملائڪ مٿي وڃي رهيا آهن
۽ ابن آدم تي هيٺ اچي رهيا آهن.[1]“

## قانا ۾ شادي

٢ ١ ٻن ڏينهن کان بعد گليل ۾ شهر قانا ۾
هڪ شادي هئي جتي يسوع جي ماءُ
هئي. ٢ يسوع ۽ ان جا ساٿين کي به شادي ۾
دعوت ڏني ويئي هئي. ٣ شادي جي تقريب ۾
جڏهن انگوررس ختم ٿي وئي تڏهن يسوع جي
ماءُ چيو، ”انهن وٽ وڌيڪ آئون نه آهي.“
٤ يسوع ان کي چيو، ”اي مائي تون اهو نه
چئه ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ منهنجي
گهڙي هاڻي نه آئي آهي.“
٥ يسوع جي ماءُ نوڪرن کي چيو، ” توهان
اهوئي ڪيو جيڪو يسوع توهان کي چوي.“
٦ ان جڳهه تي ڇهه پٿر جا وڏا مٽڪا رکيل
هئا جن کي يهودي صفائي طهارت جي لاءِ
استعمال ڪندا هئا هر مٽڪي ۾ ٢٠ يا ٣٠ گيالن
پاڻيءَ جي گنجائش هئي.
٧ يسوع نوڪرن کي چيو، ”انهن ٿانون کي
پاڻيءَ سان پري ڇڏيو.“ ۽ نوڪرن ٿانون کي
ٽمٽار ڪري ڇڏيو.
٨ يسوع انهن نوڪرن کي چيو، ”ان مان
ٿورو پاڻي ڪڍو ۽ ان کي مير مجلس ڏانهن
کڻي اچوس.“ تنهنڪري نوڪرن پاڻي کي مير
مجلس کي پيش ڪيو. ٩ ۽ جڏهن دعوت جي
مير مجلس جڏهن ان جو مزو چکيو ته معلوم
ٿيو ته پاڻي انگوررس ۾ تبديل ٿي ويو هيو انهن
ماڻهن اهو نه ڄاڻيو ته انگوررس ڪٿان آئي پر
نوڪرن جيڪي پاڻي کڻي آيا هيا انهن کي معلوم
هيو ته انگوررس ڪيئن آئي. مير مجلس گهوٽ
کي گهرايو. ١٠ ۽ گهوٽ کي چيو، ”ماڻهون
هميشه پهريان بهترين انگورس سان مهمان
نوازي ڪندا آهن ۽ جڏهن پي ڪري ڍائو ٿي
ويندا آهن تڏهن سادو انگوررس ڏيندا آهن پر تون
اڃو انگوررس هاڻي تائين بچائي رکي آهي.“
١١ اهو پهريون معجزو هيو جيڪو يسوع
ڪيو. ان معجزي کي ان گليل جي شهر قانا ۾
ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي جلال کي ڏيکاريو
۽ ان جا ساٿي ايمان آندو.
١٢ تڏهن يسوع پنهنجي ماءُ ڀائرن ۽ شاگردن
سان گڏ ڪفرناحوم ڏانهن ويو ۽ اتي ڪجهه
ڏينهن ٺهريو.

## يسوع جو هيڪل ۾ وڃڻ

*(متّي ٢١: ١٢-١٣؛ مرقس ١١: ١٥-١٧؛ لوقا ١٩: ٤٥-٤٦)*

١٣ يهودين فسح[2] ويجهو هئي جيئن ته يسوع
يروشلم ويو. ١٤ يسوع يروشلم هيڪل ويو اتي
ان ڏٺو ته ماڻهون مهويشي مال ڪبوتر فروخت
ڪري رهيا آهن ۽ ٻين ماڻهن ميز تي ويٺل پئسن
جو ڏي وٺ ڪري رهيا آهن. ١٥ يسوع نوڙين
جو ڇهبڪ تيار ڪيا ۽ ماڻهن کي ڊچائي ڪري
انهن ۽ تمام مويشي مال ۽ ڪبوترن کي هيڪل
جي ٻاهر ڪري ڇڏيو ۽ ميز تي ويٺل ماڻهن
ڏانهن وڃي ڪري انهن جي ميز کي الٿائي ڇڏيو
۽ ٻاهر ڪري ڇڏيون ۽ انهن جي رقم کي ڦٽي
ڪري ڇڏيو. ١٦ تڏهن يسوع انهن ماڻهن کي
چيو جيڪي ڪبوتر فروخت ڪري رهيا هئا،
”اهي سڀ ڪجهه کڻي ڪري هتان هليا وڃو.
منهنجي پيءُ جي گهر کي بازار نه بڻايو.“
١٧ جڏهن اهو واقعو پيش آيو تڏهن يسوع جي
شاگردن ياد ڪيو ته صحيفن ۾ جيڪو لکيل آهي:

”تنهنجي گهر جي غيرت مون کي کائي
ويندي“ *زبور ٦٩: ٩*

١٨ يهودين يسوع کي چيو، ”اسان کي ڪوئي
معجزو ڏيکار جيڪو ثابت ڪري ته ايئن ڪرڻ
جو اختيار رکين ٿو.“

---

[1] ١: ٥١ اقتباس پيدائش ٢٨: ١٢

[2] ٢: ١٣ **فسح** يهودين جو پاڪ ڏينهن ان ڏينهن هڪ خاص ڪاڌو ٿيندو آهي اهو ياد رکڻ جي لاءِ ته ان ڏينهن مصر ۾ خدا انهن غلامن کان آزاد ڪيو هيو موسيٰ جي زماني ۾.

١٩ يسوع جواب ڏنو، ”هن هيڪل کي تباهه
ڪريو آئون ان کي ٽن ڏينهن بڻائيندس.“
٢٠ يهودين چيو، ”ماڻهن ان هيڪل کي ناهڻ
لاءِ ٤٦ سال لڳايا آهن ڇا توهان کي يقين آهي ته
ان کي ٻيهر تيار ڪرڻ ۾ ٽي ڏينهن ۾ ناهيندين؟“
٢١ پر هيڪل چوڻ سان يسوع جي مراد
پنهنجو جسم هيو. ٢٢ جڏهن اهو مرڻ مان زنده
ٿيو تڏهن ان جي شاگردن کي ياد آيو ته ان ائين
چيو هيو ۽ انهن صحيفي تي ۽ يسوع جي قول
تي ايمان آندو.
٢٣ جڏهن يسوع فسح جي عيد تي يروشلم
۾ هيو ڪئي ماڻهون اُن جي معجزن کي ڏسي
ڪري يسوع تي ايمان آندو. ٢٤ پر يسوع
انهن تي ڀروسو نه ڪيو ڇو ته يسوع کي اهي
تمام گهڻا ماڻهن جي خبر هئي. ٢٥ يسوع اهو
ضروري نه سمجهيو ته ڪوئي ان کي ماڻهن
جي باري ۾ ٻڌائي ان جي لاءِ ته ان کي معلوم
هيو ته انهن ماڻهن جي دماغن ۾ ڇا آهي.

## يسوع ۽ نيڪوديُمس جي وچ ۾ بحث

٣ ١ فريسين مان نيڪوديُمس نالي هڪ
شخص هيو. اهو يهودين جو هڪ اهم
سربراهه هيو. ٢ هڪ رات نيڪوديُمس يسوع
ڏانهن آيو ۽ چيو، ”اي استاد! اسان ڄاڻون ٿا
ته تون استاد آهين جيڪو خدا جي طرف کان
موڪليو ويو آهين. ڪوئي ٻيو ماڻهون ان
معجزن جي بغير خدا جي مدد کي نه ڏيکاري
سگهي ٿو.“
٣ يسوع جواب ڏنو، ”آئون توهان کي سچ
چوندو آهيان ته ماڻهون ٻيهر پيدا ٿيڻ گهرجي
جيڪڏهن اهو ٻيهر پيدا نه ٿي ها ته اهو خدا جي
بادشاهت ۾ نه رهي سگهي ها.“
٤ نيڪوديمس چيو، ”پر هڪ ماڻهون جيڪو
ٻهريان ئي پوڙهو آهي اهو ڪهڙي طرح پيدا ٿي
سگهي ٿو. ماڻهون ٻيهر پنهنجي ماءُ جي جسم ۾
داخل نه ٿو ٿي سگهي انهيءَ لاءِ ماڻهون ٻيهر
پيدا نه ٿو ٿي سگهي.“
٥ پر يسوع چيو، ”آئون توهان کي سچ چوان
ٿو ته ماڻهون پاڻي ۽ روح مان پيدا ٿيڻ گهرجي
جيڪڏهن ماڻهون پاڻي ۽ روح مان پيدا ناهي
ٿيندو. ته خدا جي بادشاهت ۾ داخل نه ٿي
سگهندو. ٦ هڪ ماڻهون جو جسم ان جي والدين
جي ذريعي پيدا ٿيندو آهي پر هڪ ماڻهو کي
روحاني زندگي صرف روح کان پيدا ٿيندي
آهي. ٧ منهنجي چوڻ تي حيران نه ٿيو توهان
کي ٻيهر پيدا ٿيڻو گهرجي. ٨ هوا جو ڪٿان به
هلي سگهي ٿو توهان هوا جي ٻڌي سگهو ٿا پر
اهو نه ٿا ڄاڻون ته هوا آئي ڪٿان کان ۽ ڪٿان
ويندي اهوئي هر ان ماڻهون سان ٿيندو آهي
جيڪو روح مان پيدا ٿيندو آهي.“
٩ نيڪوديمس پڇيو، ”اهو سڀ ڪهڙي طرح
ممڪن آهي.“
١٠ يسوع چيو، ”ڇو ته توهان هڪ يهودين جا
اهم استاد آهيو پوءِ به توهان انهن ڳالهين کي نٿا
سمجهي سگهو. ١١ آئون توهان کي سچ چوان ٿو
ته اسان جيڪو ڪجهه ڄاڻون ٿا ان جي متعلق
ڳالهه ڪندا آهيون اسان اهوئي چوندا آهيون
جيڪو ڏسندا آهيون پر توهان اهو ناهي قبول
ڪيو جيڪي اسان توهان کي چئون ٿا. ١٢ آئون
توهان کي انهن شين جي متعلق جيڪي زمين
تي آهن چئي چڪو آهيان پر توهان مون تي
يقين نه ٿا ڪريو ته پوءِ توهان ڪهڙي طرح
ان ڳالهه جو يقين ڪندا جيڪڏهن مان آسماني
ڳالهين جي متعلق ٻڌايان. ١٣ ڪوئي به آسمان
تائين ناهي ويو سواءِ ان جي جيڪو آسمان کان
آيو يعني ابن آدم.'
١٤ ”موسيٰ رڻ پٽ مان نانگ ڪٽي آيو اهڙي
طرح ابن آدم کي به ڪنيو ويندو. ١٥ انهيءَ لاءِ
اهي ماڻهون ابن آدم تي ايمان آڻيندو آهي اهو
هميشه جي زندگي پائيندو آهي.“
١٦ ها! خدا جهان سان اهڙي محبت رکي آهي
ته ان پنهنجو پٽ ان کي ڏيئي ڇڏيو. خدا پنهنجو
پُٽ ڏنو ته هر ماڻهو جيڪو ان تي ايمان آڻي
اهو برباد نه ٿيندو آهي پر هميشه جي زندگي
پائيندو آهي. ١٧ خدا پنهنجو پُٽ ان لاءِ جهان ۾
نه موڪليو ته اهو ڏوهارين جي عدالت ڪري
بلڪه خدا پنهنجو پُٽ انهيءَ لاءِ موڪليو ته ان
جي ذريعي جهان جي نجات ٿي. ١٨ جيڪو
شخص خدا جي پٽ تي ايمان آندو آهي ان تي
سزا جو حڪم نه ٿيندو. پر جيڪي ان تي ايمان
نه آڻيندا ان جي عدالت ٻهريان ئي ٿي چڪي

' ٣: ١٣ ابن آدم هي نالو يسوع خود پنهنجي لاءِ استعمال ڪيو.

آهي. انهيءَ لاءِ ته اهي خدا جي پُٽ تي ايمان نه
آندو. ١٩ ماڻهن جي عدالت اهڙي طرح هوندي
ته نور دُنيا ۾ آيو پر انسان نيڪي جي طرف
ناهي آيو اهو گناهن جي طرف مائل ٿيو. چالاءِ
جو اهو پچڙا ڪم ڪري ٿو. ٢٠ هر اهو ماڻهون
جيڪو پچڙاڪم ڪندو آهي اهو نڪي ناهي
ڪندو ۽ نيڪي جي طرف نه ايندو آهي چالاءِ
جو ته نيڪي جي طرف اچڻ سان ان جي برايون
ظاهر ٿين ٿيون. ٢١ پر جيڪو شخص سچو
رستو اختيار ڪندو آهي نُور جي طرف وڌندو
آهي اهو چاڻي ٿو ته نيڪ ڪم اهو جو ڪندو
آهي اهو خدا جي طرفان آهي.[1]

## يسوع ۽ بپتسمه ڏيڻ وارو يوحنّا

٢٢ ان ڪان بعد ۾ يسوع ۽ ان جا ساٿي يهوداه
جي علائقي جي طرف روانه ٿيا اتي يسوع ٽڪي
ڪري ماڻهن کي بپتسمه ڏني. ٢٣ يوحنا به ماڻهن
کي عونين ۾ بپتسمه ڏنو. عونين شاليم جي ويجهو
آهي. يوحنا اتان جي ماڻهن کي بپتسمه ڏنو چو ته
اتي پاڻي گهڻو هيو. ماڻهن اتان بپتسمه جي لاءِ
ويندا هيا ٢٤ اهو واقعو يوحنا کي قيد ۾ وجهڻ
ڪان پهريان ٿيو هيو.
٢٥ يوحنا سان ڪجهه شاگردن بين يهودين
سان بحث ڪيو چيو ته اهي مذهبي طهارت جي
متعلق وضاحت چاهن پيا. ٢٦ يوحنا جا شاگرد
ان ڏانهن آيا ۽ چيائون، ”اي استاد چا توهان کي
اهو ماڻهون ياد آهي جيڪي درياءِ يردن جي هُن
پار توهان سان گڏ هيو توهان ماڻهن کي انهيءَ
جي متعلق چئي رهيا هيا. اهو شخص بپتسمه
ڏيئي رهيو هيو ۽ ڪئي ماڻهون ان ڏانهن وڃن
پيا.“
٢٧ يوحنا چيو، ”ماڻهون اهو ئي وٺي سگهي ٿو
جيڪي خدا ان کي عطا ڪندو آهي. ٢٨ جيڪو
ڪجهه مان چيو توهان اهو ٻڌو مان يسوع نه
آهيان مان اهو آهيان جنهن کي خدا ان جي رستو
ڏيڪارڻ لاءِ موڪليو آهي. ٢٩ ڪنوار صرف
گهوٽ جي لاءِ هندي آهي. دوست جيڪي گهوٽ
جي مدد ڪندا آهن ٻڌندا آهن ۽ گهوٽ جي آمد
۾ انتظار ڪندا آهن ۽ اهي دوست جي گهوٽ
جو آواز ٻڌندا آهن ته سرها ٿيندا آهن ۽ اها ئي
سرهائي آئون محسوس ڪيان ٿو ۽ منهنجي
سرهائي هاڻي مڪمل ٿي ويئي آهي. ٣٠ اهو
گهڻي جلال وارو هوندو ۽ منهنجي اهميت گهٽ
هوندي.

## هڪ اهو جيڪو آسمان مان آيو آهي

٣١ ”جيڪو آسمان مان آيو آهي ٻيو تمام
ماڻهن کان گهڻو زياده مٿانهون آهي ۽ اهو ماڻهو
جيڪي زمين سان تعلق رکندو آهي زمين جو
آهي اهو زمين جي شين جي متعلق ئي چوندو.
پر جو آسمان کان آيو آهي اهو سڀ کان مٿانهون
آهي. ٣٢ ان کي جيڪو ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو آهي
اهوئي چوندو آهي پر ماڻهون ان کي چوڻ جي
لاءِ نه مڃن ٿا. ٣٣ اهو ماڻهون جيڪو يسوع
جو چيو مڃيندو آهي اهو ان ڳالهه ثبوت آهي
ته خدا هميشه سچ ئي چوندو آهي. ٣٤ خدا ان
کي موڪليو ۽ هو اهو ئي چوندو آهي جيڪو
ڪجهه خدا چيو خدا ان جي روح کي پورو
اختيار مڪمل طور تي ڏنو آهي. ٣٥ پيءُ پُٽ
سان محبت رکندو آهي ۽ ان کي هر شيءِ تي
اختيار ڏنو آهي. ٣٦ جيڪو شخص پُٽ تي
ايمان آڻيندو ان جي زندگي هيمشه جي زندگي ۽
جيڪي شخص پُٽ جي اطاعت نه ڪري ان جي
زندگي ابدي ناهي ۽ خدا جو غضب اهڙو انسان
تي ٿيندو آهي.“

## يسوع جي سامري زال سان ڳالهايون ڪرڻ

٤ ١ فريسين ٻڌو ته يسوع يوحنا کان
وڌيڪ ماڻهن کي پنهنجو شاگرد ڪري
رهيو آهي ۽ انهن کي بپتسمه ڏيئي رهيو آهي.
٢ پر يسوع بذات خود ماڻهن کي بپتسمه نه ڏني
انهيءَ جي طرفان ان جي شاگردن ئي بپتسمه
ڏني. ٣ يسوع ٻڌو ته فريسين ان جي متعلق ٻڌو
آهي. ٤ يسوع يهوداه کان واپس ٿي ڪري گليل
پهتو گليل جي رستي جي وچڻ مهل يسوع کي
سامريه کان گذرڻو پيو.
٥ سامريه ۾ يسوع جي آمد شهر سوخار ۾ هئي
اهو شهر انهيءَ ٻنين جي ويجهو هيو جنهن کي
يعقوب پنهنجي پُٽ يوسف کي ڏنو هيو. ٦ يعقوب
جو کوهه اتي هيو. يسوع پنهنجي ڊگهي سفر کان
ٿڪي پيو هيو ٻيهپري جو وقت هيو ۽ اهو کوهه

[1] ٣: ٢١ آيت ١٦-٢١ ڪجهه عالم آيت ٢١-١٦ جي باري ۾ سوچيندا آهن ته هي يسوع جو ڪلام آهي. ٻيا سوچيندا آهن ته ان کي يوحنا لکيو آهي.

جي ويجهو ويهي رهيو. ٧ هڪ سامري[1] عورت
کوهه جي ويجهو پاڻي ڪڍڻ آئي يسوع ان کي
چيو، ”براهه ڪرم مون کي پاڻي پيئڻ لاءِ ڏي.“
٨ ان وقت يسوع جا شاگرد شهر مان کاڌو وٺڻ
لاءِ ويا هيا.
٩ سامري زال چيو، ”مون کي حيراني آهي
ته تون مون کان پاڻي پيئڻ جي لاءِ گهري رهيو
آهين. تون يهودي آهين ۽ مان سامري زال
آهيان“ (يهودي سامرين جا دوست نه آهن)
١٠ يسوع چيو، ”يسوع جواب ڏيئي چيس ته جي
توکي خدا جي بخشش جي خبر هجي ها ۽ ڄاڻي
ها ته توکي پاڻي پياري ها ته تون جيڪر هن کان
گهرين ها، ۽ هو توکي زندگيءَ جو پاڻي ڏئي ها.“
١١ زال چيو، ”سائين! توهان وٽ ڪا اهڙي
شيءِ ناهي جنهن سان پاڻي وٺو ۽ کوهه اوڈو تمام
گهرو آهي پوءِ توهان مون کي ڪيئن زندگي جو
پاڻي ڏيندا. ١٢ ڇا تون اسان جي پيءُ يعقوب کان
وڏو آهين جنهن اسان کي کوهه ڏنو آهي؟ ۽ پاڻ
خود ان جي پُٽ ۽ ان جي مال مويشي پاڻ ان
مان پاڻي پيتو آهي.“
١٣ يسوع جواب ڏنو، ”هر اهو ماڻهون جيڪو
هن مان پاڻي پيئندو اهو پوءِ به اڃايو ئي رهندو.
١٤ پر جيڪو مان ڪوئي پاڻي ان مان ڏيندس
اهو ابد تائين پياسو نه هوندو ۽ منهنجو ڏنل پاڻي
ان جي لاءِ چشمو بڻجي ويندو جيڪو هميشه جي
زندگي جي لاءِ هوندو.“
١٥ زال يسوع کي چيو، ”ته پوءِ اهو پاڻي مون
کي به ڏي ته وري ڪڏهن اڃايل نه رهان ۽ نه
ئي وري ڪڏهن پاڻي ڪڍڻ اچان.“
١٦ يسوع چيو، ”وڃ ۽ وڃي پنهنجي مڙس
کي وٺي آ.“
١٧ زال جواب ۾ چيو، ”منهنجو ڪو مڙس نه
آهي.“ يسوع چيو، ”تون سچ چيو تنهنجو مڙس
ناهي. ١٨ جڏهن ته تون پنج مڙس ڪري چڪي
آهين ۽ هاڻي تون جنهن سان گڏ آهين اهو تنهنجو
مڙس ناهي ۽ اهو تون سچ چيو.“ ١٩ زال چيو،
”مان ڏسي رهي آهيان ته تون نبي آهين. ٢٠
اسان جي ابن ڏاڏن ان جبل تي عبادت ڪئي پر
توهان يهودي اهو چوندا آهيو ته يروشلم ئي اهو
صحيح جڳهه آهي جتي عبادت ڪئي وڃي.“
٢١ يسوع چيو، ”اي عورت يقين ڪر ته اهو
وقت اچي رهيو آهي ته نه تون يروشلم ويندينءَ
نه جبل تي خدا جي عبادت ڪنديءَ. ٢٢ سامري
ماڻهون ڪجهه اهڙين شين جي عبادت ڪندا
آهن جيڪي تون پاڻ نه ٿي ڄاڻين، ”اسان يهودي
ڄاڻون ٿا ڪهڙي طرح عبادت ڪبي آهي ڇالاءِ
جو نجات يهودين سان ئي آهي. ٢٣ اهو گهڙي
اچي رهي آهي ۽ اهو هاڻي هتي آهي جڏهن ته
سچي عابد پيءُ جي عبادت روح ۽ سچائيءَ سان
ڪنداسين. تون مقدس پيءُ اهڙن ئي ماڻهن کي
چاهين ٿو جيڪي ان جي عابد آهن. ٢٤ خدا روح
آهي ۽ ان جي عابدن کي روح ۽ سچائي کان
عبادت ڪرڻي پوندي.
٢٥ زال جواب ڏنو، ”مان ڄاڻان ٿي مسيحا
(يعني مسيح) اچي رهيو آهي ۽ جڏهن اهو ايندو
اسان کي هر شيءِ سمجهائيندو.“
٢٦ يسوع چيو، ”اهوئي شخص تو سان ڳالهائي
رهيو آهي ۽ مان ئي مسيح آهيان.“
٢٧ ان وقت يسوع جا شاگرد شهر کان واپس
آيا اهي ماڻهون حيران ٿيا ته يسوع هڪ زال
سان ڳالهائي رهيو آهي پر ڪنهن به نه پڇيو،
”توهان کي ڇا گهرجي“ ۽ ”توهان ان زال سان
ڇو ڳالهائي رهيا آهيو.“
٢٨ تڏهن اها عورت پاڻي جو دلو ڇڏي ڪري
هلي ويئي ۽ ان شهر ۾ ماڻهن کي چيو. ٢٩ ”هڪ
ماڻهون مون سان هر اها ڳالهه ڪئي آهي جيڪا
مان ڪئي آهي اچو ان کي ڏسو ممڪن آهي اهو
مسيح آهي.“ ٣٠ ۽ ماڻهون يسوع کي ڏسڻ لاءِ
شهر کان اچڻ لڳا.
٣١ جڏهن اها عورت شهر ۾ هئي يسوع جي
شاگردن التجا ڪئي. ”اي استاد ڪجهه کائو.“
٣٢ پر يسوع جواب نه ڏنو، ”آئون وٽ اهڙو
کاڌو کائڻ لاءِ اهڙو کاڌو آهي جنهن کي توهان
نه ٿا ڄاڻون.“
٣٣ پوءِ شاگرد پاڻ ۾ سوال ڪرڻ لڳا، ”ڪيا
ڪوئي يسوع کي کائڻ لاءِ ڪجهه ڏيئي ويو آهي؟“
٣٤ يسوع چيو، ”منهنجو کاڌو اهوئي آهي ته ان
جي مرضي جي مطابق ڪم ڪريان جنهن مون
کي موڪليو آهي. منهنجو کاڌو اها ئي آهي ته
آئون ان ڪم کي پورو ڪريان جيڪو خدا مون

[1] ٤: ٧ **سامري** سامريه جي رهڻ واري. هي يهودي گروهه جو هڪ حصو آهي. پر يهودي ان کي خالص يهودي تسليم ناهن ڪندا آهن. نفرت ڪندا آهن.

جي ذمي ڪيو آهي. ٣٥ جڏهن توهان پوکيو ٿا
ته چوندا آهيو ته فصل لڻڻ ۾ چار مهينا گهرجن
پر آئون توهان کي چوان ٿو ته پنهنجون اکيون
کوليو ۽ ماڻهن کي ڏسو اهي فصل جي مانند
ڪٽڻ جي لاءِ تيار آهن. ٣٦ لاهاري پنهنجي
لائي پائيندو ۽ اندورني زندگي جي لاءِ ڦل ڳڏ
ڪندو آهي ته فصل پوکڻ لاءِ ۽ ڪٽڻ وارا ٻئي
خوش رهن.“ ٣٧ ماڻهون چون ٿا ته اهي صحيح
آهن فصل ڪوئي پوکيندو آهي ۽ فائدو ٻيو ڪٽندو
آهي. ٣٨ آئون توهان کي فصل جي ڪاشت جي
لاءِ موڪليو آهي جنهن جي پوکڻ ۾ توهان محنت
ناهي ڪئي پر ٻين محنت ڪئي آهي ۽ توهان
انهن جي محنت جو سِلو پايو ٿا.“
٣٩ ان شهر جا ڪئي سامري ماڻهون يسوع
تي ايمان آندو انهن ماڻهن ان زال جي ڳالهه تي
يقين ڪيو جيڪو ان چيو هيو، ”يسوع اهو سڀ
ڪجهه چيو جيڪو مان ڪيو.“ ٤٠ سامري
يسوع ڏانهن آيا ۽ ان کي درخواست ڪئي اهو
انهن وٽ ٺهري اهڙي طرح يسوع انهن وٽ ٻه
ڏينهن ٽڪي پيو. ٤١ جيڪو ڪجهه يسوع چيو
ان تي گهڻن ماڻهن ايمان آندو.
٤٢ ماڻهن زالن کي چيو، ”سڀ ڪان پهريان
اسان يسوع تي ايمان آڻيو ڇالاءِ جو توهان اسان
کي چيو. پر اسان يقين رکون ٿا ته اسان پاڻ ان
کي ٻڌي چڪا آهيون. اسان کي سچائي معلوم
آهي ته اهوئي نجات ڏيارڻ وارو آهي جيڪو دنيا
کي بچائيندو.“

## يسوع جو وزير جي ٻار کي شفاءِ ڏيڻ

*(متي ٨: ٥-١٣؛ لوقا ٧: ١-١٠)*

٤٣ ٻن ڪان بعد يسوع شهر ڇڏيو ۽ گليل روانو
ٿي ويو. ٤٤ يسوع چئي چڪو هيو ته ان ڪان
قبل ماڻهن پنهنجي شهر ۾ ڪنهن نبي جي عزت
نه ڪئي هئي. ٤٥ جڏهن يسوع گليل پهتو ته
ماڻهن انهن کي خوش آمديد چيو. انهن ماڻهن اهو
سڀ ڪجهه پنهنجين اکين سان ڏٺو هيو جيڪو
يروشلم ۾ يسوع فسح جي عيد تي انهن جي
سامهون ڪيو هيو.
٤٦ يسوع ٻيهر گليل شهر قانا روانو ٿيو. قانا
ئي اهو شهر آهي جتي يسوع پاڻي کي انگوررس
۾ تبديل ڪيو هيو. بادشاهه جي افسرن ۾ هڪ
اهم افسر ڪفرنحوم جي شهر ۾ رهندو هيو ان
افسر جو هڪ پٽ بيمار هيو. ٤٧ ماڻهن کي
معلوم پيو ته يسوع يهوداه کان آيا آهن ۽ گليل ۾
آهي ۽ اهي ماڻهون شهر قانا ۾ يسوع ڏانهن ويا
۽ التجا ڪئي ته يسوع شهر ڪفرناحوم اچي
۽ ان ٻار جو علاج ڪري. افسر جو پٽ لڳ
ڀڳ مري چڪو هيو. ٤٨ يسوع انهن کي چيو،
”جڏهن توهان ماڻهون معجزن ۽ ڪرامتون نه
ڏسندا تيسيتائين مون تي ايمان نه آڻيندءُ.“
٤٩ بادشاهه جي وزير درخواست ڪئي،
”منهنجو پٽ مرڻ جي قريب آهي ان جي موت
کان پهريان هلو.“
٥٠ يسوع چيو، ”وڃ تنهنجو ٻار زنده رهندو!“
۽ ان شخص کي يسوع جي ڳالهه تي ايمان هيو
يسوع جي چوڻ تي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو.
٥١ راستي ۾ ان جو نوڪر مليو ان چيو،
”تنهنجو ٻار هاڻي بچي ويو آهي.“
٥٢ تڏهن ان نوڪر کان پڇيو، ”منهنجو پٽ
ڪهڙي مهل ٺيڪ ٿيو.“ نوڪر جواب ڏنو،
”ڪلهه تقريبن هڪ بجي ان جو تپ گهٽ ٿيو.“
٥٣ ان چوڪري جي پيءُ (افسر) خيال ڪيو
هڪ بجي جي وقت ئي هيو جنهن وقت يسوع
چيو هيو، ڇوڪرو زنده رهندو، تڏهن اهو ۽ ان
جي گهر جي تمام ماڻهن يسوع تي ايمان آندو.
٥٤ اهو ٻيو معجزو هيو جيڪو يسوع يهوداه
کان گليل اچڻ کان بعد ڪيو هيو.

## چشمتي تي لاعلاج مريضن کي شفاءِ

٥ ١ ان کان اهو بعد يهودين جي هڪ
تقريب تي يروشلم روانو ٿيو. ٢ يروشلم ۾
رڍن وارو دروازي جي ويجهو تلاءُ آهي جيڪي
پنج هزار ڏنڍين تي مشتمل آهي ۽ عبراني زبان
۾ بيد حسدا سڏرائبو هيو. ٣ ڪئي بيمار انڌهن
لنگڙن ۽ اڌ رنگي واري ماڻهن ان تلاءَ جي
ويجهو رهندا هيا ۽ پاڻي جي ڳوڙ جو انتظار
ڪندا هئا. ٤[١] ٥ انهي هنڌ تي هڪ شخص هيو

---

[١] **٥: ٤ آيت ٣ ۽ ٤** آيت ٣ جي آخر ۾ ڪجهه يوناني صحيفن ۾ اهو حصو جوڙيو ويو آهي ”اهي پاڻي جي وهڻ جو انتظار ڪيو“ ۽ ڪجهه حال جي صحيفن ۾ آيت ٤ جوڙي وئي آهي.“ ڪڏهن خداوند جي فرشتي اچي حوض جي پاڻي کي دوڙايو، فرشتي جي ائين ڪرڻ کان بعد ڪوئي به بيمار شخص جيڪو ان ۾ سڀ کان پهريان لهندو ان کي شفاء ملي ويئي ان کي ڪهڙي ئي بيماري چو نه هجي.“

جيڪو تقريبن اٺٽيهن سالن کان بيمار هيو. ٦
جڏهن يسوع ان کي اتي ڏٺو ۽ اهو ڄاڻي ڪري
ته اهو اٺٽيهن سالن کان بيمار آهي انکان پڇيو،
”ڇا تون صحت پائڻ چاهين ٿو.“
٧ ان ماڻهون جواب ڏنو، ”سائين مون وٽ
ڪوئي ماڻهون نه آهي جيڪو هن وقت مون
جي مدد ڪري سگهي، جڏهن ملائڪ پاڻي کي
هلائيندي آهي ته جڏهن مان پهچندو آهيان ته
اتي ڪوئي ٻيو ان ۾ لهي ويندو آهي.“
٨ يسوع چيو، ” اٿ ۽ پنهنجو ڪٽولو کڻي هل
۽ گهم ڦر.“ ٩ اهو ماڻهون فورن سٺو تندرست
ٿي ويو اهو پنهنجو ڪٽولو کڻي ڪري هلڻ لڳو.
اهو واقعو جنهن وقت ٿيو هو ان وقت سبت جو
ڏينهن هيو. ١٠ ان لاءِ يهودين جيڪي ماڻهون
تندرست ٿيا هئا انکي چوڻ لڳا، ”اڄ سبت جو
ڏينهن آهي اسان جي شريعت جي خلاف آهي ته
توهان پنهنجا ڪٽولي کي سبت جي ڏينهن کڻ.“
١١ پر ان ماڻهون چيو، ”جنهن ماڻهون شفاءِ
ڏني ان چيو ته پنهنجا ڪٽولو کڻو ۽ گهم ڦر.“
١٢ يهودين ان کي دريافت ڪيو، ”ڪير آهي
اهو ماڻهون جنهن توکي ڪٽولي کي کڻي هلڻ لاءِ
چيو آهي.“
١٣ پر اهو ماڻهون جنهن کي شفاءِ ملي هئي
نه ڄاڻي ٿو ته اهو ڪير هيو ان هنڌ تي ڪئي
ماڻهون هيا ۽ يسوع اتان هليا ويا هئا.
١٤ بعد ۾ يسوع ان ماڻهون کي هيڪل ۾ مليو
يسوع ان کي چيو، ”ڏس تون هاڻي چڱو ڀلو ٿي
ويو آهين پر هاڻي گناهن جي ۽ بري ڳالهين کان
بچجا نه ته تون جو برو ٿيندو.“
١٥ تڏهن اهو ماڻهون اتان نڪري ان يهودين
ڏانهن آيو ۽ چيو يسوع ئي اهو ماڻهون هيو جنهن
مون کي چڱو ڀلو ڪيو.
١٦ يسوع اهڙي طرح جي شفاءِ سبت جي
ڏينهن ڏني هئي. ان وجهه سان يهودين يسوع
سان خراب سلوڪ ڪرڻ شروع ڪيو. ١٧ پر
يسوع يهودين کي چيو، ”منهنجو پيءُ ڪڏهن به
ڪم کان نه رڪندا ان لاءِ مان به ڪم ڪندو
رهندس.“ ١٨ انهن ڳالهين کي يهودين کي مجبور
ڪيو ته اهي ان کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش
ڪرن. ڀهريان ته يسوع شريعت جي خلاف
ورزي ڪئي پوءِ خدا کي پنهنجو پيءُ چئي
ڪري پنهنجو پاڻ کي خدا جي برابر بڻايو.

## يسوع جو اختيار خدا جي طرفان آهن

١٩ يسوع چيو، ”آئون توهانکي سچ چوان ٿو ته
پُٽ پنهنجو پاڻ سان ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي
پُٽ اهو ئي ڪندو آهي جيڪو اهو پنهنجي پيءُ
کي ڪندي ڏسي. ٢٠ پيءُ پُٽ سان محبت ڪندو
آهي انهيءِ لاءِ اهو سڀ ڪجهه پنهنجي پُٽ کي
ٻڌائي ڇڏيندو آهي جيڪو اهو ڪندو آهي. انکان
علاوه ان کان به وڌو ڪم ڏيکاريندو آهي جنهن
سان توهان حيران ٿي ويو. ٢١ جيئن پيءُ مردن
مان زنده ڪي ڪڍندو آهي. اهڙي طرح پٽ به
مردن کي زنده ڪڍندو آهي.
٢٢ ڇالاءِ جو پيءُ ڪنهن عدالتي ڪارروائي
ناهي ڪندو انهيءَ لاءِ ڪجهه پٽ جي حوالي
ڪندو آهي. ٢٣ اهڙي طرح جيئن پيءُ جي
عزت ڪندا آهن اهڙي طرح پُٽ به عزت ڪندو
۽ جيڪو پُٽ جي عزت نه ڪندو آهي ته اهو
پيءُ جي عزت ناهي ڪندو. اهو پيءُ ئي آهي
جنهن پُٽ کي موڪليو آهي.
٢٤ آئون توهان کي سچ چوان ٿو ته جيڪڏهن
ڪوئي منهنجو ڪلام ٻڌي ڪري ان تي ايمان
آڻيندو آهي جنهن مون کي موڪليو ويو آهي ته
ان کي هميشه جي زندگي نصيب ٿيندي آهي.
ان تي ڪنهن به قسم جي سزا جو حڪم ناهي.
ڇالاءِ جو اهو موت کان نڪري ڪري زندگي
۾ داخل ٿي ويندو آهي. ٢٥ آئون توهان کي سچ
چوان ٿو ته هڪ اهم وقت اچڻ وارو آهي بلڪه
هاڻي به آهي جيڪي ماڻهون گناهن ۾ مري ويا
آهن اهي خدا جي پُٽ جو آواز ٻڌندا ۽ جيڪي
ٻڌي رهيا آهن اهي ٻڌندا رهندا. ٢٦ زندگي جو
ڏيڻ پيءُ جي طرفان آهي ان لاءِ پيءُ پُٽ کي
اجازت ڏني آهي ته زندگي ڏي. ٢٧ پيءُ پُٽ کي
عدالت جو به اختيار ڏنو آهي ڇالاءِ جو اهو ئي
ابن آدم آهي.
٢٨ ان تي تعجب ڪرڻ جي ضرورت ناهي
ڇالاءِ جو اهو وقت اچي رهيوآهي جڏهن ته مئلن
ماڻهن جي قبرن ۾ آهي ان جي آواز ٻڌي سگهندا.
٢٩ تڏهن اهي ماڻهون پنهنجين قبرن مان نڪرندا
۽ جن سٺا اعمال ڪيا آهن انهن کي هميشه جي
زندگي ملندي ۽ جن ماڻهن برايون ڪيون آهن
انهن کي مجرم قرار ڏنو ويندو.
٣٠ ”مان پنهنجو پاڻ سان ڪجهه نه ٿو ڪري
سگهان جهڙي طرح مون کي حڪم مليل آهي

اهڙي طرح عدالت صحيح آهي ڇالاءِ جو ته
مان پنهنجي خوشي يا مرضيءَ سان نه ڪندو
آهيان. پر مان اهوئي ڪندو آهيان جنهن مون کي
پنهنجي مرضيءَ سان موڪليو آهي.

## يسوع جي مسلسل يهودين سان ڳالهه ڪرڻ

٣١ جيڪڏهن مان ماڻهن کي پنهنجي متعلق
ڪجهه چوان ته اها منهنجي شاهدي تي ڪڏهن
به يقين نه ڪندا ۽ جيڪو مان چوان ٿو اهو
نه مڃيندا. ٣٢ پر هڪ ٻيو ماڻهون آهي جيڪو
ماڻهن کي منهنجي باري ۾ چوندو آهي ۽ مان
ڄاڻان ٿو ۽ مان ڄاڻان ٿو اهي جيڪي منهنجي
باري ۾ چوندو آهي اهو سچ آهي.
٣٣ ” توهان ماڻهن کي يوحنا ڏانهن موڪليو
۽ ان توهان کي سچائي ٻڌائي. ٣٤ مان ضروري
نه ٿو سمجهان ڪوئي منهنجي نسبت ماڻهن کي
چئي پر مان اهو سڀ ڪجهه توهان کي ٻڌايان
ٿو ته توهان بچي رهو. ٣٥ يوحنا هڪ ڏيئي
جي مثل هيو جيڪو ٻاڻ کي ٻين جي لاءِ روشني
پهچائيندو رهيو ۽ توهان ڪجهه ڏينهن جي لاءِ
روشني کان فائدو حاصل ڪيو.
٣٦ پر مان پنهنجي باري ۾ شاهدي رکندو
آهيان جيڪو يوحنّا کان وڌيڪ آهي مان ڪندو
آهيان اهوئي شاهدي آهي ۽ اهي ئي شيون
منهنجي پيءُ مون کي عطا ڪئي آهي جيڪا
اها ظاهر ڪندي آهي ته منهنجي پيءُ مون کي
موڪليوآهي. ٣٧ جنهن پيءُ مون کي موڪليو
آهي منهنجي لاءِ شاهديون به ڏنيون آهن پر
توهان ماڻهن کي ان جي آواز ناهي ٻڌي ۽ توهان
اهو به نه ڏٺو اهو ڪئين آهي. ٣٨ منهنجي پيءُ
جي تعليمات جي ڪوئي اثر ۾ ناهي ڇالاءِ ته
توهان ان تي يقين نه رکندا آهيو جنهن کي پيءُ
موڪليو آهي. ٣٩ توهان صحيفن ۾ بغور ڳوليندا
آهيو ۽ اهو سمجهندا آهيو ته ان ۾ توهان کي ابدي
زندگي ملندي. پر ان صحيفن ۾ توهان کي منهنجا
ئي شاهدي ملندي. جيڪي منهنجي طرف اشارو
آهي. ٤٠ پر جهڙي طرح توهان زندگي چاهيو
ٿا ته ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مون ڏانهن
نه ٿا اچو.
٤١ آئون نه ٿو چاهيان ته ماڻهون منهنجي
وڏائي ڪرن. ٤٢ پر آئون توهانکي ڄاڻان ٿو
ته توهان کي خدا سان محبت آهي. ٤٣ آئون
پنهنجي پيءُ جي طرفان آيو آهيان آئون انهيءَ
جي طرف کان چوندو آهيان پوءِ به مون کي
قبول نه ٿا ڪيو پر جڏهن ٻيو ماڻهون پنهنجي
باري ۾ چوندو آهي ته توهان ان کي قبول ڪندا
آهيو. ٤٤ توهان چاهيو ٿا ته هر هڪ توهان
جي وڏائي ڪري پر ان جي ڪوشش ناهيو
ڪندا جو وڏائي خدا جي طرف کان ٿيندي آهي.
پوءِ توهان ڪهڙي طرح يقين ڪندا. ٤٥ اهو
نه سمجهو ته مان پيءُ جي سامهون بيٺو آهيان
توهان کي ملزم ٺهرائيندس موسيٰ ئي اهو شخص
آهي جيڪو توهان کي ملزم ٺهرائيندو. ۽ توهان
غلط فهمي ۾ ان کان اميد ڪري ويٺا آهيو. ٤٦
جيڪڏهن توهان حقيقت ۾ موسيٰ تي يقين رکندا
آهيو ته توهان مون تي به ايمان آڻيو انهيءَ لاءِ
ته موسيٰ منهنجي باري ۾ لکيو آهي. ٤٧ توهان
کي ان جو يقين ناهي ته موسيٰ ڇا لکيو آهي
انهيءَ لاءِ جيڪو آئون چوان ٿو انهن شين جي
متعلق توهان ڪيئن يقين ڪندا؟“

## يسوع جو پنج هزار کان وڌيڪ افراد کي ماني کارائڻ

*(متي ١٤: ١٣-٢١؛ مرقس ٦: ٣٠-٤٤؛
لوقا ٩: ١٠-١٧)*

٦ ١ ان کان بعد ۾ گليل جي سمنڊ جي هُن
پار پهتو. ٢ ڪئي ماڻهون يسوع سان گڏ
هليا ۽ انهن يسوع جي معجزن کي ڏٺو ۽ بيمارن
کي شفاءِ بخشندي ڏٺو. ٣ يسوع مٿي جبل تي ويا
اهي پنهنجي شاگردن سان گڏ اتي ويهي رهيو. ٤
يهودين جي فسح جي عيد جو ڏينهن ويجهو هيو.
٥ يسوع ڏٺو ته ڪئي ماڻهو ان جي طرف
اچي رهيا آهن. يسوع فلپس کي چيو، ”اسان
ايترن ماڻهن جي لاءِ ڪٿان ماني خريد
ڪري سگهون ٿا ته سڀ ڪائي سگهن؟“ ٦
يسوع فلپس اها ڳالهه آزمائڻ لاءِ چئي رهيو
هيو يسوع کي پهريان ئي معلوم هيو ته اهو
ڪهڙي ترڪيب سوچي رهيو آهي.
٧ فلپس جواب ڏنو، ”اسان سين کي هڪ مهينو
ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن هر هڪ کي ڪائڻ
جي لاءِ ماني حاصل ٿي سگهي ۽ انهن کي گهٽ
۾ گهٽ غذا حاصل ٿي.“
٨ ٻيو ساٿي اندرياس هيو جيڪو شمعون
پطرس جو ڀاءُ هيو اندرياس چيو، ٩ ”هتي هڪ

پار آهي جنهن وٽ جوَن جي مانيءَ جا پنج
ٽڪرا ۽ ٻه ڪرڙيون آهن پر اهي سڀ انهن جي
لاءِ ڪافي نه ٿينديون.“
١٠ يسوع چيو، ”ماڻهن کي چئو ته ويهي
رهن.“ اتي ان جڳهه تي ڪافي گاس هئي اتي
٥٠٠٠ ماڻهون هئا ۽ اهي سڀ ويهي رهيا. ١١
تڏهن يسوع ماني جي ٽڪرن کنيا ۽ خدا جو
شڪر ادا ڪيو ۽ جيڪي ماڻهون ويٺا هئا انهن
کي ڏنائين اهڙي طرح ڪرڙي به ڏني، ان انهن
کي جيترو گهرجي پيو اوترو ڏنو.
١٢ سڀ ماڻهون ڍائو ٿيا، جڏهن اهي ماڻهون
کائي چڪا تڏهن يسوع پنهنجي شاگردن کي
چيو، ”بچيل ٽڪرن کي جمع ڪرايو ۽ ڪجهه
به اجايو نه ڪريو.“ ١٣ اهڙي طرح شاگردن
تمام ٽڪڙن کي جمع ڪيو ۽ انهن ماڻهن جَون
جي ماني جي پنجن ٽڪڙن سان ئي ڪاٽو شروع
ڪيو ۽ انهن جي ساٿين تقريبن ٻارهن ڪارين ۾
ٽڪر جمع ڪيا.
١٤ ماڻهون يسوع جو اهو معجزو ڏسي ڪري
چوڻ لڳا، ”هي اهو ئي نبي آهي جو دنيا ۾ اچڻ
وارو آهي.“
١٥ چو ته يسوع کي ان ڳالهه جي خبر هئي
ته ماڻهون ان ڏانهن اچي ڪري بادشاهه بنائڻ
چاهن ٿا تنهنڪري ٻيهر اڪيلا جبل جي طرف
هليا ويا.

## يسوع جو پاڻي تي هلڻ

*(متي ١٤: ٢٢-٢٧؛ مرقس ٦: ٤٥-٥٢)*

١٦ ان رات يسوع جي شاگردن گليل سمنڊ جي
طرف هيا. ١٧ ان وقت اندهيرو ٿي ويا هيو ۽
يسوع انهن وٽ هاڻي تائين واپس نه آيو هيو. ۽
ان جا شاگرد هڪ ٻيڙيءَ تي سوار ٿي ڪري
سمنڊ جي پار ڪفرناحوم وڃڻ لڳا. ١٨ ان وقت
هوا گهڻي تيز هلي رهي هئي. ۽ سمنڊ ۾ زوردار
لهرون اٿي رهيون هيون. ١٩ اهي ٻيڙيءَ ۾ ٽي
يا چار ميل ويو تڏهن انهن ڏٺو ته يسوع پاڻي تي
هلي رهيو هيو ۽ ٻيڙيءَ جي طرف اچي رهيا هئا
۽ اهو ڏسي ڪري شاگرد ڊڄي ويا. ٢٠ پر يسوع
انهن کي چيو، ”ڊڄو نه مان آهيان.“ ٢١ ايترو
ٻڌي ڪري ان جا ساٿي گهڻا خوش ٿيا ۽ يسوع
ٻيڙيءَ ۾ ڪٽي آيو ٻيڙي جلدي واپس ڪناري
اچي ويئي جتان اها وڃڻ چاهي ٿي.

## ماڻهن جو يسوع کي ڳولهڻ

٢٢ ٻئي ڏينهن سمنڊ جي هُن پار جيڪي
ماڻهون ٺهريل هئا انهن کي معلوم هيو ته يسوع
جي ٻيڙي ۾ شاگردن سان گڏ ناهي بلڪه صرف
ان جا شاگرد ئي ٻيڙيءَ ۾ ويا هئا ۽ انهن کي اهو
به معلوم هيو ته صرف هڪ ئي ٻيڙي اتي آهي.
٢٣ پر جڏهن تبرياس کان ڪجهه ٻيڙيون آيون ۽
اچي ڪري اتي ٺهريون جتان انهن ماڻهن گذريل
ڏينهن ماني کاڌي هئي ۽ جتي خداوند شڪر ادا
ڪيو هيو. ٢٤ جڏهن ماڻهن ڏٺو ته يسوع انهن
جو ساٿي ان وقت کان اتي نه هيو، ته ماڻهن
ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ڪري ڪفرناحوم جي طرف
روانه ٿيا ته يسوع سان ملون.

## يسوع زندگي جي ماني

٢٥ ماڻهن ڏٺو ته يسوع سمنڊ جي ٻئي طرف
آهي انهن ماڻهن يسوع کي چيو، ”اي استاد !
توهان هتي ڪڏهن آيا؟“
٢٦ يسوع جواب ڏنو، ”توهان ماڻهون مون کي
چو تلاش ڪري رهيا آهيو. چا توهان انهيءَ لاءِ
ته مون کي تلاش ڪري رهيا آهيو ته معجزه
ڏيکاريندو فران ۽ پنهنجي قوت جو مظاهرو
ڪريان هرگز نه! آئون توهان کي سچ چوان ٿو
توهان مون کي تلاش ڪري رهيا آهيو ته توهان
ماڻهون پيٽ پر ماني کائي ڪري ڍائو ٿيو. ٢٧
دنيا جي غذائون خراب ۽ تباهه ٿي وڃڻ واري
آهي. لهاذا اهڙي غذا کي نه حاصل ڪريو بلڪه
اهڙي غذا کي تلاش ڪريو جيڪا هميشه سني
ابدي زندگي ڏيئي سگهي ابن آدم اهڙي غذا ڏيندو
جيڪو پيءُ آهي اهو ظاهر ڪري چڪو آهي ته
اهو ابن آدم سان گڏ آهي.“
٢٨ ماڻهون يسوع کان پڇيو، ” اسان کي چا
ڪرڻ گهرجي ته جيئن خدا جو ڪم جيڪو اهو
چاهيندو آهي ڪري سگهون؟“
٢٩ يسوع چيو، ”خدا توهان کان اهوئي چاهي
ٿو ته ان جنهن کي موڪليوآهي ان تي ايمان
آڻيو.“
٣٠ ماڻهن چيو، ” توهان ڪهڙا معجزه
ڏيکاريندا ته اهو ثابت ٿي ويندو ته توهان ئي
اهي آهيو جنهن کي خدا موڪليو آهي. اهڙو
ڪوئي معجزو توهان ڏيکاريو ته اسان توهان
تي يقين ڪري سگهون ٿا. ٣١ اسان جي ابن

ڏاڏن کي خدا ريگستان ۾ منّ (کاڌ جون نعمتون)
عطا ڪيو هيون. ۽ اهي صحيفن ۾ ليکل آهي
۽ خدا انهن کي کاڌ جي لاءِ آسمان مان ماني
موڪليندو هيو.“[1]
٣٢ يسوع چيو، ”آئون توهان کي سچ چوندو
آهيان ته هڪ موسيٰ ئي نه هيو جيڪو توهان
جي ماڻهن جي لاءِ آسمان مان ماني گهرائيندو
هيو دراصل اهو منهنجو پيءُ آهي جيڪو توهان
ماڻهن کي آسمان کان ماني ڏيندو آهي. ٣٣ خدا
جي ماني ڇا آهي؟ جيڪا ماني خدا ڏيندو آهي
اهائي آهي جيڪا آسمان مان اچي ڪري دنيا کي
پنهنجي زندگي ڏني آهي.“
٣٤ ماڻهن يسوع کي چيو، ”سائين ته اها ماني
هميشه جي لاءِ ڏياريو.“
٣٥ تڏهن يسوع چيو، ”آئون ئي ماني آهيان
جيڪا زندگي ڏيندي آهي. جيڪو به مون ڏانهن
ايندو آهي. اهو ڪڏهن به بکيو نه رهندو. ۽
جيڪو مون تي ايمان آڻيندو اهو ڪڏهن اڃايل
نه هوندو. ٣٦ آئون توهان کي پهريان به چئي
چڪو آهيان توهان مون کي ڏسي چڪا آهيو پر
توهان کي اڃان تائين يقين نه اچي رهيو آهي.
٣٧ منهنجو پيءُ منهنجي ماڻهن کي مون ڏانهن
موڪليندو آهي هر هڪ شخص منهنجي ويجهو
ايندو آهي جيڪو به منهنجي ويجهو ايندو آهي
مان ان کي قبول ڪندو آهيان. ٣٨ آسمان کان
آيو آهيان ۽ پنهنجي مرضي پوري ڪرڻ جي
لاءِ نه آيو آهيان بلڪه خدا جي مرضي کي پورو
ڪرڻ جي مطابق آيو آهيان. ٣٩ مون کي انهن
ماڻهن سان ڪنهن هڪ به نه وڃائڻ چاهيندو
جن کي خدا مون ڏانهن موڪليو آهي ۽ انهن
کي مان آخرت جي ڏينهن زنده اٿاريندس ۽
اهو ئي ڪجهه اهو مون چاهي ٿو جنهن مون
کي موڪليو آهي. ٤٠ هر ماڻهون جو پُٽ کي
ڏسندو آهي ۽ ان تي ايمان آڻيندو آهي ان کي
ابدي زندگي حاصل ٿيندي آهي ۽ انهيءَ ماڻهون
کي مان آخرت جي ڏينهن اٿاريندس. ”۽ اهوئي
منهنجو پيءُ چاهي ٿو.
٤١ يهودين يسوع جي متعلق شڪايت ڪرڻ
شروع ڪري ڇڏي ته ان چيو، ”آئون اها
ماني آهيان جيڪا خدا جي طرفان آسمان کان
آئي آهيان.“ ٤٢ يهودين چيو، ”اهو يسوع آهي
اسان جي ماءُ ۽ پيءُ کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندا
آهيون.“ يسوع ته يوسف جو پُٽ آهي ان لاءِ اهو
هاڻي ائين ڪهڙي طرح چئي سگهي ٿو ته مان
آسمان کان آيو آهيان؟“
٤٣ پر يسوع چيو، ”هڪ ٻئي جو سر پر
ڪرڻ بند ڪريو. ٤٤ پيءُ اهوئي آهي جنهن
مون کي موڪليو آهي ۽ هو ماڻهن کي مون
ڏانهن آڻيندو آهي جنهن کي آخرت جي ڏينهن
ڪٽدم جيڪڏهن پيءُ ڪنهن کي مون ڏانهن نه
وٺي اچي ته اهڙو ماڻهون مون ڏانهن نه ٿو اچي
سگهي. ٤٥ اها ڳالهه نبين لکي آهي، ”خدا تمام
ماڻهن کي تعليم ڏيندو آهي ۽ ماڻهون جيڪي پيءُ
کان ٻڌي سگهن ٿا اهي مون ڏانهن ايندا.“[2] ٤٦
منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته ڪنهن پيءُ کي
ناهي ڏٺو سواءِ ان کان جنهن پيءُ طرفان آيو
آهي.“
٤٧ ”آئون توهان کي سچ چوان ٿو ته جيڪو
شخص مون تي ايمان آڻيندو آهي اهو ابدي
زندگي پائيندو آهي.“ ٤٨ آئون اها ماني آهيان
جيڪا حيات بخشندي آهي. ٤٩ توهان جا ابن
ڏاڏن ريگستان ۾ منّ کاڌو پر اهو مري ويو.
٥٠ آئون اها ماني آهيان جيڪا آسمان کان آئي
آهيان ۽ جيڪو اها ماني کائيندو اهو ڪڏهن به
نه مرندو. ٥١ آئون زندگي جي ماني آهيان جيڪا
آسمان کان آئي آهي ۽ جنهن ان کي استعمال
ڪيو ان هميشه جي زندگي پاتي آهي اها ماني
جيڪا آئون ڏيندو آهيان اهو منهنجو جسم آهي،
اهو جسم ڏيندم ته ماڻهون هن دنيا ۾ زندگي پائي
سگهندا.“
٥٢ ان تي يهودي پاڻ ۾ اچي ڪري اٽڪيا ۽
چيو، ”اهو شخص ڪهڙي طرح پنهنجو جسم
اسان کي کائڻ لاءِ ڏيندو؟“
٥٣ يسوع چيو، ”آئون توهان کي سچ چوان ٿو ته
توهان کي ابن آدم جو جسم کائڻ گهرجي ۽ ان جي
خون کي پيئڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان ائين نه
ڪندا ته توهان کي حقيقي زندگي نصيب نه ٿيندي.
٥٤ جنهن منهنجي جسم کي غذا بڻايو ۽ خون کي
پيتو ان ابدي زندگي پاتي ۽ اهڙي ماڻهون کي آئون
آخرت جي ڏينهن زنده ڪندس. ٥٥ منهنجو گوشت

[1] ٦: ٣١ اقتباس زبور ٧٨: ٢٤
[2] ٦: ٤٥ اقتباس يسعياه ٥٤: ١٣

ءِ رت سچ پچ کائڻ جي شيءِ آهي. ٥٦ ۽ جيڪو
منهنجو جسم ۽ منهنجو خون پيئندو آهي اهڙو
ماڻهون ۾ آئونرهان ٿو ۽ اهو مون ۾.
٥٧ پيءُ مون کي موڪليو ۽ مان پيءُ جي
وجهه سان آهيان. اهڙي طرح جيڪو مون کي
ايئن غذا جي طور استعمال ڪندو منهنجي وجهه
سان اهي رهندا. ٥٨ آئون ان ماني جي مثل نه
آهيان جيڪو اسان جي ابن ڏاڏن ريگستان ۾ کائي
هئي حالانڪه اهي کائيندا هئا پر انهن کي پين
وانگر انهن کي به موت آيو. آئون اها ماني آهيان
جيڪا آسمان کان آئي آهيان ۽ جنهن ان مانيءَ
کي کاڌو ان حقيقي زندگي پاتي."
٥٩ يسوع اهي تمام ڳالهيون ان وقت چيون
جڏهن ڪفرناحوم يهودي عبادتگاهن ۾ ماڻهون
تعليم ڏيئي رهيا هئا.

## گهڻن ئي شاگردن جو يسوع کي ڇڏي ڏيڻ

٦٠ ڪئي شاگردن يسوع جي تعليمات کي ٻڌو
۽ ٻڌي ڪري چيو، "اها تعليم ته تمام مشڪل
آهي ان کي ڪير قبول ڪندو؟"
٦١ يسوع سٺي طرح ڄاڻي ويو هيو ته اهي
شاگرد ان جي متعلق سرپر ڪري رهيا آهن.
تڏهن يسوع چيو، ڇا توهان منهنجي تعليمات جي
وجهه کان پريشان آهيو؟ ٦٢ جيڪڏهن توهان ابن
آدم کي مٿي ويندي ڏسنديءُ جتي اهو پهريان هيو
ته ڇا ٿيندو؟ ٦٣ هي جسم ڪجهه به حاصل نه ٿو
ڪري سگهي. هي ته روح آهي. جيڪا انسان کي
زندگي بخشندي آهي. ۽ اهي ئي ڳالهيون جيڪي
آئون چيون آهن اهي روح جون ڳالهيون آهن
جيڪي توهان کي زندگي ڏينديون آهن. ٦٤ پر
توهان مان ڪجهه ماڻهون انهن ڳالهين تي يقين نه
ڪندا آهيو." ڇالاءِ جو يسوع ڄاڻيو ته ڪير يقين
نه ڪري رهيو آهي. ان ڳالهه کي شروع کان ئي
ڄاڻي ويو هيم ته ڪير انهن کي ڌوکو ڏيندو. ٦٥
يسوع چيو، "جنهن ماڻهون کي پيءُ موڪليو آهي
اهو ماڻهون مون ڏانهن نه ٿو اچي سگهي."
٦٦ جڏهن يسوع اهي ڳالهيون ڪيون ان جا
گهڻا شاگرد ان کي ڇڏي ويا. اهي يسوع جي
ڳالهين تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنائون.
٦٧ يسوع پنهنجي ٻارهن رسولن کي اهو به
چيو، "ڇا توهان به مون کي ڇڏڻ چاهيو ٿا؟"
٦٨ شمعون پطرس يسوع کي چيو، "خداوند
اسان ڪاڏي وڃڻ چاهيون ٿا توهان ڏانهن ڪلام
آهي جيڪو هميشه جي زندگي ڏيئي سگهي ٿو.
٦٩ اسان کي پنهنجو پاڻ تي ايمان آهي اسان
ڄاڻون ٿا ته توهان ئي پاڪ هستي آهيو جيڪا
خدا جي طرف کان آهي."
٧٠ تڏهن يسوع چيو، "آئون توهان ٻارهن کي
چونڊيان ٿو پر توهان مان هڪ شيطان آهي"
٧١ اها ڳالهه يسوع يهوداه جي متعلق ڪئي هئي
جيڪو سائمن اسڪريوتي جو پُٽ هيو. يهوداه
ٻارهن مريدن مان هڪ هيو پر بعد ۾ يسوع جو
مخالف ٿيو.

## يسوع جي پنهنجي ڀاءُ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ

٧ ١ ان کان بعد ۾ يسوع ملڪ گليل جي
چوطرف سفر ڪيو يسوع يهوداه ۾ سفر
ڪرڻ نه پيو چاهي ٿو ڇالاءِ ته اتي يهودي ان
کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ٢
۽ يهودين کي تنبن جي عيد هئي. ٣ تڏهن يسوع
جي ڀائرن چيو، "ته اها جاءِ ڇڏي ڪري يهوداه
هليو ويا ته جيڪي تون معجزه ڏيکاريندو آهين
اهي توهان جا شاگرد به ڏيکاريندا. ٤ جيڪڏهن
ڪوئي شخص اهو چاهي ته اهو ماڻهن مان
ڪوئي پهچائڻ چاهي ته پوءِ ان شخص کي
جيڪو ڪجهه اهو ڪندو آهي. ٥ لڪائڻ نه
گهرجي پنهنجو پاڻ کي دنيا جي سامهون ظاهر
ڪريو ته جيئن اهي سڀ تنهنجا معجزه ڏسي
سگهن." ايسيتائين يسوع جي ڀاءُ کي به ان تي
يقين نه هيو.
٦ يسوع پنهنجي ڀائرن کي چيو، "هاڻي منهنجي
لاءِ صحيح گهڙي نه آهي پر ڪوئي به وقت
توهان جي وڃڻ جي لاءِ مناسب آهي. دنيا توهان
کان نفرت نه ٿي ڪري سگهي. اها مون کان
نفرت ڪري ٿي ڇالاءِ جو مان انهن جي خرابيون
ٻڌايان ٿو جيڪي اهي ڪندا آهن. ٨ ان ڪري
توهان عيد جي موقعي تي نه ايندا ڇالاءِ جو هاڻي
منهنجي لاءِ صحيح موقعو نه آهي." ٩ اهو سڀ
ڪجهه چوڻ کان بعد يسوع گليل ۾ قيام ڪيو.
١٠ انهيءَ جي لاءِ ان جا ڀائر ان جي چوڻ
مطابق عيد جي موقع جي لاءِ روانه ٿيا. انهن
جي وڃڻ کان بعد يسوع به اتان هليو ويو ان
کان بعد انهن پنهنجو پاڻ کي ظاهر ناهي ڪيو.
بلڪه لڪي پيا. ١١ عيد جي موقعي تي يهودي

يسوع کي ڳولهي رهيا هئا ۽ چئي رهيا هئا ته
اهو ڪٿي آهي؟
١٢ اتي هڪ ماڻهن وڏو ميڙاڪو هيو
جيڪو يسوع جي باري ۾ سُرپُر ڪري رهيو
هيو. ڪجهه ماڻهن چيو، ”يسوع هڪ سٺو
ماڻهون آهي“ پر ٻين چيو، ”نه اهو ماڻهن کي
گمراهه بڻائيندو آهي.“ ١٣ پر ڪنهن به کلي
طور تي يسوع جي سامهون ايئن نه چيو ته
ماڻهون يهودي سردارن کان ڊڄن ٿا.

## يروشلم ۾ يسوع جي تعليم

١٤ عيد لڳ ڀڳ اڌ ختم ٿي ويئي هئي تڏهن
يسوع عبادتگاهه ۾ داخل ٿيو ۽ تعليم شروع
ڪئي. ١٥ يهودي وڏا حيران ٿيا انهن چيو، ”اهو
شخص ته اسڪول ۾ ناهي پڙهائيندو پوءِ ايترو
سڀ ڪجهه ان ڪهڙي طرح سکيو؟.“
١٦ يسوع جواب ڏنو، ”جيڪا ڪجهه مان تعليم
ڏيندو آهيان اها منهنجي پنهنجي ناهي منهنجي
تعليم ان طرف کان ايندي آهي جنهن مون کي
موڪليو آهي. ١٧ جيڪڏهن ڪوئي اهو چاهي
ٿو ته اهو اهوئي ڪري جيڪو خدا چاهي ٿو
تڏهن اهي ڄاڻي ويندا ته منهنجي تعليم خدا جي
طرف کان آهي. اهي ماڻهون ڄاڻي ويندا ته اها
تعليم منهنجي پنهنجي ناهي.
١٨ ڪوئي ماڻهون جيڪو پنهنجا خيالات ماڻهن
کي ٻڌائي ٿو يا اهي پنهنجي عزت وڌائڻ جي لاءِ
ڪندو آهي جيڪڏهن ڪوئي شخص جيڪو ان
جي عزت وڌائڻ جي ڪوشش ڪري جنهن انهن
کي موڪليو آهي ته اهو شخص ڀروسي جي لائق
۽ سچو آهي. ۽ ان ۾ ڪوئي ڪوڙ ناهي. ١٩ ڇا
توهان کي موسيٰ شريعت ناهي ڏني؟ پر توهان
مان ڪنهن ڪنهن ان جي فرمانبرداري ناهي
ڪئي توهان مون کي ڇو ٿا مارڻ چاهيو؟.“
٢٠ ماڻهن جواب ڏنو، ”هڪ ڀوت توهان ۾
اچي ويو آهي ۽ هن توهان کي چريو ڪري
ڇڏيو آهي اسان تو کي مارڻ جي ڪوشش نه
ڪري رهيا آهيون؟“
٢١ يسوع چيو، ”آئون هڪ معجزو ڪيو
توهان سڀ حيران ٿي ويا. ٢٢ موسيٰ توهان کي
ختنو ڪرڻ جو قانون ڏنو پر حقيقت ۾ موسيٰ
توهان کي ختنو نه ڪرايو ختنو جو طريقو اسان
ماڻهن مان آيو جيڪو موسيٰ کان پهريان رهيو
هيو انهيءَ لاءِ توهان ماڻهون ٻارن جو ختنو
سبت جي ڏينهن به ڪندا آهيو. ٢٣ ان مان ظاهر
ٿئي ٿو ته هڪ ماڻهون سبت جي ڏينهن ختنو
ڪري موسيٰ جي شريعت کي پورو ڪري ٿو ۽
جيڪڏهن مان سبت جي ڏينهن ڪنهن کي شفاءِ
ڏيان ٿو ته پوءِ ڇو غصو ڪريو ٿا؟ ٢٤ ان قسم
جو انصاف (ڄاڻڻ جو طريقو) ڇڏي ڏيو هر
شيءِ جو انصاف ڪرڻ ته سچ ڇا آهي.“

## ماڻهن جو بحث ڪرڻ ته
## ڇا يسوع ئي مسيح آهي

٢٥ تڏهن ڪجهه ماڻهن جيڪي يروشلم ۾
رهندا هيا چيو، ”اهو ئي شخص آهي جنهن کي
مارڻ جي ڪوشش جاري آهي؟ ٢٦ پر اهو هن
جاءِ تي تعليم ڏيندو آهي جتي انکي هر ڪوئي
ڏسي ۽ ٻڌي سگهي ٿو. پر ڪنهن ان کي تعليم
ڏيڻ کان نه روڪيو. ٿي سگهي ٿو ته سردار
فيصلو ڪيو آهي ته اهو سچائيءَ ۾ مسيح آهي.
٢٧ پر اسان ڄاڻون ٿا ته ان جو مڪان ڪٿي
آهي ۽ حقيقي مسيح جڏهن ايندو ڪوئي نه ڄاڻندو
ته اهو ڪٿان آيو آهي.“
٢٨ يسوع ان وقت به هيڪل ۾ تعليم ڏيئي رهيو
هيو ان چيو، ”ها توهان مون کي ڄاڻون ٿا ۽
اهو به ڄاڻو ٿا ته مان ڪٿان آيو آهيان پر مان
پنهنجي مرضي سان نه آيو آهيان مان خدا جي
طرفان موڪليو ويو آهيان جو سچو اهي توهان
ان کي نه ٿا ڄاڻو. ٢٩ ”پر آئون ان کي ڄاڻان ٿو
ڇالاءِ جو مان ان مان آهيان ۽ ان ئي مون کي
موڪليو آهي.“
٣٠ جڏهن يسوع اهو سڀ چيو ته ماڻهن يسوع
کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪوئي به
يسوع کي ڇُهڻ جي لائق نه هيو. انهيءَ لاءِ ته
يسوع کي قتل ڪرڻ جو هاڻي صحيح وقت آيو
ئي نه آهي. ٣١ پر گهڻا ماڻهون يسوع تي ايمان
آڻي چڪا هئا. ماڻهن چيو هاڻي اسان به يسوع جا
منتظرين آهيون ته اهو اچي جڏهن اهو ايندو ته
ڇا ان کان وڌيڪ ٻيا معجزه ڏيکاريندو؟ جيڪي
هن ڏيکارا آهن. نه! اهوئي ماڻهون مسيح آهي.

## يهودين جي يسوع کي گرفتار
## ڪرڻ جي ڪوشش

٣٢ فريسين يسوع جي باري ۾ اهي ڳالهيون

چوندي اهو ٻڌو. انهيءَ لاءِ ڪاهنن جو رهنما
۽ فريسين هيڪل جي حولدارن کي يسوع کي
گرفتاري لاءِ موڪليو. ٣٣ تڏهن يسوع چيو،
”آئون ڪجهه دير توهان سان گڏ رهندس ان
کان بعد آئون ان ڏانهن ويندس جنهن مون کي
موڪليو آهي. ٣٤ توهان مون کي تلاش ڪندا
پر مون کي پائيندا. ۽ آئون جتي به آهيان اتي
توهان نه اچي سگهندا.“
٣٥ يهودين هڪ ٻئي کان پڇيو، ”آخر هي
ماڻهون ڪٿان آيو آهي جنهن کي اسان پائي نه
سگهيا ڇا اهو ماڻهون يونان جي شهر ڏانهن
ويندو جتي اسان جا ماڻهون رهندا آهن؟ ڇا هو
يونان ويندو اسان جا ماڻهون آهن. ڇا هو اسان
جي ماڻهن کي تعليم ڏيندو. ٣٦ هي ماڻهون چوي
ٿو ته توهان ماڻهون مون کي تلاش ڪندا پر
پائي نه سگهندا ۽ اهو به چوي ٿو ته جتي آئون
هوندس اتي توهان نه اچي سگهندا. ان ايئن چوڻ
جو ڇا مطلب آهي؟“

## روح پاڪ جي باري ۾ يسوع جي ڳالهيون

٣٧ عيد جو آخري ڏينهن جيڪو اهم ڏينهن
هيو. ان ڏينهن يسوع بيهي ڪري ماڻهون کي
وڏي آواز سان چيو، ”جيڪو به اڃايل آهي
مون ڏانهن اچڻ ڏيوس ته ان جي اُڃ وسايان.
٣٨ جيڪو ماڻهون مون تي ايمان آڻيندو ان جي
دل زندگي جي پاڻيءَ جي نديون وهنديون. ايئن
صحيفن ۾ لکيل آهي.“ ٣٩ يسوع اها ڳالهه روح
پاڪ جي باري ۾ چئي چالاءِ جو ته هي روح
هاڻي نازل ناهي ٿيندو. چالاءِ ته هاڻي تائين موت
ناهي ٿيندي ۽ ان کي جلال سان کنيو نه ويندو.
پر بعد ۾ جيڪي ماڻهون يسوع تي ايمان آڻيندا ان
تي روح نازل ٿيندو.

## ماڻهن جو مسيح جي باري ۾ بحث ڪرڻ

٤٠ جڏهن ماڻهن اهي ڳالهيون ٻڌيون ته چيو،
”هي ماڻهون سچ مچ ۾ نبي آهي.“
٤١ ٻين چيو، ”اهو مسيح آهي“ ڪجهه
ٻين ماڻهن چيو، ”مسيح گليل کان نه ايندو.
٤٢ صحيفن ۾ لکيل آهي ته مسيح دائود جي
خاندان مان هوندو ۽ صحيفه چيو آهي ته
هو بيت اللعم کان ايندو جتي دائود رهندو
هيو.“ ٤٣ اهڙي طرح ماڻهون يسوع جي
متعلق پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تي اتفاق نه ڪيو.
٤٤ ڪجهه ماڻهون يسوع کي گرفتار ڪرڻ
چاهيو هيو پر ڪوئي به ايئن نه ڪري
سگهيو.

## يهودي سردارن جو يسوع تي ايمان نه آڻڻ

٤٥ تنهن تي هيڪل جي حولدارن ڪاهنن جي
رهنما ۽ ڪاهنن ۽ فريسين ۽ ڏانهن واپس ويا، ۽
فريسين ۽ ڪاهنن پڇيو، ”توهان يسوع کي ڇو
نه پڪڙيو.“
٤٦ هيڪل جي حولدارن جواب ڏنو، ”ان اهڙيون
ڳالهيون ڪيو جيڪي اڄ تائين ڪنهن انسان نه
ڪيون.“
٤٧ فريسين چيو، ”يسوع توهان کي به گمراهه
ڪيو. ٤٨ ڇا ٻيو ڪوئي سردار ان تي ايمان آندو
يا نه. ڇا ڪنهن فريسين ايمان لاتو آهي؟ نه. ٤٩
پر اهي ماڻهون جيڪي شريعت کان واقف ناهن
اهي خدا جا ڀٽيل آهن.“
٥٠ پر نيڪوديمس جيڪو انهن مان هيو ان
جو تعلق جماعت سان ئي هيو. اهو ئي هڪ
اهڙو هيو جيڪو يسوع کي پهريان ئي ڏسي
چڪو هيو. ٥١ ”اسان جي شريعت اها اجازت
نه ٿي ڏي ته ڪنهن شخص کي ان وقت تائين
مجرم نه مانيون جيستائين ڇاڻيون ته ڇا اهو چيو
آهي جيسيتائين اسان کي اهو معلوم نه آهي ته ان
ڇا ڪيو آهي.“
٥٢ يهودي سردار چيو، ”ڇا توهان جو تعلق
به گليل سان آهي. صحيفن ۾ تلاش ڪريو تڏهن
اسان کي معلوم ٿيندو ته ڪوئي به نبي گليل کان
نه ايندو.“

(بهترين ۽ قديم يوحنا جي نوناني نسخن مان
٧ باب ٥٣ آيت تا ٨ باب ١١ آيت تائين نه آهن)

## زال جو زناڪاري ۾ پڪڙجڻ

٥٣ تمام يهودي سردار نڪتا انهن جي لاءِ ۽
گهر ڏانهن روانه ٿيا.
٨ ١ يسوع زيتون جي جبل تي هليا ويا. ٢
صبح سوير اهو ٻيهر هيڪل ۾ اچي ويو.
تمام ماڻهن يسوع ڏانهن جمع ٿيا. تڏهن اهي ويهي
رهيا ۽ ماڻهن کي تعليم ڏيڻ لڳو.
٣ شريعت جا استاد ۽ فريسي هڪ زال کي

وٺي آيا جيڪا زنا جي گناهه ۾ پڪڙي ويئي
هئي. ان کي ذڪي ڪري ماڻهن جي سامهون
بيهاريو ويو. ٤ يهودين چيو، ”اي استاد هي زال
زنا ڪندي پڪڙي وئي آهي. ٥ موسيٰ جي
شريعت جو حڪم آهي ته ان زال کي جيڪو
اهڙو گناهه ڪري ان کي سنگسار ڪيو وڃي.
هاڻي توهان ان باري ۾ ڇا ٿا چئو؟“
٦ انهن ماڻهن اهو سوال ڪجهه ان کي آزمائڻ
جي لاءِ پڇيو هيو ته اهڙي طرح جي ڪائي
غلطي پڪڙيون پر يسوع نوڙي ڪري زمين
پر آڱر سان ڪجهه لکڻ شروع ڪيو. ٧ تڏهن
يهودي سردار يسوع کان سوال جي متعلق
ڳالهيون ڪرڻ لڳا تڏهن يسوع اٿي ڪري
چوڻ لڳو، ”هتي توهان ۾ ڪوئي اهڙو ماڻهون
آهي جنهن گناهه نه ڪيو هجي ۽ اهڙو ماڻهون
جيڪڏهن آهي ته ان زال کي پهڻ مارڻ ۾ پهل
ڪري.“ ٨ ۽ يسوع ٻيهر نوڙي ڪري زمين تي
ڪجهه لکيو.
٩ اهو ٻڌي ڪري سڀ جو سڀ ننڍا وڏا هڪ
هڪ ٿي ڪري کسڪڻ لڳا ايستائين جو يسوع
اڪيلو رهجي ويو ۽ اها زال به اتي بيٺي هئي.
١٠ يسوع ٻيهر اٿي ڪري چيو، ”اي زال اهي
تمام ماڻهون ڪٿي آهن؟ ڇا ڪنهن تو کي مجرم
قرار ناهي ڏنو؟“
١١ زال جواب ڏنو، ”ڪنهن به ڪجهه نه
چيو“ تڏهن يسوع چيو، ”آئون به تو تي فتويٰ
نه ٿو لڳايان. تون هتان هلي وڃ ۽ آئنداه ڪوئي
گناهه نه ڪر.“

## يسوع دنيا جو نور

١٢ بعد ۾ يسوع ٻيهر ماڻهن کي چيو، ”آئون
دنيا جو سوجهرو آهيان جيڪو به منهنجي
پيروي ڪندو اهو اونداهيءَ ۾ نه هلندو. بلڪه
زندگي جو نور پائيندو.“
١٣ پر فريسين يسوع کان پڇيو، ”توهان جڏهن
به ڪجهه چوندا آهيو پنهنجي شاهدي ۾ چوندا
آهيو قابل قبول ناهي ان لاءِ اسان ان کي قبول
ناهيون ڪندا.“
١٤ يسوع چيو، ”ها اهو سڀ ڪجه مان
پنهنجي متعلق شاهدي ۾ چوان ٿو ته اهو ئي
سچ آهي ۽ ماڻهون ان تي يين ڪندا آهن ڇالاءِ
جو مان ڄاڻان ٿو مان ڪٿي آيو آهيان ۽ ڪٿي
ويندس مان توهان ماڻهن جي مانند ناهيان توهان
نه ٿا ڄاڻيو ته مان ڪٿا آيو آهيان ۽ ڪٿي
ويندس. ١٥ توهان ماڻهون انساني صلاحيت جي
مطابق منهنجو فيصلو ڪريو ٿا. مان ڪنهن
جو ڪو اهڙو فيصلو ناهيان ڪندو جيئن توهان
ڪندا آهيو. ١٦ ۽ جيڪڏهن مان ڪوئي فيصلو
ڪريان ته اهو فيصلو سچو هوندو. ڇالاءِ جو
ته جڏهن مان ڪجهه فيصلا ڪندو آهيان ته
مان اڪيلو نه هوندو آهيان. بلڪه مون جو پيءُ
جنهن مون کي موڪليو آهي اهو به مون سان
گڏ هوندو آهي. ١٧ توهان جي شريعت اهو چوي
ٿي ته جڏهن به شاهد ڪنهن جي باري ۾ ڪجهه
چون ته ان کي سچ مڃيو ۽ انهن جي شاهدي
قبول ڪريو. ١٨ آئون اهڙي طرح انهن مان
هڪ گواهه آهيان جيڪو پنهنجي گواهي ڏيندو
آهيان ۽ منهنجو پيءُ جنهن مون کي موڪليو
آهي اهو ٻيو گواهه آهي.“
١٩ ماڻهون پڇيو، ”توهان جو پيءُ ڪٿي
آهي؟“ يسوع جواب ڏنو، ”توهان مون کي
سڃاڻيو ٿا ۽ نه ئي منهنجي پيءُ کي جڏهن توهان
مون کي ڄاڻي ويندا تڏهن منهنجو پيءُ کي به
ڄاڻي ويندا.“ ٢٠ يسوع اهي سڄون ڳالهيون
هيڪل ۾ تعليم ڏيندي چئي رهيو هيو ان گهڙي
ان بيت المال جي قريب هيو ۽ ڪنهن ان کي
پڪڙيو نه ڇو ته ان جو وقت نه آيو هيو.

## يهودين جي يسوع جي باري ۾ لاعلمي

٢١ ٻيهر يسوع ماڻهن کي چيو، ”آئون توهان
کي ڇڏي وڃان ٿو ۽ توهان مون کي ڳوليندا
رهندا ۽ پنهنجي گناهن ۾ ئي مرندا توهان نه اچي
سگهندا جا ڏي مان وڃي رهيو آهيان.“
٢٢ پوءِ يهودين پاڻ ۾ چيو، ”ڇا يسوع پنهنجو
پاڻ کي ماري ڇڏيندو؟ ڇالاءِ جو ته انهيءَ لاءِ
چيو جتي مان وڃي رهيو آهيان اتي توهان نه
پهچي سگهندا.“
٢٣ پر يسوع ان يهودين کي چيو توهان ماڻهون
هيٺيان جا آهيو ۽ مان مٿان جو آهيان. توهان هن
دنيا سان تعلق رکو ٿا پر مان هن دنيا سان تعلق
نه رکان ٿو. ٢٤ مان توهان کي چئي چڪو آهيان
ته پنهنجي گناهن سان گڏ مرندءُ جيڪڏهن توهان
مون تي ايمان نه آندو ته مان اهوئي آهيان تڏهن
يقينن توهان پنهنجي گناهن سان گڏ مرندا.

۲۵ تڏهن يهودين پڇيو، ”پوءِ ڪير آهين؟“
يسوع جواب ڏنو، ”آئون اهوئي آهيان جيڪو
شروع کان توهان کي چوندو آهيان. ۲۶ مون
کي توهان جي باري ۾ گهڻو ڪجهه چوڻو آهي
۽ فيصلو ڪرڻو آهي پر آئون ماڻهن کي اهوئي
چوندو آهيان جيڪو آئون اُن کان ٻڌو آهي جنهن
مون کي موڪليو آهي ۽ اهو سچ چوندو آهي.“
۲۷ ماڻهون سمجهيا نه ته يسوع ڪنهن جي
متعلق چئي رهيو آهي. يسوع انهن کي پيءُ جي
متعلق چئي رهيو هيو. ۲۸ انهيءَ لاءِ ماڻهون
يسوع کي چيو، ”توهان ماڻهون ابن آدم جي
مٿي موڪليندا تڏهن معلوم ٿيندو آئون اهوئي
آهيان. جيڪو ڪجهه مان ڪندو آهيان پنهنجي
طرفان نه ڪندو آهيان بلڪه جيڪو منهنجي
پيءُ سيکاريو آهي اهوئي چوان ٿو. ۲۹ ۽ جنهن
مون کي موڪليو آهي اهو مون سان گڏ هوندو
آهي، آئون اهو ئي ڪندو آهيان جنهن سان هو
خوش ٿي انهيءَ لاءِ اُن مون کي اڪيلو نه
ڇڏيو.“ ۳۰ جڏهن يسوع اهي ڳالهيون ڪري
رهيو هيو ته ڪئي ماڻهون ان تي ايمان آندو.

## يسوع جو گناهن کان ڇٽڪاري جي باري ۾ چوڻ

۳۱ يسوع ان يهودين کي جيڪي ان تي ايمان
آندو هيو چيو، ”جيڪڏهن توهان ماڻهون منهنجي
تعليمات تي قائم رهو ته سچائي ۾ منهنجا شاگرد
آهيو.“ ۳۲ ”تڏهن ئي توهان سچائي کي ڄاڻي
سگهندءُ ۽ اها سچائي توهان کي رهائي ڏيندي.“
۳۳ يهودين جواب ڏنو، ”اسان ابراهيم جا
ماڻهون آهيون ۽ ڪنهن جي به غلامي ۾ ناهي
رهي ۽ توهان اهو ڇو چوندا آهيو ته آزاد ٿي
وڃ.“
۳۴ يسوع جواب ڏنو، ”آئون توهان کي سچ
چوندو آهيان هر ماڻهون جا گناهه ڪندو آهي
۽ گناهه ان جو آقا آهي ۳۵ هڪ غلام پنهنجي
خاندان سان گڏ هميشه نه ٿو رهي سگهي پر
هڪ پُٽ پنهنجي خاندان سان هميشه رهي
سگهي ٿو. ۳۶ انهيءَ لاءِ جيڪڏهن پُٽ توهان
کي آزاد ڪندو آهي ته توهان حقيقت ۾ آزاد
آهيو. ۳۷ آئون ڄاڻان ٿو ته توهان ماڻهون ابراهيم
جي نسل مان آهيو توهان ماڻهون مون کي ماري
ڇڏڻ ٿا چاهيو ڇالاءِ ته توهان ماڻهون منهنجي
تعليم تي عمل ڪرڻ نه ٿا چاهيو. ۳۸ آئون توهان
ماڻهن کي اهوئي چوندو آهيان جيڪو منهنجي
پيءُ مون کي ڏيکاريو آهي. پر توهان صرف
اهو ڪندا آهيو جيڪو توهان جي توهان جي
پيءُ جو ٻڌو آهي.“
۳۹ يهودين چيو، ”اسان جو پيءُ ابراهيم آهي.“
يسوع چيو، ”جيڪڏهن توهان سچائيءَ ۾ ابراهيم
جي اولاد آهيو ته اهوئي ڪريو جيڪو ابراهيم
ڪيو. ۴۰ آئون اهوئي ماڻهون آهيان جنهن توهان
کي سچ چيو اهي جيڪو ان خدا کان ٻڌو: پر
توهان ماڻهون منهنجي جان وٺڻ چاهيو ٿا ۽
ابراهيم ڪڏهن به ايئن نه ڪيو.“ ۴۱ ۽ جيڪو
توهان ڪري رهيا آهيو اهو ايئن جيئن ته توهان
جي پيءُ ڪيو آهي. پر يهودين چيو، ” اسان
اهڙا ٻار ناهيون جن کي اهو به معلوم نه آهي
ته اسان جو پيءُ ڪير آهي اسان جو هڪ پيءُ
آهي يعني خدا.“
۴۲ يسوع ان يهودين کي چيو، ”جيڪڏهن
خدا ئي حقيقت ۾ توهان جو پيءُ آهي ته توهان
ماڻهون مون سان به محبت رکو ها ڇالاءِ ته خدا
ئي جي طرف کان آيو آهيان ۽ هاڻي مان هتي
آهيان ۽ مان پنهنجو پاڻ سان نه آيم بلڪه خدا
مون کي موڪليو آهي. ۴۳ توهان اهي ڳالهيون
جيڪي مان چوان ٿو نه ٿا سمجهو ڇالاءِ جو
توهان منهنجي تعليم کي قبول نٿا ڪريو. ۴۴
شيطان ابليس توهان جو پيءُ آهي ۽ توهان ان
جي هوا ۽ پنهنجي پيءُ جي خواهش کي پورو
ڪرڻ چاهيو ٿا ابليس شروع کان ئي خوني آهي
ڇالاءِ جو ته اهو سچائي جي مخالف آهي ان ۾
سچائي ناهي اهو جيڪو چوي ٿو ڪوڙ چوندو
آهي ۽ ڪوڙن جو پيءُ آهي.
۴۵ آئون سچ چوندو آهيان انهيءَ لاءِ توهان مون
تي يقين نه ٿا ڪريو. ۴۶ توهان آئون ڪير آهي
جيڪو منهنجي گناهه کي ثابت ڪري؟ جيڪڏهن
آئون سچ چوان ٿو ته توهان منهنجو يقين ڇو نه ٿا
ڪريو؟ ۴۷ اهو جيڪو خدا جو هوندو آهي اهو
خدا کي ٻڌندو آهي پر توهان خدا جا ناهيو ۽ اهائي
وجهه آهي ته توهان خدا کي نه ٿا مجيو.

## يسوع جو پنهنجي ۽ ابراهيم جي باري ۾ ٻڌائڻ

۴۸ يهودين چيو.”اسان جو چوڻ آهي ته
تون سامري آهين ۽ هي ته توهان تي ڀوت تي

جڪڙيل آهي جيڪو توهان کي چريو ڪري
چڙيو آهي، ڇا اهو اسان جو چوڻ سچ ناهي؟“
٤٩ يسوع جواب ڏنو، ” مون ۾ ڪو ڀوت
ناهي مان پنهنجي پيءُ جي عزت ڪندو آهيان
پر توهان ماڻهو منهنجي عزت ناهيو ڪندا. ٥٠
آئون پنهنجي وڏائي نه ٿو چاهيان هڪ اهو آهي
جيڪو مونکي وڏائي نه ٿو چاهيان اهو هڪ
ئي آهي جيڪو فيصلو ڪندو.“ ٥١ ”آئون سچ
چوان ٿو جيڪڏهن ڪو ماڻهون منهنجي ڪلام
تي هلندو ته اهو ڪڏهن نه مرندو.“
٥٢ يهودين يسوع کي چيو، ” اسان کي خبر
آهي ته تو ۾ ڀوت آهي جيئن ته ابراهيم ۽ ٻيا نبي
مري ويا پر تون چوين ٿو ته جنهن تنهنجي ڪلام
کي مڃيندو آهي اهو ڪڏهن نه مرندو“ ٥٣ ڇا
تون اهو سمجهندو آهين ته اسان جو پيءُ ابراهيم
کان وڏيڪ وڏو آهي ابراهيم جو ۽ ٻين نبين جا
به انتقال ٿيا! تون پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿو سمجهين؟
٥٤ يسوع جواب ڏنو، ”جيڪڏهن آئون پنهنجي
عزت پاڻ ڪريان ته اها منهنجي ڪائي عزت
ناهي. اهو جو عزت ڏيئي ٿو اهو منهنجو پيءُ
آهي ۽ جنهن کي توهان چوندا آهيو ته هو توهان
جو خدا آهي. ٥٥ پر حقيقت ۾ توهان ان کي نه
ٿا ڄاڻيو ۽ مان ان کي ڄاڻيندو آهيان جيڪڏهن
آئون چوان ته انهيءَ کي نه ٿو سڃاڻان ته مان
به توهان وانگر ڪوڙو آهيان مگر آئون اُن کي
ڄاڻان ٿو ۽ اهو جيڪو ڪجهه چوندو ان تي
عمل ڪندو آهيان. ٥٦ توهان جو پيءُ ابراهيم
منهنجي اچڻ جي واري ڏينهن تي ڏسن لاءِ گهڻو
خوش هيو، ڇالاءِ جو ان ڏٺو ۽ خوش ٿيو.“
٥٧ ” يهودين يسوع کي چيو، ”ڇا تو ابراهيم
کي ڏٺو هاڻي ته تون پنجاهه سال جو به نه آهين.
۽ (تون چوين ٿو) ته تون ابراهيم کي ڏٺو آهي.“
٥٨ ” ڍيسوع جواب ڏنو، ”آئون توهان کي سچ
چوندو آهيان ته ابراهيم جي پيدائش کان اڳيان
آئون آهيان.“ ٥٩ جڏهن يسوع چيو، ” ته انهن
ماڻهن پهڻ کنيا ته ان کي ماريون پر پاڻ کي ڪٽي
لڪايو هيڪل مان نڪري ويو.“

## يسوع جي ڄائي ڄم واري انڌن کي شفاءِ ڏيڻ

٩ ١ جڏهن يسوع وڃي رهيو هو ته ان
هڪ انڌهي ماڻهون کي ڏٺو جيڪو ڄائي
ڄم کان انڌهو هيو. ٢ يسوع جي شاگردن ان کان
پڇو، ”اي استاد هي ماڻهون ڄائي ڄم کان انڌهو
آهي پر اهو ڪهڙي گناهه جي سزا آهي جو
اهو انڌهو پيدا ٿيو آهي ڇا پنهنجي گناهه جي يا
والدين جي گناهه جي؟“
٣ يسوع جواب ڏنو، ”اهو نه ان جو گناهه هيو
نه ان جي والدين پر اهو انهي جي لاءِ انڌهو پيدا
ٿيو هو ته جڏهن آءُ ان انڌهي کي شفاءِ ڏيان ته
ماڻهون خدا جي طاقت کي ڄاڻي سگهن. ٤ هاڻي
جڏهن ته ڏينهن جو وقت آهي اسان کي ان جو
ڪم جاري رکڻو آهي جنهن مون کي موڪليو
آهي رات اچي رهي آهي ۽ ڪوئي ماڻهو رات
جوڪم نه ٿو ڪري سگهي. ٥ هاڻي جڏهن مان
دنيا ۾ آهيان دنيا جو سوجهرو آهيان.“
٦ يسوع اهو چئي مٽيءَ تي ٿُڪ اڇلائي ۽
ان مٽيءَ کي ڦيٽي ۽ ان کي انڌهي جي اکين تي
هنيو. ٧ يسوع ان ماڻهون کي چيو، ”وڃ ۽ وڃي
ڪري شيلوخ (يعني موڪليل) جي تلاءَ ڌانهن
ويو. انهي طرح اهو تلاءَ ڌانهن ويو. ان ڌوتو ۽
واپس ويو. هاڻي اهو ڏسڻ جي قابل هيو.
٨ ان کان پهريان ماڻهن ڏٺو هو ته انڌهو فقير
هيو. هي ماڻهون ۽ ان اڏي کي پاڙيسري چيو، ”
ڏسو ڇا اهو اهوئي ناهي جيڪو فقير هيو؟“
٩ ڪنهن چيو، ”ها اهوئي آهي“ پر ڪجهه ٻين
ماڻهن چيو، ”نه هي اهو انڌهو ناهي پر اهڙوئي
ڏسڻ ۾ ايندو هو.“ تڏهن ان انڌهي پاڻ چيو، ” مان
اهوئي انڌهو آهيان جيڪو پهريان انڌهو هيس.“
١٠ ماڻهن پڇيس، ”پوءِ تنهنجون اکيون ڪيئن
کُليون؟“
١١ انهيءَ ماڻهو چيو، ” اهي ماڻهو جنهن کي
يسوع چوندا آهن ان مٽيءَ ۾ ٿُڪ کي ملايو ۽
منهنجي اکين تي هيائين پوءِ ان چيو ته مان شلوخ
۾ وڃي ڪري اکين کي ڌوتو مان ائين ئي ڪيو
هاڻي مان ڏسي سگهان ٿو.“
١٢ ”ماڻهن پڇيو، ”اهو ماڻهون ڪٿي آهي؟“ ان
ماڻهون جواب ڏنو، ”مان نه ٿو ڄاڻان.“

## انڌهو ماڻهو جيڪو ڏسڻ لڳو ان جو ثبوت

١٣ تڏهن ماڻهن ان شخص کي فريسين جي
ويجهو وٺي ويا ۽ چيو اهوئي ماڻهو آهي جيڪو
پهريان انڌهو هيو. ١٤ يسوع مٽيءَ ۽ ٿُڪ کي
ملائي ان جي اکين تي لڳايو ۽ اکيون کوليون
جنهن ڏينهن يسوع ان کي چيو اهو سبت جو

ڏينهن هيو. ١٥ فريسين ان ماڻهون کان پڇيو،
” تنهنجون اکيون ڪيئن کلي ويون آهن؟“ ان
ماڻهون جواب ڏنو، ” يسوع منهنجي اکين تي
مٽي هنئين ۽ ڌوئڻ لاءِ چيائين تڏهن مان اکين کي
ڌوتو ته مون کي ڏسڻ جي لاءِ اکيون کلي ويون.“
١٦ ڪجهه فريسين چيو، ”اهو ماڻهون سبت
جي ڏينهن جي پابنديءَ کي ناهي مڃندو انهي جي
ڪري اهو خدا جي طرفان نه آهي. ٻين چيو، ”
پر جيڪو شخص گنهگار آهي اهو معجزه ڪيئن
ٿو ڪري سگهي.“ اهي يهودي هڪ ٻئي سان
متفق نه هئا.
١٧ يهودين جي سرادار ان شخص کان
ٻيهر پڇا ڪئي، ”ان شخص توکي شفا ڏني
۽ هاڻي تون ڏسي سگهين ٿو انهي جي باري
۾ تنهنجو ڇا چوندين؟“ ان شخص جواب
ڏنو، ” اهو نبي آهي.“
١٨ يهودين ان ڳالهه کي اجان تائين نه پيا مڃن
ته واقعي ان ماڻهون سان ائين ٿيو آهي. انهن
کي اهو به يقين نه هيو ته اهو ماڻهون پهريان
به انڌهو هيو ۽ هاڻي ڏسي سگهي ٿو. ١٩ انهيءَ
جي انهن هن پي والدين کي گهرائي ڪري پڇا
ڪئي، ” ڇا توهان جو پٽُ جائي جم کان هيو؟ ۽
ڇا توهان چئو ته اهو پيدائشي انڌهو هيو ۽ هاڻي
ڪهڙي طرح ڏسي ٿو؟“
٢٠ ان جي والدين جواب ڏنو، ”ها اهو ئي اسان
پُٽ آهي ۽ اهو جائي جم کان آهي. ٢١ پر اسان
نه ٿا ڄاڻون ته اهو ڪيئن هاڻي ڏسي سگهي ٿو
۽ ان کي اکيون ڏنيون انهيءَ کان پڇو اهو بالغ
آهي اهو پنهنجي لاءِ چوندو.“ ٢٢ ان جي والدين
يهودين جي سرادار کان ڊڄي ڪري اهو چيو
ڇالاءِ جو جو يهودين اهو فيصلو ڪري ڇڏيو
هو ته جيڪو به يسوع کي مسيح مڃندو ان کي
سزا ڏينداسين ۽ يهودي عبادتگاهه ۾ داخل نه ٿيڻ
ڏينداسين. ٢٣ انهيءَ لاءِ ان جي والدين ائين چيو،
” اهو بالغ آهي ان کان ئي پڇيو.“
٢٤ جيئن ته يهودي سردار ٻيهران شخص کي
گهرايو جيڪو پهريان انڌهو هو. ”۽ چيو خدا
جي حمد ڪر ۽ سچ ٻڌاءِ اسان ته ڄاڻون ٿا اهو
شخص گنهگار آهي.“
٢٥ ان شخص جواب ڏنو.” مان اهو نه ٿو
ڄاڻان ته اهو گنهگار آهي پر اهو ڄاڻان ٿو ته
مان پهريان انڌهو هوس هاڻي ڏسي سگهان ٿو.“
٢٦ يهودي سردار پڇيو، ” ان تو سان ڇا ڪيو
۽ تنهنجي اکين جي شفا ڪيئن واپس آئي.“
٢٧ ان شخص چيو، ”آئون پهريان به چئي
چڪو آهيان پر توهان ماڻهون ٻڌڻ ئي نه ٿا
چاهيو ٻيهر ٻوءِ چو ٿا ٻڌڻ چاهيو؟ ڇا توهان ان
جا شاگرد ٿيڻ چاهيو ٿا؟“
٢٨ يهودي سرادار ان جي ڦٿ لعنت ڪندي
چيو تون ئي ان جو شاگرد آهين ته موسيٰ جا
شاگرد آهين. ٢٩ اسان اهو ڄاڻيون ٿا ته خدا
موسيٰ کي ڪلام ڪيو هيو، اسان نه ٿا ڄاڻون ته
ڪٿان اهو شخص آيو آهي؟“
٣٠ تڏهن ان شخص چيو، ”وڏي تعجب جي
ڳالهه آهي ته توهان نه ڄاڻون ته اهو ڪٿان آيو
آهي پر ان مون جون اکيون کوليون آهن. ٣١ اسان
سڀ ڄاڻون ٿا ته خدا گنهگار جي جي نه ٻُدو آهي
جيڪي ان جي عبادت ڪندا آهين ۽ ان جا حڪم
مڃيندا آهن. ٣٢ اهو پهريون موقعو آهي ته ڪنهن
اهڙي ماڻهون کي جيڪو جائي جم کان انڌهو
هيو ان کي ڏسڻ جي صلاحيت ڏني آهي. ٣٣ اهو
شخص خدا جي طرفان آيو آهي جي نه آيو هجي
ها ته اهو ائين ڪجهه به ڪري سگهي ها.“
٣٤ يهودي سردار چيو، ”تون پاڻ گنهگار پيدا
ٿيو آهين ته اسان کي ڇا سيکاري سگهندين؟“ ۽
انهن ان کي ٻاهر ڪيدي ڇڏيو.

## روحاني انڌهوپن

٣٥ يسوع ٻڌو ته يهودي ان شخص کي ڦٿي
ڪيو انهيءَ لاءِ جڏهن ان سان مليو ته پڇا
ڪيائينس، ” ڇا تون ابن آدم تي ايمان رکين
ٿو.؟“
٣٦ ان شخص کان پڇيائين، ”ابن آدم ڪير آهي
مون کي ٻڌايو ته جيئن مان ان تي ايمان آڻيان.“
٣٧ يسوع چيو، ”تون ان کي ڏسي چڪو آهين
۽ جيڪو تون سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي
اهو ئي ابن آدم آهي.“
٣٨ ان شخص جواب ڏنو، ”اي خداوند ها مان
ايمان آندو“ تڏهن اهو ماڻهو سجدو ڪري يسوع
جي عبادت ڪرڻ لڳو.
٣٩ يسوع چيو، ”آئون هن دنيا ۾ عدالت جي
لاءِ آيو آهيان. آئون آيو آهيان ته انڌهن کي ڏسڻ
جي صلاحيت ملي ۽ جيڪي ڏسي به نه سمجهندا
اهي انڌهائي رهندا.“

٤٠ ڪجهه فريسين جيڪي يسوع جي ويجهو
هئا پڇي ڪري چيائون، ”ڇا ان جو مطلب اهو
آهي ته اسان انڌا آهيون؟“
٤١ يسوع چيو، ”جيڪڏهن حقيقت ۾ توهان
انڌا آهيو ته گنهگار نه هجو ها پر هاڻي توهان
چئو ٿا ته توهان ڏسي سگهندا آهيو تنهنڪري
توهان گنهگار آهيو.“

## سچو ريڍار ۽ ان جون رڍون

١٠ ١ يسوع چيو. ”آئون توهان کي سچ
چوندو آهيان جيڪڏهن ڪنهن ماڻهون
کي رڍن جي واڙي ۾ داخل ٿيندو اهو دروازي
جي ذريعي ايندو. پراهو ڪنهن ٻئي طرف کان
چڙهي اچي ته اهو چور آهي جيڪو رڍان
چورائيندا آهن. ٢ پر جيڪو دروازي مان داخل
ٿيندو اهو ريڍار آهي جيڪو رڍن جي نگهبان
ٿيندو. ٣ ۽ دربان ان جي لاءِ دروازو کولي ڇڏيو
۽ اهو چرواها آهي ۽ رڍن پنهنجي ڌنار جو آواز
ٻُڌي آهي اهو پنهنجي رڍان کي نالو ڪٺي سڏيندي
وٺي ويندو آهي. ٤ جڏهن اهو ڌنار پنهنجن رڍن
کي ٻاهر ڪيندو آهي ته اهو انهن جي اڳيان
هلندو آهي ۽ رڍان ان جي پويان هلنديون آهن
چالاءِ جو اهي ان جو آواز سڃاڻينديون آهن. ٥ ۽
رڍان ڪنهن ڌاري جي پويان جنهن کي اهي نه
سڃاڻينديون ته نه وينديون آهن. اهي غير شخص
کان پري ڀڃنديون چالاءِ جو اهي انهي جو آواز
سڃاڻينديون آهن.“
٦ يسوع انهن کي اها مثال ٻڌائي. پر ماڻهو
سمجهي نه سگهيا ته ان مثال جو مطلب ڇا آهي.

## يسوع هڪ چڱو ريڍار

٧ انهي جي لاءِ يسوع ان کي ٻيهر چيو، ”آئون
توهان کي سچ چوان ٿو ته آئون رڍن جو در
آهيان. ٨ ۽ جيڪي به مون کان پهريان آيا هئا
اهي چور ۽ ڌاڙيل هئا ۽ رڍن ان جو آواز نه
ٻڌو. “ ٩ آئون دروازو آهيان ۽ جيڪو به ان جي
ذريعي داخل ٿيندو اهو نجات پائيندو ۽ اندر ٻاهر
وڃڻ جي لاءِ هوندو ۽ جيڪوو ڪجهه اهو
چاهيندو اهو پائيندو. ١٠ چور ته چورائڻ ۽ مارڻ
جي لاءِ ايندو آهي. پر آئون زندگي ڏيڻ جي لاءِ
آيو آهيان جيڪا خوبين ۽ چڱاين سان ڀرپور آهي.
١١ ” مان هڪ چڱو ڌنار آهيان ۽ چڱو ڌنار
پنهنجي رڍن جي لاءِ پنهنجي زندگي ڏيندو آهي.
١٢ پر مزور جيڪي ڌنار کي نگهباني جي لاءِ
اجرو ڏيندو آهي اهو ڌنار کان مختلف آهي.
اجرو ملڻ وارو مزور رڍن جو مالڪ نه هوندو
آهي جڏهن مزدور اهو ڏسندو جيئن رڍان اڇن
ٿيون ته اهو ڀڃي ويندو آهي ۽ رڍن کي ڇڏي
ڏيندو آهي ته بگهڙ حملو ڪندو آهي ۽ انهن کي
ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيندو آهي. ١٣ اهو مزور ان
جي لاءِ ڀڃي ويندو آهي ته اهو صرف ملازم
آهي ۽ ان کي رڍن جو فڪر ناهي هوندو.
١٤-١٥ ” آئون چڱو ڌنار آهيان ريڍار کي ايئن
ڄاڻيندو آهيان جهڙي طرح پيءُ مون کي ڄاڻيندو
آهي. ۽ مان پيءُ کي ۽ اهڙي طرح رڍون به
مون کي ڄاڻينديون آهن. مان انهن رڍن جي لاءِ
پنهنجي جان به ڏيندو آهيان. ١٦ منهنجون ٻيون
به رڍان آهن جيڪي هنن رڍن ۾ نه آهن مون کي
انهن کي وٺي اچڻو آهي اهي منهنجو آواز ٻُڌي
ته آئيندا هڪ ڌڻ هوندو ۽ ان جو هڪ ريڍار
هوندو. ١٧ پيءُ مون سان محبت ڪري ٿو انهي
جي لاءِ آئون جان ڏيندو آهيان ته جيئن ان کي
ٻيهر واپس وٺي سگهان. ١٨ ڪوئي به مون کان
منهنجي جان نه ٿو کسي سگهي. بلڪ مان ئي
ايئن ڏيندو آهيان ۽ اهو ڪرڻ جو مون کي ئي
حق آهي ۽ اختيار آهي ته واپس وٺان اهو حڪم
مون منهنجي پيءُ ڏنو آهي.
١٩ انهن ڳالهين تي يهودي پاڻ ۾ هڪ ٻئي
سان اختلاف ۾ هيا. ٢٠ انهن مان گهڻن يهودين
چيو. ”انهن ۾ ڀوت اچي وئي آهي ۽ اهي چريو
ٻڏائيندي آهي چالاءِ اسان ان جي ٻڌون.“
٢١ پر يهودين چيو، ”هڪ ماڻهون ڀوت
جي زيراثر هيو اهڙيون ڳالهيون نه ٿو ڪري
سگهان. ڇا هڪ ڀوت انڌهي ماڻهو کي ڏسڻ جي
صلاحيت ڏيئي سگهي ٿي؟ ڪڏهن نه.“

## يهودين جو يسوع جي خلاف ٿيڻ

٢٢ سرديءَ جي موسم هئي ۽ يروشلم ۾ تجديد
جي عيد هئي. ٢٣ يسوع هيڪل جي سليماني
ڏيوڍي ۾ هيو. ٢٤ يهودي يسوع جي اعتراف
تي جمع هيا. ۽ انهن کي چيائين، ”ڪيستائين
توهان اسانکي پنهنجي باري ۾ تنگ ڪندا رهندا؟
جيڪڏهن تون مسيح آهين ته صاف صاف چئو.“
٢٥ يسوع جواب ڏنو آئون ته توهان کي چئي

چڪو آهيان پر توهان يقين نه ٿا ڪريو مان پنهنجي
پيءُ جي نالي تي معجزو ڏيکاريان ٿو اهو معجزو
خود منهنجي شاهدي هوند ته آئون ڪير آهيان.
٢٦ پر توهان مون تي يقين نه ٿا ڪريو چالاءِ جو
توهان منهنجن رڍن آئون نه آهيو. ٢٧ منهنجون
رڍون منهنجو آواز سڃاڻي وينديون آهن.٢٨ آئون
هميشه پنهنجن رڍن جي زندگي بخشش ڪندو
آهيان ۽ اهي ڪڏهن زخمي نه ٿينديون ۽ ڪوئي
به انهن کي مون کان ڌار نه ٿو ڪري سگهي.
٢٩ منهنجو پيءُ جنهن مون کي رڍان ڏنيون آهن
اهو سڀ کان وڏو آهي. ڪوئي به ماڻهون منهنجي
پيءُ جي هٿن مان انهن کي کسي نه ٿو سگهي. ٣٠
منهنجو پيءُ ۽ آءُ هڪ ئي آهيون.“
٣١ يهودين يسوع کي مارڻ لاءِ وري پهڻ کنيا.
٣٢ پر يسوع انهن کي پيهر چيو، ”آئون پنهنجي
پيءُ جي طرف کان گهڻا سٺا ڪم ڪيا ۽ اهي
توهان سڀن ڏٺا آهن ۽ توهان انهن سٺن ڪمن
جي وجهه جي ڪري مون کي مارڻ چاهيو ٿا؟“
٣٣ يهودين چيو، ” اسان تو کي سنگسار ڪرڻ
چاهيون ٿا انهي لاءِ نه ته تون سٺا ڪم ڪيا
بلڪ ان لاءِ ته تون خدا جي خلاف ڪفر بڪي
ٿيو. تون صرف ماڻهون ئي آهين پر پنهنجو پاڻ
کي خدا چوين ٿو.
٣٤ يسوع جواب ڏنو، ”اهو توهان جي
شريعت ۾ لکيل آهي، ”آئون چيو ته توهان خدا
آهيو؟“' ٣٥ جڏهن ته هن انهن کي چيو جن
وٽ خدا جو ڪلام آيو ۽ صحيفن جو بدلجڻ
جو ممڪن نه آهي. ٣٦ توهان مون اهو چو ٿا
چئو ته مان خدا جي خلاف چئي رهيو آهيان.
چالاءِ جو آئون چيو ته آءُ خدا جو پٽ آهيان
آئون ئي هڪ اهڙو آهيان جنهن خدا چونڊي
ڪري دنيا ۾ موڪليو. ٣٧ جيڪڏهن آئون
پنهنجي پيءُ جا مقصدن پورا نه ٿو ڪريان
ته مون تي ايمان نه آڻيو. ٣٨ پر جيڪڏهن
آئون اهوئي ڪيان جيڪو پيءُ ڪيو آهي
تڏهن ته سمجهندءُ ته پيءُ مون مان آهي مان
پيءُ مان آهيان.“
٣٩ يهودين يسوع کي پيهر گرفتار ڪرڻ جي
ڪوشش ڪئي پر يسوع انهن جي هٿن مان
نڪري چڪو هيو.
٤٠ يسوع پيهر درياءِ يردن جي هُن طرف
هليو ويو جتي يوحنا بپتسمه ڏيندو هيو يسوع اتي
ٽڪي پيو. ٤١ گهڻا ئي ماڻهو يسوع جي ويجهو
آيا ۽ چيو، ”يوحنا ڪڏهن به ڪوئي معجزو
ناهي ڏيکاريو ۽ جيڪي ڪجهه يوحنا ان شخص
متعلق چيو اهو سچ آهي.“ ٤٢ ۽ اتي موجود
ماڻهن ۾ ڪئي ماڻهون يسوع تي ايمان آندو.

## لعرز جي موت

١١ ١ بيت عنياه جي شهر ۾ هڪ لعرز
نالي شخص هيو. هي انهي شهر جو
هيو جتي مريم ۽ ان پيڻ مارٿا رهندي هئي. ٢ اِها
اهائي مريم هئي جنهن خداوند يسوع تي عطر
لڳائي ڪري پنهنجي وارن سان صاف ڪندي
هئي. لعرز مريم جو ڀاءُ هيو جيڪو بيمار هيو.
٣ مريم ۽ مارٿا يسوع کي پيغام موڪليو هيو
ته، ”خداوند توهان جو عزيز دوست لعرز بيمار
آهي.“
٤ يسوع اهو ٻڌي ڪري چيو، ”اها بيماري
ان جي موت جي لاءِ نه آهي بلڪ اها بيماري
خداوند جو جلال آهي، ته جيئن ان جي ذريعي
خدا جي پُٽ جو جلال ظاهر ٿئي.“ ٥ يسوع مارٿا
۽ ان جي پيڻ مريم ۽ لعرز کي عزيز رکندو هيو.
٦ جڏهن يسوع اهو ٻڌو ته هو جنهن جاءِ تي
رڪيل هيو اتي وڌيڪ به ڏينهن ترسي پيو. ٧
تڏهن يسوع پنهنجي شاگرد کي چيو، ”اسان کي
يهوداه ڏانهن واپس هلڻ گهرجي.“
٨ شاگردن جواب ڏنو، ”اي استاد ٿورڙي دير
پهريان ته يهوداه جا يهودي توهان کي سنگسار
ڪري مارڻ پيا چاهين ۽ انهن ايئن ڪرڻ جي
ڪوشش ڪئي آهي. ۽ توهان واپس اتي وڃڻ
چاهيو ٿا.“
٩ يسوع جواب ڏنو، ”ڏينهن جا ٻاراهن
ڪلاڪ روشني رهندي آهي. جيڪڏهن ڪوئي
ڏينهن جي روشني ۾ ٿابڙجي نه ڪرندو. چالاءِ
جواهو دنيا جي روشني ڏسندو آهي.
١٠ جيڪڏهن ڪو رات جو هلي ته ٿابڙي
ڪرندو آهي. چالاءِ جو روشني نه هجڻ جي
وجهه سان هو ڏسي نه سگهندو.“
١١ انهن ڳالهين ڪانپوءِ يسوع چيو، ”اسان جو
دوست لعرز هن وقت سمهي رهيو آهي، پر آئون
ان کي جاڳائڻ جي لاءِ وڃي رهيو آهيان.“

' ١٠: ٣٤ اقتباس زبور ٨٢: ٦

١٢ شاگردن چيو، ”پر اي خداوند هو سمهي
رهيو آهي ته اهو سٺو نه آهي.“ ١٣ يسوع ان جي
موت جي باري ۾ چيو پر شاگردن سمجهيو ته ننڊ
۾ سمهڻ جي بابت چيو آهي.
١٤ تڏهن يسوع صاف طور تي چيو، ”لعزر
مري ويو“ ١٥ ۽ آئون انهيءَ لاءِ خوش آهيان ته
آئون اتي نه هيس آئون توهان لاءِ خوش آهيان.
ڇالاءِ جو توهان مون تي ايمان آڻيندا. ”هاڻي
اسان سڀ ان جي ويجهو هلون.“
١٦ تڏهن ٿامس ۾ جيڪو توام سڏائيندو هو. ٻين
شاگردن کي چيائين، ”اسان به يهوداه ويندا‌سين ۽
يسوع سان گڏ مرنداسين.“

## يسوع بيت عنياه

١٧ يسوع بيت عنياه پهتو اتي وڃي ڪري
ان کي معلوم پيو ته لعزر کي مري ويندي چار
ڏينهن ٿي ويا آهن ۽ اهو قبر ۾ آهي. ١٨ بيت
عنياه يروشلم کان تقريبن ٻه ميل پري هيو. ١٩
ڪئي يهودي مريم مارٿا جي موت جي موقعي
تي عذرخواهي ڏيڻ يروشلم کان آيا هئا.
٢٠ مارٿا يسوع جي اچڻ جي خبر ٻڌي ٻاهر ان
سان ملڻ وئي پر مريم گهر ۾ ئي رهي. ٢١ مارٿا
يسوع کي چيو، ”اي خداوند جيڪڏهن تون هتي
هجي هان ته منهنجو ڀاءُ نه مري ها. ٢٢ ان جي
باوجود مان ڄاڻان ٿي ته تون جيڪو ڪجهه به
خدا کان گهرندي ته اهو تو کي ڏيندو.“
٢٣ يسوع چيو، ”تنهنجو ڀاءُ ٻيهر زنده اٿندو.“
٢٤ مارٿا چيو، ”مان ڄاڻان ٿي ته منهنجو ڀاءُ
ٻيهر جيءِ اٿندو جڏهن ته ٻيا ماڻهون موت کانپوءِ
کنيا ويندا.“
٢٥ يسوع چيو، ”آئون ئي قيامت آهيان ۽
زندگي به آئون آهيان جيڪي ماڻهون مون تي
ايمان آڻيندا اهي مري به وڃن پوءِ به زنده رهندا.
٢٦ ۽ جيڪي ماڻهون زنده رهي ڪري مون تي
ايمان آڻيندا سچ پچ ۾ اهي ڪڏهن نه مرندا. مارٿا
ڇا تون ان تي ايمان آڻيندينءَ؟“
٢٧ مارٿا جواب ڏنو، ”ها اي خداوند! مان
ايمان آڻيان ٿي ته تون مسيح آهين، خدا جو پُٽ
جيڪي مسيح دنيا ۾ اچڻ وارو هيو.“

## يسوع جو روئڻ

٢٨ ايترو چئي ڪري مارٿا هلي وئي ۽
پنهنجي ڀيڻ مريم کي اڪيلي ۾ وٺي وڃي
ڪري چيائينس، ”استاد هتي آهي ۽ اهو تنهنجي
لاءِ پڇي رهيو آهي.“ ٢٩ جڏهن مريم ٻڌو ته
جلدي اٿي بيهي رهي ۽ يسوع سان ملڻ وئي.
٣٠ يسوع اڃان تائين ڳوٺ ۾ نه پهتو هيو اهو
انهي جڳهه تي هيو جتي مارٿا ان سان ملي هئي.
٣١ يهودي جيڪي مريم سان گهر ۾ گڏ هئا ۽
ان کي عذرخواهي ڏيئي رهيا هئا انهن ڏٺو ته
مريم جلدي گهر کان ٻاهر نڪري ويئي. انهن
سمجهيو ته هوءَ لعزر جي قبر ڏانهن وڃي رهي
آهي ۽ اتي وڃي روئندي ان جي لاءِ اهي ان جي
پويان هليا. ٣٢ مريم ان جاءِ تي ويئي جتي يسوع
هيو جڏهن هن يسوع کي ڏٺو، ان جي پيرن تي
ڪري ۽ چيو، ”خداوند جيڪڏهن توهان هتي
هجو ها ته منهنجو ڀاءُ نه مري ها.“
٣٣ يسوع ڏٺو ته مريم روئي رهي هئي ۽
جيڪي يهودي ان سان گڏ آيا هيا اهي به روئي
رهيا هئا. يسوع کي پنهنجي دل ۾ گهڻو رنج ٿيو
۽ پريشان ٿي ويو.
٣٤ يسوع پڇيو، ”توهان لعزر کي ڪٿي رکيو
آهي؟“ انهن چيو اي خداوند! اچو ۽ ڏسو.
٣٥ يسوع رنو.
٣٦ يهودين چيو، ”ڏس! يسوع لعزر کي گهڻو
چاهيندو هيو.“
٣٧ پر ڪجهه يهودين چيو، ” يسوع انڌهي
جون اکيون سڄيون ڪيون. وري لعزرکي
ڪجهه نه ڪجهه ڪري ان کي مرڻ کان چو
نه روڪيو؟“

## يسوع جو لعزر کي زنده ڪرڻ

٣٨ يسوع کي وري دل ۾ رنج ٿيو. يسوع لعزر
جي قبر تي آيو. اها هڪ غار هئي ۽ پهڻ ڏنل
هيو. ٣٩ يسوع چيو، ”پهڻ کي هٽايو“ مارٿا چيو،
”پر اي خداوند لعزر کي مرندي چار ڏينهن ٿي
ويا آهن ۽ ان مان بدبوءِ اچي رهي آهي.“ مارٿا
مئل لعزر جي ڀيڻ هئي.
٤٠ يسوع مارٿا کي چيو، ”ياد ڪر آئون توکي
ڇا چيو هيو، مان چيو هو جيڪڏهن تون ايمان
آڻيندينءَ ته خدا جو جلال ڏسندينءَ.“
٤١ تڏهن غار جي داخل ٿيڻ وارو پهڻ هٽايو
تڏهن يسوع ڏسي ڪري چيو، ”اي منهنجا پيءُ
مان شڪرگذار آهيان ته تون منهنجي ٻڌي آهي.

٤٢ آئون ڄاڻان ٿو ته هميشه منهنجي ٻُڌوندو
رهين پر آئون اهو انهي لاءِ چيو ته آس پاس
جيڪي ماڻهون بيٺا آهن ۽ اهي ان ڳالهه ايمان
ڪٽي اچن تي ته تون مون کي موڪليو آهي.“
٤٣ ايترو چئي يسوع وڏي آواز سان چيو
”لعزر ٻاهر نڪري آ“ ٤٤ مرده شخص ٻاهر آيو
ان جي هٿن پيرن تي ڪفن ويڙهيل هيو ان جو
چهرو رومال سان ڍڪيل هيو.
يسوع ماڻهن کي چيو، ” ان تي ويڙهيل ڪپڙي
کي ڪيو ۽ هن کي وڃڻ ڏيو.“

## يهودي سردارن جو يسوع کي قتل ڪرائڻ جو منصوبو

*(متي ٢٦: ١-٥؛ مرقس ١٤: ١-٢؛ لوقا ٢٢: ١-٢)*

٤٥ اتي ڪيترائي يهودي هيا جيڪي مريم
سان ملڻ آيا هيا. جنهن يسوع جا ڪارنامه ڏٺا
ته ايمان آندائون. ٤٦ انهن مان ڪجهه يهودي
فريسين جي پاسي ويا ۽ جيڪوڪجهه ڏٺو اهو
سپ چيو. ٤٧ تڏهن سردار ڪاهن ۽ فريسين
صدر عدالت جي ماڻهن کي جمع ڪري چيو،
”اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي اهو ماڻهون ته
ڪيئي معجزه ڏيکاري رهيو آهي. ٤٨ جيڪڏهن
اسان خاموش رهياسين ته ۽ ان کي انهيءَ طرح
ڪرڻ ڏيون ته سپ ماڻهون ان تي ايمان آڻيندا
پوءِ روم جي ماڻهن کي اچي ڪري اسان جي
قوم ۽ هيڪل کي تباهه ڪندا.“
٤٩ ان ۾ ڪائفانامي شخص جيڪو ان سال
جو سردار ڪاهن هيو چيو، ”توهان ماڻهون
ڪجهه نه ٿا ڄاڻون. ٥٠ بهتر آهي ته توهان مان
هڪ ماڻهون قوم جي واسطي مري وڃي نه ڪ
سڄي قوم هلاڪ ٿي، پر توهان ماڻهون اهو نه
ٿا سمجهو.“
٥١ ڪائفا پاڻ نه سوچيو. اهو ان سال
سردارڪاهن هيو ۽ انهيءَ لاءِ اهو نبوت جي
طور چئي رهيو هيو ته يسوع يهودي قوم جي
لاءِ مرندو. ٥٢ ها يسوع يهودي قوم جي لاءِ جان
ڏيندو. اهو خدا جي ٻين ٻارن جي لاءِ به مرندا
جيڪو سڄي دنيا ۾ ڇڙو ڇڙ آهن. اهي ان سڀن
کي گڏ ڪري هڪ ٻڌائڻ لاءِ مرندا.
٥٣ ان ڏينهن کان يهودي سردارن منصوبه
ترتيب ڏيڻ شروع ڪيا ته ڪهڙي طرح يسوع
کي قتل ڪريون. ٥٤ ان وجهه سان يسوع کلو
ڪولايو تي انهن ماڻهن کي گڏ سفر ڪرائڻ ترڪ
ڪيو. يسوع يروشلم کان روانو ٿي ڪري
ريگستان جي ويجهو هڪ جڳهه تي ٺهريا ان
جو نالو افرائيم هيو اتي يسوع پنهنجي شاگردن
سان گڏ ٺهريو رهيو.
٥٥ انهن ڏينهن يهودين کي فسح جي عيد
ويجهو هئي ڪئي ماڻهون فسح کان پهريان
يروشلم ويا ته جيئن پنهنجو پاڻ کي پاڪ ڪرن.
٥٦ ماڻهون يسوع جي تلاش ڪري رهيا هئا اهو
هيڪل ۾ بيٺو هيو ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان پڇي
رهيا هئا ته ”توهان ڇا ٿا سمجهو ته هو عيد تي
ايندو؟“ ٥٧ پر سردار ڪاهنن ۽ فريسين يسوع
جي متعلق هڪ خاص حڪم جاري ڪيو ڇا
انهن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي خبر پئجي
وڃي ته يسوع ڪٿي آهي ته ان جي اطلاع ڏيڻ
گهرجي ته سيئي سردار ڪاهن ۽ فريسي ان کي
گرفتار ڪري سگهن.

## يسوع جو بيت عنياه ۾ پنهنجن دوستن سان گڏ هجڻ

*(متي ٢٦: ٦-١٣؛ مرقس ١٤: ٣-٩)*

١٢ ١ فسح جي عيد کان ڇهه ڏينهن پهريان
يسوع بيت عنياه ويو جتي لعزر رهندو
هيو ۽ جنهن کي يسوع موت کان زنده ڪيو. ٢
بيت عنياه ۾ انهن ماڻهن يسوع جي لاءِ شام جو
ڪاڌو تيار ڪيو ۽ مارٿا خدمت ۾ هئي لعزر انهن
۾ شامل هيو جيڪو يسوع سان گڏ ڪاڌو کائڻ ويٺو
هيو. ٣ مريم ڳري ملهه وارو ۽ بيش قيمت عطر
يسوع جي پيرن تي ڇٽڪايو پوءِ انهن جي پيرن
کي پنهنجي وارن سان صاف ڪرڻ ۽ سڄي گهر
۾ عطر جي خوشبو ڦهلجي ويئي.
٤ يهوداه اسڪريوتي به اتي هيو جيڪو يسوع
جي شاگردن ۾ هيو جيڪو بعد ۾ يسوع جو
مخالف ٿيو. يهوداه چيو، ٥ ”ان عطر جي قيمت
ٽي سوء سونا چاندي جي سڪن جي هوندي ان
کي فروخت ڪري انهن پيئسن کي غريبن ۾
تقسيم ڪريو وڃي ها.“ ٦ يهوداه کي غريبن جي
فڪر نه هئي ۽ ان اها ڳالهه ان ڪري ڪئي
ڇالاءِ جو اهو هڪ چور هيو ۽ اهو انهن ۾ هيو
جنهن وٽ انهن ماڻهن کي ڏنل رقم جي ڳوٿري
هوندي هئي. ۽ يهوداه کي جڏهن به موقعو مليو
ان مان چورائيندو هيو.

٧ يسوع چيو، ”ان کي نه روڪيو اهو انهيءَ
لاءِ صحيح آهي ته اهو اهڙو ڪري ۽ هي
منهنجي دفن جي تياري آهي. ٨ چالاءِ جو ته
غريب ته توهان سان ڳڏ هميشه رهندا پر آئون
توهان وٽ رهندس.“

## لعزر جي خلاف منصوبو

٩ ڪئي يهودين ٻڌو ته يسوع بيت عنياه ۾ آهي
جيئن ته اهو انهن ماڻهن کي ۽ لعزر کي به ڏسڻ
لاءِ ويو لعزر اهو ئي آهي جنهن کي يسوع مردي
مان زنده ڪيو هيو. ١٠ اهڙي طرح ڪاهنن
جي رهنما لعزر کي به مارڻ جو منصوبو ٺاهيو.
١١ لعزر جي وجهه سان ڪئي يهودي پنهنجي
سردار کي ڇڏي رهيا هئا ۽ يسوع تي ايمان آڻيندا
رهيا هئا. انهيءَ لاءِ يهودين جي سردارن لعزر
کي مارڻ جو منصوبو ٺاهيو.

## يسوع جو يروشلم اچڻ

*(متي ٢١: ١-١١؛ مرقس ١١: ١-١١؛
لوقا ١٩: ٢٨-٤٠)*

١٢ ٻئي ڏينهن ماڻهن ٻڌو ته يسوع يروشلم اچي
رهيو آهي. اهي ماڻهون فسح جي عيد تي يروشلم
آيا هئا. ١٣ انهن ماڻهن کجي جون ڏاريون کنيون
۽ يسوع سان ملڻ ۽ سڏڻ لڳا،

”ان جي وڏائي بيان ڪريو، ان جو
استقبال ڪريو، ”۽ ان تي خدا جي
رحمت آهي جو خداوند جي نالي تي اچڻ
ٿا.“ *زبور ١١٨: ٢٥-٢٦*

خدا جي رحمت اسرائيل جي بادشاهه تي
آهي.

١٤ يسوع کي گڏهه مليو ۽ اهو ان تي سوار
ٿيو، جيئن صحيفه چوي ٿو.

١٥ ”اي شهر صيون' نه ڊڄ ۽ ڏس ته
تنهنجو بادشاهه اچي رهيو آهي ۽ ڪودڙي
تي سوار آهي. *زڪرياه ٩: ٩*

' **١٢: ١٥ صيّون** ادبي طور تي ”صيون جي ڌيءَ“ ان
جي معنيٰ آهي شهر يروشلم.

١٦ ان وقت يسوع جي شاگردن انهن ڳالهين
کي نه سمجهيو پر جڏهن يسوع پنهنجي جلال تي
آيو ته انهن کي ياد آيو ته سڀ ڪجهه انهيءَ جي
متلق لکيو ويو تڏهن شاگردن سمجهيو ۽ ياد ڪيو
ته ماڻهن ڇا سلوڪ ڪيو آهي.
١٧ ان وقت جڏهن يسوع لعزر کي زنده ڪيو
ته ڪئي ماڻهون ان سان ڳڏ هيا ۽ اهي ان خبر
ڦهلائي رهيا هئا. ١٨ انهيءَ وجهه سان ڪئي
ماڻهون يسوع سان ملڻ ويا چالاءِ ته انهن ٻڌو
هيو ته يسوع لعزر سان ڳڏ معجزو ڏيکاريو. ١٩
تڏهن فريسين هڪ ٻئي سان چوڻ لڳا، ”ڏسو
اسان جو منصوبو ڪامياب ٿيندي نظر نه ٿو
اچي تمام ماڻهون ان جي پويان پيروري ڪري
رهيا آهن.“

## يسوع جو زندگي ۽ موت جي باري ۾ چوڻ

٢٠ اتي ئي ڪجهه يوناني ماڻهون به هيا
جيڪي فسح جي عيد جي موقعي تي عبادت
ڪرڻ آيا هئا. ٢١ اهي يوناني ماڻهون فلپس
ڏانهن ويا فلپس بيت صيدا گليل جو رهڻ وارو
هيو ۽ ان کي چيو، ”اسان يسوع سان ملڻ
چاهيون ٿا“ ٢٢ فلپس اندرياس کي چيو، ”تڏهن
فلپس ۽ اندرياس ٻنهن يسوع کي چيو.
٢٣ يسوع انهن کي چيو وقت اچي ويو آهي ته
ابن آدم جلال پائڻ وارو آهي. ٢٤ اهو ئي توهان
کي سچ چوان ٿو ته ڪڻڪ جي هڪ ڏاڻو به
زمين تي ڪري مري ويندو آهي تڏهن ئي زمين
کان ڪئي بيا ڏاڻا پيدا ٿيندا آهن پر جيڪڏهن اهو
نه مري ها ته وري هڪ ئي داڻي جي شڪل ۾
رهندو آهي. ٢٥ جيڪو شخص پنهنجي جان کي
عزيز رکي ٿو ۽ اهو وڃائي ڇڏي ٿو پر جيڪو
شخص ان دنيا ۾ پنهنجي زندگي جي پرواهه
نه ڪندو آهي ۽ ان کان نفرت ڪندو آهي اهو
هميشه جي زندگي پائيندو آهي. ٢٦ جيڪو
شخص منهنجي خدمت ڪري ٿو اهو مون سان
ڳڏ هلي ۽ اهو ئي جتي به اهيان منهنجا خدمتگار
سان ڳڏ هوندا. منهنجو پيءُ انهن کي به عزت
ڏيندو. جيڪو منهنجي خدمت ڪندو.

## يسوع جو پنهنجي موت جي باري ۾ چوڻ

٢٧ هاڻي منهنجي جان پريشان ٿي تنهنڪري
مان ڇا ڪريان. ڇا اهو ئي چوان ته اي پيءُ

مون کي انهن تڪليفن کان بچاءِ! نه اهو ئي پاڻ
انهن جون تڪليفون سهڻ آيو آهيان. ٢٨ اي پيءُ
پنهنجي نالي جي وڏائي ۽ جلال رکي ڇڏ.“ تڏهن
هڪ آواز آسمان مان آيو، ”آئون ان نالي جي
وڏائي ۽ جلال کي قائم رکيو آهي.“
٢٩ جيڪي ماڻهون اتي بيٺا هئا انهن اهو آواز
ٻڌي ڪري چيو اُپ گجهيو آهي پر ٻين چيو، ”اهو
ته ملائڪ آهي جيڪو يسوع سان همڪلام ٿيو.“
٣٠ يسوع ماڻهن کي چيو، ”اها آواز مون جي
لاءِ نه بلڪه توهان جي لاءِ هئي. ٣١ هاڻي دنيا
جي عدالت جو وقت اچي ويو آهي. هاڻي دنيا
جو حاڪم (شيطان) دنيان کان ڪڍيو ويندو. ٣٢
۽ مون به زمين تا کنيو ويندو جڏهن ايئن ٿيندو
مان سڀني ماڻهن کي پاڻ سان گڏ ڪٺندس.“ ٣٣
اهڙي طرح يسوع ٻڌايو ته اهو ڪهڙي طرح
جي موت مرندو.
٣٤ ماڻهن يسوع کي چيو، ”پر اسان جي
شريعت ٻڌائيندي آهي مسيح هميشه جي لاءِ
رهندو توهان ائين ڇو چوندا آهيو ته ابن آدم کي
مٿي چاڙهيو ويندو ابن آدم ڪير آهي؟“
٣٥ تڏهن يسوع چيو، ” ڪجهه دير نور
توهان سان گڏ آهي جيسيتائين نور توهان سان
گڏ آهي تاريڪي توهان جي غالب نه ايندي ۽
جيڪا تاريڪي ۾ هلندو آهيان ان کي خبر ناهي
ته اها ڪاڏي وڃي رهي آهي. ٣٦ جڏهن ته
نور توهان وٽ آهي لهاذه توهان نور تي ايمان
آڻيو ته توهان نور جا پار ٿيو.“ جڏهن يسوع
پنهنجو ڪلام ختم ڪيو ۽ اهڙي جاءِ تي ويو
جتي ماڻهون ان کي پائي نه سگهيا.

## يهودين جو يسوع جي لاءِ عدم يقين

٣٧ يسوع ڪئي معجزه ڏيکاريا ۽ ماڻهن سڀ
ڪجهه ڏٺو ان جي باوجود ان تي ايمان نه آندو.
٣٨ ان کان يسعياه نبي جي ڪلام جي وضاحت
ٿي جيڪو ان چيو:

”اي خداوند ڪنهن اسان جي پيغام کي
مڃيو ۽ ايمان آندو ۽ ڪنهن خداوند جي
طاقت جو مظاهرو ڏٺو؟“ *يسعياه ٥٣: ١*

٣٩ ان جي هڪ ٻئي وجهه هئي جنهن سان اهي
ايمان نه آندو جيئن ته يسعياه چيو:

٤٠ ”خدا انهن کي انڌهو ۽ انهن جي دلين
کي سخت ڪري ڇڏيو. انهيءَ لاءِ ايئن
ڪيو ته جيئن اهو پنهنجي اکين سان نه
ڏسن ۽ نه دل سان سمجهن ۽ مون ڏانهن
ڦري پون. ته جيئن آئون انهن کي شفاءِ
ڏيان.“ *يسعياه ٦: ١٠*

٤١ يسعياه انهيءَ لاءِ چيو ته اُن ان جي وڏائي ۽
جلال ڏٺو هيو انهيءَ لاءِ يسعياه انهي جي باري
۾ ايئن چيو.
٤٢ ڪئي ماڻهن يسوع تي ايمان آندو جيئن
ته يهودي سردارن به ان تي ايمان آندو پر اهي
فريسين کان ڊڄن ٿا انهيءَ لاءِ انهن کلو کلائي
طور تي پنهنجي ايمان کي ظاهر نه ڪيو. انهن
کي اهو خوف هيو ته انهن يهودين جي عبادتگاهن
کان ڪڍيو نه وڃي. ٤٣ انهيءَ لاءِ ته خدا جي
وڏائي جي بجاءِ ماڻهن جي وڏائي گهرجي پئي.

## يسوع جي تعليمات ماڻهن جو انصاف ڪندي

٤٤ يسوع وڏي آواز سان چيو، ”جيڪو مون
تي ايمان آڻيندو آهي ته اهو مون تي ايمان نه آندو
جيئن اهو مون کي موڪلڻ وارن تي ايمان آندو
آهي. ٤٥ ” جيڪو مون کي ڏسندو آ ان مون کي
موڪلڻ واري ڏٺو. ٤٦ آئون نور آهيان، ۽ ان
دنيا ۾ آيو آهيان. ته جيئن ماڻهون مون تي ايمان
آڻڻ ۽ جيڪو ڪوئي مون تي ايمان آڻيندو اهو
تاريڪي ۾ نه رهندو.
٤٧ ”آئون هن دنيا ۾ ماڻهن جو انصاف ڪرڻ
جي لاءِ نه آيو آهيان بلڪه ماڻهن کي پائڻ جي
لاءِ آيو آهيان ته پوءِ آئون اهو نه آهيان ته ماڻهن
جو انصاف ڪريان جيڪو منهنجي تعليمات کي
ٻڌي ڪري ايمان نه آندو مان ان کي ڏوهاري
قرار ٺهرائيندس. ٤٨ جن ماڻهن منهنجي ڳالهين
کي ٻڌو ۽ ايمان نه آڻيو انهن کي عدالت ڪرڻ
وارو هڪ ئي آهي. جيڪو ڪجهه آئون توهان
کي سکياريو ۽ ان جي مطابق آخري ڏينهن ان
جي عدالت ٿيندي. ٤٩ ڇالاءِ جو جن شين کي
آئون تعليم ڏني آهي اها منهنجي پنهنجي ناهي.
پيءُ جنهن مون کي موڪليو آهي انهيءَ چيو ته
ڇا چوڻ آهي. ٥٠ ۽ آئون ڄاڻيان ٿو ته هميشه
جي زندگي پيءُ جي حڪمن تي عمل ڪري
ملندي آهي جيئن ته ڪجهه چوندو آهيان اهي

سڀ ڳالهيون پيءُ ئي جي آهي جنهن مون کي
موڪليو آهي.“

## يسوع جو پنهنجي شاگردن جا پير ڌوئڻ

١٣ ١ فسح جي عيد قريب يسوع ڄاتيو
ته وقت اچي پهتو آهي ته دنيا کان
نڪري ڪري پيءُ ڏانهن وڃان. دنيا ۾ هميشه
انهن ماڻهن سان محبت ڪري جيڪو انهن جو
پنهنجو هيو. انهي وقت انهن کي پنهنجي محبت
پوري طرح اظهار ڪيو.
٢ يسوع ۽ ان جا شاگرد رات جي ڪاڌي تي
هيا. شيطان ابليس يهوداه اسڪريوتي جي دل ۾
ڳالهه وجهي چڪو هيو ته اهو يسوع جي خلاف
ٿي وڃي. يهوداه شمعون جو پُٽ هيو. ٣ يسوع
کي پيءُ هر شيءِ تي اختيار ڏيئي ڇڏيو يسوع
اهو سڀ ڄاڻي ويو. ان کي به معلوم هيو ته اهو
خدا جي طرف کان آيو آهي ۽ واپس خدا ڏانهن
ئي وڃي رهيو آهي. ٤ اهي جڏهن ڪاڌو ڪائي
رهيوآهي يسوع اٿي ڪري پنهنجا ڪپڙا لاٿا ۽
ٽوال پنهنجي چيلهه سان ٻڌيو. ٥ يسوع ٿالهه ۾
پاڻي وجهي ڪري پنهنجي شاگردن جا پير ڌوئي
۽ ان کي پوءِ پنهنجي ٽوال سان اگهيا جيڪو ان
جي چيلهه ۾ ٻڌل هيو.
٦ يسوع پوءِ شمعون پطرس يسوع کي چيو،
”اي خداوند توهان منهنجا پير نه ڌوئو.“
٧ يسوع جواب ڏنو، ”هاڻي توهان نه ٿا ڄاڻيو
ته آئون ڇا ڪري رهيو آهيان پر بعد ۾ تنهنجي
سمجهه ۾ ايندو.“
٨ پطرس چيو، ”مان ڪڏهن به توهان کي
پنهنجا پير ڌوئڻ نه ڏيندم.“ يسوع جواب ڏنو،
”جيڪڏهن تنهنجا پيرن نه ڌوئيندس ته پوءِ تون
منهنجي ماڻهن مان نه هوندين.“
٩ شمعون پطرس چيو، ”اي خداوند! منهنجا
پير ڌوئڻ کان بعد ۾ منهنجا هٿ ۽ منهنجو مٿو به
ڌوئي ڇڏيو.“
١٠ يسوع چيو، ”جيڪو غسل ڪري چڪو
آهي ان کي سواءِ پيرن جي ڪنهن بين عضون
کي ڌوئڻ جي ضرورت ناهي ڇالاءِ جو ته ان
جو پورو بدن صاف آهي ان کي صرف پير
ئي ڌوئڻ جي ضرورت آهي ۽ توهان ماڻهون
پاڪ آهيو. پر سڀ جو سڀ پاڪ ناهيو.“ ١١
يسوع اهو ڄاڻي ويو ته ڪير ان جي مخالف
آهي انهيءَ لاءِ ان چيو، ”توهان ۾ هر ڪوئي
پاڪ ناهي.“
١٢ جڏهن يسوع انهن جي پيرن ڌوئي چڪو
هيو پوءِ ڪپڙا پائي ڪري واپس ميز تي ايندو
يسوع پڇيو، ”ڇا توهان ڄاڻون ٿا ته مان توهان
جي لاءِ ڇا ڪيو؟ ١٣ توهان مون کي استاد ۽
خداوند چوندا آهيو اهو توهان ٺيڪ چئي رهيا
آهيو آئون اهو ئي آهيان. ١٤ مان توهان جي
خداوند ۽ استاد آهيان آئون توهان جي پير هڪ
خادم وانگر ڌوتا انهيءَ لاءِ توهان به پاڻ ۾ هڪ
ٻئي جا پير ڌوئو. ١٥ مان اهو ان لاءِ ڪيو ته
جيئن توهان جي لاءِ هڪ مثال قائم ٿي انهيءَ
لاءِ توهان به هڪ ٻئي سان گڏ ايئن ئي ڪرڻ
گهرجي جيئن ته مان توهان سان ڪيو. ١٦ مان
توهان کي سچ چوان ٿو ته هڪ نوڪر پنهنجي
ڌڻي کان وڏيڪ ناهي ٿي سگهيو ۽ نه موڪليل
پنهنجي موڪلڻ واري کان وڏو ٿي سگهي ٿو.
١٧ جيڪڏهن توهان اهو ڄاڻو ٿا ته تڏهن توهان
مبارڪ رهندا جيڪڏهن اهو سڀ توهان ڪريو.
١٨ ”آئون توهان سڀن جي باري ۾ نه ٿو چوان.
مان جن کي منتخب ڪيو آهي انهن کي مان
ڄاڻان ٿو پر جيڪو صحيفه ۾ آهي اهو پورو
ٿيندو. جيڪو مون سان گڏ ڪائڻ ۾ شريڪ رهيو
اهوئي مخالف ٿيو. ١٩ هاڻي آئون ان جي هوئڻ
کان پهريان خبردار ڪريان ٿو ته جڏهن اهو
واقعو ٿي وڃي ته توهان ايمان آڻيو مان اهو ئي
آهيان. ٢٠ توهان کي سچ چوندو آهيان ته جنهن
مون کي موڪليل کي قبول ڪيو جيئن ته ان
مون کي قبول ڪندو آهي. اهو منهنجي موڪلڻ
وارن کي قبول ڪندو آهي.

## يسوع جو بيان ڪرڻ ته مخالف ڪير آهي

*(متي ٢٦: ٢٠-٢٥؛ مرقس ١٤: ١٧-٢١؛
لوقا ٢٢: ٢١-٢٣)*

٢١ اهي ڳالهيون چئي ڪري پنهنجو پاڻ کي
تڪليف ۾ محسوس ڪيو ۽ کلي کلايو طور تي
چيو، ”آئون توهان کي سچ چوان ٿو ته توهان
مان هڪ منهنجو مخالف ٿيندو.“
٢٢ يسوع جي شاگردن هڪ ٻين کي ڏٺو ۽
اهي سمجهي نه سگهيا ته يسوع ڪنهن مٿهون
جي باري ۾ چئي رهيو آهي.“ ٢٣ هڪ شاگرد
جيڪو يسوع جي ويجهو هيو ۽ يسوع جي طرف

جهڪي ڪري ويٺو هيو ۽ اهو يسوع جو پيارو
شاگرد هيو. ٢٤ شمعون پطرس انهن کي اشاري
سان پڇيو ته يسوع ان جي باري ۾ ڳالهه ڪري
رهيو آهي.
٢٥ ۽ شاگرد ان جي قربت جي سهاري سان
چيو، ”اي خداوند ڪير آهي جيڪو توهان جو
مخالف ٿيندو؟“
٢٦ يسوع جواب ڏنو، ”آئون ماني کي بوڙي
ڪري شخص کي ڏيندس اهو وئي آهي.“ ۽
يسوع هڪ ماني جي ٽڪرو کنيو ۽ ان کي
ٿانون ۾ وجهي ڪري يهوداه اسڪريوتي کي ڏنو
جيڪو شمعون جو پُٽ هيو. ٢٧ جڏهن يهوداه
ماني ورتي شيطان يهوداه ۾ سمائجي ويو. يسوع
يهوداه کي چيو، ”جيڪو تون ڪرڻ چاهين ٿو
اهو جلدي ڪر.“ ٢٨ ميز تي ويٺل شاگردن ۾
ڪنهن نه سمجهيو ته يسوع ان کي ايئن ڇو
چيو. ٢٩ جيئن ته يهوداه وٽ رقم جي ڳوٿري
رهندي هئي انهيءَ لاءِ شاگردن نه سمجهيو شايد
يسوع جي مرضي اها آهي ته يهوداه بازار وڃي
ڪري عيد جي لاءِ ڪجهه وٺي اچي يا وري
اهو سمجهي ته شايد يسوع يهوداه کي اهو چوڻ
چاهي ٿو ته غريبن ۾ ڪجهه ورهائي ڇڏ.
٣٠ يهوداه ماني جو ٽڪرو کنيو ۽ هڪدم ٻاهر
هليو ويو.

## يسوع جو پنهنجي موت جي باري ۾ چوڻ

٣١ جڏهن يهوداه هليو ويو ته يسوع چيو،
”هاڻي ابن آدم جلال پاتو. ٣٢ جيڪڏهن خدا ان
جي ذريعي جلال پائيندو تڏهن خدا به پٽ کي
جلال ڏيندو آهي ۽ ان کي جلد ئي جلال ڏيندو.“
٣٣ يسوع چيو، ”منهنجا ٻارو آئون توهان سان
گڏ صرف مختصر عرصي جي لاءِ رهندس
توهان مون کي ڳولهيندا رهندا ۽ جيئن مان
يهودين کي چيو هيو اهڙي طرح توهان سين
هاڻي چوان ٿو: ”مان جاڏي وڃي رهيو آهيان
توهان اتي نه اچي سگهندا.
٣٤ ”هاڻي آئون توهان کي هڪ نئون حڪم
ڏيان ٿو هڪ ٻئي سان محبت ڪريو جيئن ته
آئون توهان سان محبت ڪئي هئي توهان به
هڪ ٻئي سان محبت ڪريو. ٣٥ سڀ ماڻهون
اهو ڄاڻن ته توهان منهنجا شاگرد آهيو جيڪڏهن
توهان هڪ ٻئي سان محبت ڪندا.“

## يسوع ٻڌايو ته پطرس ان جو انڪار ڪندو

*(متي ٢٦: ٣١-٣٥؛ مرقس ١٤: ٢٧-٣١؛
لوقا ٢٢: ٣١-٣٤)*

٣٦ شمعون پطرس جواب ڏنو، ”اي خداوند
توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو.“ يسوع چيو،
”جا ڏي آئون وڃي رهيو آهيان اتي توهان نه
اچي سگهندا اتان بعد ۾ توهان منهنجي پويان
ايندا.“
٣٧ پطرس چيو، ”اي خداوند! مان هاڻي توهان
جي پويان ڇو نه ٿو اچي سگهان مان توهان جي
لاءِ مرڻ جي لاءِ تيار آهيان.“
٣٨ يسوع جواب ڏنو! ”ڇا توهان حقيقت ۾
پنهنجي زندگي منهنجي لاءِ ڏيندا مان سچ چوان
ٿو ته جڏهن ڪڪڙ بانگ نه ڏيندو تڏهن تون ٽي
پيرا منهنجو انڪار ڪري ويٺو هوندين. ته تون
مون کي نه ٿو ڄاڻين.

## يسوع جو پنهنجي مڃڻ وارن لاءِ خوشخبري ڏيڻ

١٤ ١ يسوع چيو، ”پنهنجي دل کي تڪليف
نه ڏيو خدا تي ۽ پاڻ تي ڀروسو رکو.
٢ منهنجي پيءُ جي گهر ۾ ڪافي جايون آهن
جيڪڏهن اهو سچ نه هوندو ته مان توهان کي
ڪڏهن به چوان ها. اتي وڃي رهيو آهيان ته
جيئن توهان جي لاءِ جڳهه تيار ڪريان. ٣
جڏهن مان اتي وڃي توهان جي لاءِ جڳهه ٺاهيان
تڏهن ٻيهر مان ايندس. ۽ آئون توهان کي پاڻ
سان گڏ ڪٺي ويندس. ۽ تڏهن توهان مون سان
گڏ جتي آئون آهيان اتي توهان به رهندا. ٤ ۽
توهان ان واٽ کي ڄاڻو ٿا جا ڏي مان وڃي
رهيو آهيان.“
٥ ٿهوما چيو، ” اي خداوند! اسان نه ٿا ڄاڻون
ته توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو پوءِ اسان
ڪهڙي طرح واٽ کي سڃاڻينداسين؟“
٦ يسوع جواب ڏنو، ”مان رستو آهيان مان
سچائي آهيان ۽ زندگي به. مان ئي هڪ ذريعو
آهيان جنهن کي توهان پيءُ ڏانهن وڃي سگهو ٿا.
٧ جيڪڏهن توهان حقيقت ۾ مون کي سڃاڻي ويا
ته منهنجي پيءُ کي به سڃاڻيندا ۽ توهان ان کي
ڏسي ڇڏيو آهي.“
٨ فلپس يسوع کي چيو، ”اي خداوند! اسان کي
پنهنجو پيءُ ڏيکاريو اهو ئي اسان چاهيون ٿا.

٩ يسوع جواب ڏنو، ”فلپس ۾ ايترو عرصو
توهان سان گڏ آهيان ۽ توهان مون کي سڃاڻي
وڃيو. جنهن شخص مون کي ڏٺو آهي پوءِ توهان
ايئن چو ٿا چئو ته اسان کي پيءُ ڏيکار؟ ١٠ ڇا
توهان کي يقين نه آهي ته آئون پيءُ مان آهيان
۽ پيءُ مون آئون آهي جيڪو ڪجهه مان توهان
کي چيو آهيان اهو منهنجي طرفان ناهي بلڪه
پيءُ مون مان آهي ۽ اهو پنهنجو ڪم ڪري
رهيو آهي. ١١ جڏهن مان اهو چوان ته پيءُ مون
آهي ته ته يقين ڪرڻ گهرجي يا وري معجزي
جي وجهه کان ايمان ڪٽي اچو جو مان ڪيو.
١٢ آئون سچ چوان ٿو جيڪو شخص مون ۾
يقين رکندو آهي ۽ جيڪو ڪم آئون ڪريان ٿو
اهو به ڪريندو. ها! اهو ان کان به وڌو ڪم
ڪندو جيڪي مان ڪيا آهن. ڇالاءِ ته آئون پيءُ
ڏانهن وڃي رهيو آهيان. ١٣ جيڪڏهن توهان
منهنجي نالي سان ڪجهه چاهيندا مان توهان لاءِ
ڪندس اهڙي طرح پيءُ جي جلال جو اظهار
پُٽ جي ذريعي ٿيندو. ١٤ جيڪڏهن توهان
منهنجي نالي سان ڪجهه چاهيندا ته اهو مان
توهان لاءِ ڪندس.

## روح پاڪ جو واعدو

١٥ جيڪڏهن توهان کي مون سان محبت آهي
ته توهان اهوئي ڪندا جنهن جو آئون حڪم ڏنو
آهي. ١٦ آئون پيءُ کي استدعا ڪندس ته اهو
توهان جي لاءِ ٻيو مددگار[1] ڏيندو. ۽ اهو هيمشه
توهان سان گڏ رهندو. ١٧ اهو مددگار يعني
سچ جو روح[2] جنهن کي دنيا جي تسليم ناهي
ڪندي ڇالاءِ جو ته دنيا نه ان کي ڏسندي آهي
”پر توهان ڄاڻيندا آهيو ته توهان سان گڏ آهي ۽
توهان ۾ رهندو.
١٨”آئون توهان کي اهڙي طرح اڪيلو نه
ڇڏيندس جيئن بغير والدين جي ٻار رهندا آهن
مان توهان ڏانهن ٻيهر ايندس. ١٩ تمام گهٽ وقت
۾ دنيا جا ماڻهون مون کي وري نه ڏسي سگهندا
پر مون کي ڏسندءُ توهان زنده رهندا انهيءَ لاءِ
ته آئون زنده آهيان. ٢٠ ان ڏينهن توهان ڄاڻي
ويندا ته آئون پيءُ ۾ آهيان. ۽ اهو به ڄاڻي ويندا
توهان مون آئون آهيو ۽ مان توهان آئون آهيان.
٢١ جيڪڏهن ڪوئي شخص منهنجي حڪمن
کي ڄاڻي ٿو ۽ ان تي عمل ڪندو آهي تون اهڙو
شخص حقيقت ۾ مون سان ئي محبت ڪندو آهي
۽ منهنجو پيءُ ان سان محبت ڪندو آهي جيڪو
مون سان محبت ڪندو ۽ مان ان کي پاڻ ظاهر
ڪندس ۽ مان ان سان محبت ڪندس ۽ پنهنجو
پاڻ کي ظاهر ڪندس.
٢٢ تڏهن يهوداه (يهوداه اسڪريوتي ناهي)
چيو، ”اي خداوند تون پنهنجو پاڻ کي اسان جي
مٿان ظاهر ڪرڻ جي منصوبو چو ٿاهي رهيا
آهيون ۽ دنيا تي چو نه؟“
٢٣ يسوع جواب ڏنو، ”جيڪڏهن ڪوئي
ماڻهون مون سان محبت ڪندو تو منهنجي
ڪلام تي عمل ڪندو. منهنجو پيءُ ان سان
محبت ڪندو. آئون ۽ منهنجو پيءُ ان سان گڏ
رهنداسين. ٢٤ پر جيڪو شخص محبت ناهي
ڪندو منهنجي تعليمات تي عمل ناهي ڪندو.
۽ اها تعليمات جيڪا توهان ٻڌندا آهيو حقيقت
۾ منهنجي ناهي بلڪه منهنجي پيءُ جي طرفان
آهي جنهن مون کي موڪليو آهي.
٢٥ ”آئون توهان کي سڀ ڪجهه چئي رهيو
آهيان جڏهن ته آئون توهان سان گڏ آهيان. ٢٦
پر مددگار توهان کي هر شيءِ جي تعليم ڏيندو
اهو مددگار جيڪو روح پاڪ آهي توهان کي
منهنجي هر ڳالهه کي ياد ڏياريندو.“ اهو مددگار
روح پاڪ آهي جنهن کي پيءُ منهنجي نالي سان
موڪليندو آهي.
٢٧ ”آئون توهان کي اطمينان ڏياريان ٿو ته اهو
منهنجو پنهنجو اطمينان اهي توهان کي ڏيان ٿو
پر اهڙي طرح نه جيئن ته دنيا توهان کي ڏيندي
آهي انهيءَ لاءِ گهبرايو نه نه ئي ڊڄو.
٢٨ توهان ٻڌي چڪا آهيو جيڪو ڪجهه ته
آئون توهان کي چئي چڪو آهيان آئون وري
توهان ڏانهن ايندس. جيڪڏهن توهان مون سان
محبت رکو ٿا ته توهان خوش ٿيندا ڇالاءِ جو
آئون پيءُ ڏانهن وڃي رهيو آهيان. ڇالاءِ جو
ته پيءُ مون کان گهڻو مٿانهون آهي. ٢٩ آئون
توهان سان ڪجهه ٿيڻ کان قبل سڀ ڳالهيون
چئي چڪو آهيان. ته جيئن جڏهن ٿي وڃي ته
توهان يقين ڪري سگهو.“

[1] ١٤: ١٦ **مددگار** يا ”آرم واري“ روح القدس.
[2] ١٤: ١٧ **روح** حق هي روح القدس آهي. ان جو ڪم
يسوع جي مدد ڪرڻ ان جي لاءِ خدا جي سچائي کي ان
جا شاگرد سمجهي ويا يوحنّا ١٦: ١٣

٣٠ آئون توهان کان ۽ گهڻي ڳالهه نه ڪندس
چالاءِ جو ته دنيا جو حاڪم (ابليس) اچي رهيو
آهي ان جو مون تي ڪوئي اختيارنه آهي. ٣١
پر دنيا کي اهو ڄاڻڻ گهرجي ته مان پيءُ سان
محبت ڪندو آهيان انهيءَ لاءِ آئون اهوئي
ڪجهه ڪندو آهيان جيڪو پيءُ مون کي ڪرڻ
لاءِ چيو آهي ”اچ اسان هتان هلنداسين.“

## يسوع ڊاک جي ول وانگر آهي

١٥ ١ يسوع چيو، ”آئون ڊاک جي سچي
ول آهيان ۽ منهنجو پيءُ باغبان آهي.
٢ منهنجي هر ٽاري جيڪا ڦل ناهي ڏيندي اهو
ڪٽي ڇڏيندو آهي ۽ هر ٽاري کي ڇانگيندو آهي
جيڪا ڦل آڻيندي آهي ته جيئن وڌيڪ ڦل گهڻو
ٿي. ٣ منهنجي تعليمات جيڪا توهان کي ملي
آهي جنهن جي وجهه سان توهان پاڪ آهيو. ٤
توهان مون ۾ هميشه قائم رهو ۽ مان توهان ۾
هميشه قائم رهندس ڪوئي به ٽاري کي وڻ کان
الڳ هجي ڦل نه لائيندي انهي لاءِ ان کي وڻ
سان قائم لڳل رهڻو آهي ۽ اهوئي معاملو توهان
سان به آهي جيڪڏهن مون تي قائم نه رهندا ته
ڦل نه ڪٽي سگهندا.
٥ آئون ڊاک جو وڻ آهيان ۽ توهان ان جو
ٽاريون آهيو جيڪڏهن ڪوئي شخص مون تي
قائم رهي ۽ مان ان ۾ رهان ته گهڻو ڦل لائيندو.
مون کان بغير توهان ڪجهه نه ڪري سگهندا.
٦ جيڪڏهن ڪوئي شخص مون تي قائم نه رهيو
ته ان جي مثال ان شاخ جي آهي جنهن کي ڦٽي
ڪيو ويندو آهي. ۽ اها شاخ مرده ٿي ويندي آهي.
يعني سڪي ويندي آهي ماڻهون سڪيل شاخ کي
ڪٽي باهه ۾ پاريندا آهن. ٧ مون ۾ قائم رهو ۽
منهنجي تعليمات تي عمل ڪريو جيڪڏهن توهان
ايئن ڪندا توهان جيڪو چاهي طلب ڪيو ۽ اهو
توهان کي ڏنو ويندو. ٨ توهان گهڻو ڦل ڪٽي اچي
۽ ثابت ڪري ڇڏيو ته توهان منهنجا شاگرد آهيو
۽ منهنجي پيءُ جو جلال ان مان ئي آهي.
٩ آئون توهان سان پيار اهڙي طرح ڪندو
آهيان جهڙي طرح پيءُ مون سان ڪندو آهي
توهان منهنجي محبت ۾ قائم رهندا. ١٠ آئون
پنهنجي پيءُ جي حڪمن جي بجاءِ آوري پوري
ڪئي ۽ ان جي پيار کي قائم رکو اهڙي طرح
جيڪڏهن توهان به منهنجي پيار ۾ قائم رهندا.
١١ اهو سڀ ڪجهه مان توهان کي چئي رهيو
آهيان ته توهان ايئن خوش رهو جهڙي طرح
آئون آهيان آئون چاهيان ٿو ته توهان جي هر
خوشي مڪمل ٿي وڃي. ١٢ آئون حڪم ڏيان ٿو
ته جيئن آئون توهان سان محبت رکي آهي اهڙي
طرح توهان به پاڻ ۾ رکو. ١٣ سڀ کان زياده
محبت اها آهي ته ماڻهون پنهنجي دوستن جي لاءِ
جان ڏي. ١٤ جيڪڏهن توهان اهي شيون ڪيو
جن جو آئون حڪم ڏنو آهي ته توهان منهنجا
دوست آهيو. ١٥ آئون توهان ۽ ٻيهر نوڪر نه
چوندس چو ته نوڪر نه ٿو ڄاڻي ته ان جو
ڌڻي ڇا ڪري رهيو آهي. پر آئون توهان کي
دوست چئي رهيو آهيان چالاءِ جو ته آئون اهو
سڀ ڪجهه چئي چڪو آهيان جيڪو آئون پيءُ
کان ٻڌو آهي.
١٦ توهان مونکي نه چونڊيو آهي پر آئون
توهان کي چونڊيو آهي ته توهان وڃي ڪري
ڦل پيدا ڪريو. آئون چاهيان ٿو ته اهو ڦل توهان
جي زندگي ۾ قائم رهي. تڏهن ئي پيءُ توهان کي
هر اها شيءِ ڏيندو جيڪا توهان منهنجي نالي تي
گهرندا. ١٧ اهو توهان کي منهنجو حڪم آهي ته
هڪ ٻئي پيار ڪريو.

## يسوع جو پنهنجي شاگردن کي خبردار ڪرڻ

١٨ ”جيڪڏهن دنيا توهان کان نفرت ڪري
ته اهو ياد رکجو ته دنيا مون کان پهريان ئي
نفرت ڪري چڪي آهي. ١٩ جيڪڏهن توهان
دنيا جهڙا آهيو ته دنيا توهان کي پنهنجي ماڻهن
وانگر عزيز رکندي چو جو توهان دنيا جا نه
آهيو چالاءِ جو ته آئون توهان کي دنيا کان
چونڊيو آهي انهيءَ لاءِ دنيا توهان سان نفرت
ڪندي آهي.
٢٠ جيڪو ڪجهه آئون توهان کي چيو ان
کي ياد رکو ته نوڪر پنهنجي ڌڻي کان وڏو
ناهي ٿيندو جيڪڏهن ماڻهن مون کي ستايو آهي
ته توهان کي به ستائيندي. ۽ جيڪڏهن ماڻهون
منهنجي تعليمات تي عمل ڪري رهيا آهن ته
اهي توهان جي ڳالهه تي به عمل ڪندا. ٢١
ماڻهون اهو سڀ ڪجهه منهنجي نالي جي وجهه
سان توهان سان ڪري رهيا آهن ۽ اهي ماڻهون
ان کي نه ٿا ڄاڻن جنهن مون کي موڪليو آهي.
٢٢ جيڪڏهن آئون نه اچان ها ۽ دنيا جي ماڻهن

كي نه چوان ها تڏهن اهي گناهه جا مجرم نه
هجن ها. پر مان هاڻي انهن کي چيو آهي انهيءَ
لاءِ اهي گناهه جي معافي جو عذر نه ٿو ڏيئي
سگهي.
٢٣ جيڪو مون سان نفرت ڪندو آهي اهو
منهنجي پيءُ کان به نفرت ڪندو آهي. ٢٤
آئون ماڻهون ۾ اهڙا ڪم ڪيا ته انکان پهريان
ڪنهن نه ڪيا جيڪڏهن آئون ايئن نه ڪيان
ها ته اهي گنهگار ٺهرايندا پر اهو سڀ ڪم جو
آئون ڪيا انهن ڏٺو آهي. ۽ هاڻي به مون سان ۽
منهنجي پيءُ کان نفرت ڪندا آهن. ٢٥ پر اهو
سڀ انهيءَ لاءِ ٿيو ته انهن جي شريعت ۾ جيڪو
لکيل هيو اهو سچ ثابت ٿيو انهن بلاوجه مون
کان نفرت ڪئي.
٢٦ آئون توهان ڏانهن مددگار موڪليندس
جيڪو منهنجي پيءُ جي طرفان هوندو اهو
مددگار سچائي جو روح آهي جيڪو پيءُ جي
طرفان کان ايندو آهي جڏهن اهو اچي ته منهنجي
باري ۾ شاهدي ڏيندو. ٢٧ ۽ توهان به ماڻهن کي
منهنجي باري ۾ چوندا چالاءِ جو ته توهان شروع
ئي سان مون گڏ آهيو.

١٦
١ ”آئون توهان کي اهي ڳالهيون
ان ڪري ڪيون ته جيئن توهان
پنهنجو ايمان وڃائي نه ويهو. ٢ ماڻهون توهان
کي يهودي عبادتخانن مان ڪڍي ڇڏيندا. ٣
ماڻهون اهو ان لاءِ ڪندا ته نه انهن پيءُ کي
ڄاتيو نه ۽ نه ڪي مون کي. ٤ آئون هاڻي
توهان کي سڀ ڪجهه چوان ٿو ته جڏهن انهن
شين جو وقت اچي ته توهان کي ياد اچي وڃي
ته آئون توهان کي خبردار ڪيو هيو.

## پاڪ روح جو ڪم

”آئون شروع ۾ اها ڳالهه توهان انهيءَ جي لاءِ
نه ڪئي ته چالاءِ جو آئون توهان سان گڏ آهيان.
٥ هاڻي آئون اُن ڏانهن وڃي رهيو آهيان جنهن
مون کي موڪليو آهي ۽ توهان مان ڪوئي ناهي
پڇندو ته توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيان؟ ٦
توهان جا دل غم سان پريل آهن چالاءِ جو ته
مان توهان کي اهي ڳالهيون ڪري ڇڏيون آهن.
٧ آئون توهان کي سچ چوندو آهيان ته منهنجو
وڃڻ توهان جي لاءِ بهتر آهي چالاءِ جو ته
جيڪڏهن مان وڃان ٿو ته توهان جي لاءِ مددگار
موڪليندس. جيڪڏهن مان نه ويندس ته توهان
جي لاءِ مددگار نه ايندو.
٨ جڏهن مددگار اچي ته اهو دنيا جي خرابي
کي ثابت ڪندو ۽ گناهه ۽ راستبازي ۽ عدالت
جي باري ۾ به ٻڌائيندو. ٩ مددگار دنيا جي غلطي
کي ثابت ڪندو مددگار اهو ثابت ڪندو ته
عدالت جي باري ۾ دنيا کي انهيءَ لاءِ ته دنيا
راستبازي ۾ غلط آهي. ١٠ چالاءِ جو ته آئون
پنهنجي پيءُ ڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ توهان
پوءِ مون نه ڏسندا. ١١ اهو مددگار اهو ثابت
ڪندو ته هن دنيا جي سردار(ابليس) جي عدالت
ٿي چڪي آهي.
١٢ ” مون کي توهان سان گهڻو ڪجهه چوڻو
آهي پر ان سڀ ڳالهين کي توهان برداشت نه
ڪري سگهندا. ١٣ پر جڏهن روح ايندو ته
توهان کي سچائي جي راهه ڏيکاريندو. سچائيءَ
جو روح پنهنجي طرفان ڪجهه به نه چوندو
بلڪه اهوئي چوندو جيڪو اهو ٻڌندو آهي اهو
توهان کي ئي چوندو جيڪو ڪجهه ٿيڻ وارو
آهي. ١٤ سچائيءَ جو روح منهنجي جلال کي
ظاهر ڪندو انهيءَ لاءِ ته اهو مون کان انهن
شين کي حاصل ڪري توهان کي چوندو. ١٥
جيڪو ڪجهه پيءُ جو آهي اهو منهنجو آهي.
انهيءَ لاءِ آئون چيو اهو روح مون کان ئي
حاصل ڪري توهان کي کولي ٻڌائيندو.

## غم جو خوشين ۾ تبديل ٿيڻ

١٦ ”ٿوري دير بعد توهان مون کي نه ڏسندا.
پوءِ وري ان جي ٿوري دير کان بعد ۾ توهان
مون پيهر کي ڏسندا.“
١٧ ڪجهه شاگردن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چيو،
”ان جو ڇا مطلب آهي ته جيڪو يسوع چوي
ٿو ٿوري دير بعد توهان نه ڏسندا ۽ پوءِ وري
ٿوري دير ۾ مون کي پيهر ڏسندا؟ ”۽ پوءِ ان
جو ڇا مطلب آهي ته جڏهن اهو چوندو آهي ته
آئون پيءُ ڏانهن وڃي رهيو آهيان. ١٨ شاگردن
پڇيو، ”ان جو ڇا مطلب آهي. جڏهن اهو چوي
ٿو ته ٿوري دير بعد؟ اسان ماڻهو اهو نه سمجهي
سگهون ٿا ته ان جو مطلب ڇا آهي.“
١٩ يسوع ڏٺو ته شاگرد ڪجهه پڇڻ چاهين
ٿا انهيءَ لاءِ يسوع پنهنجي شاگردن کان پڇيو،
”ڇا توهان مون جي ان ڳالهه جي تصديق

چاهيو ٿا جيڪي آئون توهان سان ڪيون ته
ٿوري دير بعد مون کي نه ڏسندا ۽ پوءِ ٿوري
دير ۾ بيهر ڏسندا؟ ٢٠ آئون توهان کي سچ
چوان ٿو ته توهان روئيندا ۽ ڏکايل ٿيندي پر
دنيا خوش ٿيندي توهان کي ڏک ٿيندو پر توهان
جي ڏک ئي توهان جي خوشي بڻجندي.
٢١ جڏهن زال ٻار ڄڻندي آهي ته ان کي سور
ٿيندو آهي ڇالاءِ جو ان جو وقت اچي ويو آهي
پر جڏهن ٻار پيدا ٿيندو آهي ته اها سور کي ڀُلي
ويندي آهي ڇالاءِ جو اها خوش هوندي آهي ته دنيا
۾ هڪ ٻار پيدا ٿيو آهي. ٢٢ اهوئي ڪجهه توهان
سان آهي هاڻي توهان ڏکايل آهيو پرآئون توهان
سان وري ملندس ته توهان خوش ٿيندا. ۽ ڪوئي
به توهان جي خوشي توهان کان ڇني نه ٿو
سگهي. ٢٣ ان ڏينهن توهان مون کان ڪجهه نه
پڇندا آئون توهان کي سچ چوان ٿو ته منهنجو پيءُ
توهان کي هر شيءِ ڏيندو جيڪو توهان منهنجي
نالي سان گهرندا. ٢٤ توهان منهنجي نالي سان
هاڻي تائين ڪجهه ناهي گهريو. گهرو ۽ توهان
کي ملندو ته توهان کي ڪامل خوشي ملندي.

## يسوع ئي دنيا جو فاتح آهي

٢٥ ”آئون اهي ڳالهيون توهان سان مثال ۾
ڪيون پر هڪ گهڙي ايندي تڏهن آئون توهان
سان اهڙي طرح مثالن ۾ نه ڳالهائيندس آئون
واضع الفاظن ۾ پيءُ جي متعلق چوندس. ٢٦ ان
ڏينهن توهان منهنجي نالي تي پيءُ کان گهرندا ۽
منهنجو مطلب اهو ته مون پيءُ سان توهان جي
لاءِ درخواست جي ضرورت ناهي. ٢٧ انهيءَ
لاءِ ته پيءُ پاڻ توهان سان محبت ڪري ٿو اهو
توهان کي ان لاءِ عزيز رکندو آهي ڇالاءِ جو
توهان مون کي عزيز رکو ٿا ۽ توهان مون کي
خدا جي طرفان اچڻ تي ايمان آندو. ٢٨ آئون پيءُ
ڏانهن ان دنيا ۾ آيو آهيان ۽ آئون دنيا ڇڏي رهيو
آهيان ۽ پيءُ ڏانهن وڃي رهيو آهيان.
٢٩ تڏهن يسوع شاگردن کي چيو،” هاڻي توهان
صاف صاف چئو ٿا ۽ ڪائي مثال نه ٿا چئو. ٣٠
هاڻي اسان ڄاڻي ويا آهيون ته توهان سڀ ڪجهه
ڄاڻيو ٿا. جيئن ته ڪوئي توهان کان سوال
ڪري توهان ان کان پهريان ان جو جواب ڏيئي
سگهو ٿا. ۽ اسان انهيءَ سبب جي ڪري ايمان
آندو آهي ته توهان خدا جي طرفان آيا آهيو.“

٣١ يسوع چيو، ”ته ڇا توهان هاڻي ايمان آڻيندا
آهيو؟ ٣٢ ڏسو! ” گهڙي اچي رهيو آهي ته توهان
آئون مان هر هڪ پکيڙي ڪري پنهنجي گهرن
جي واٽ وٺي ۽ مون کي اڪيلو ڇڏي ڏيندا ته به
آئون ڪڏهن به اڪيلو نه آهيان ڇالاءِ جو ته پيءُ
مون سان گڏ آهي.
٣٣ ”آئون توهان کي اهي ڳالهيون ان لاءِ چيون
ته توهان مون ۾ تسلي پايو هن دنيا ۾ تڪليفون
هونديون پر مطمئن رهو ته مان دنيا کي فتح
ڪيو آهي.“

## يسوع جي دعا شاگرن جي لاءِ

١٧
١ جڏهن يسوع اهي سڄون ڳالهيو
ڪري چڪو هيو ته پنهنجون اکيون
آسمان ڏانهن ڪري چيو!“ اي ابا! اها گهڙي
اچي ويو آهي ته پُٽ کي جلال عطا ڪر ته پُٽ
توهان کي جلال ڏيئي سگهي. ٢ تون پُٽ کي هر
بشر تي اختيار ڏنو ته مان انهن کي ابدي زندگي
ڏيئي سگهان جن کي تون منهنجي حوالي ڪيو
آهي. ٣ ۽ اهائي ابدي زندگي آهي ته ماڻهون
تو کي ڄاڻي سگهن ته تون ئي سچو خدا آهين
۽ يسوع مسيح ڄاڻي سگهن ته جنهن کي تون
موڪليو آهي. ٤ اهو ڪم جيڪو تون منهنجي
ذمي ڪيو هيو اهو آئون پورو ڪيو. تنهنجي
جلال کي زمين تي ظاهر ڪيو. ٥ ۽ هاڻي اي
ابا پاڻ سان گڏ مون کي جلال ڏي ۽ اهڙي جلال
ڏي جيڪا دنيا ٺهڻ کان پهريان تو سان گڏ مون
کي حاصل ٿي.
٦ ” تون مون دنيا ۾ جنهن ڪجهه ماڻهن کي
ڏنو آئون تنهنجي باري ۾ انهن کي ٻڌايو ۽ آئون
اهو به ٻڌايو ته تون ڪير آهين اهو ماڻهون
تنهنجا ئي هئا جيڪي تون مون کي ڏنا هئا.
انهن تنهنجي ڪلام تي عمل ڪيو. ٧ هاڻي
انهن ڄاڻيو آهي ته جيڪو ڪجهه تون مون
کي ڏنو اهو تنهنجي طرفان هيو. ٨ ”جيڪو
تون مون کي ڏنو هيو، انهيءَ ڪلام کي مان
انهن ماڻهن کي ڏني. انهن ڪلام قبول ڪئي.
سچ مڃيو ته آئون تنهنجي طرفان آيو آهيان ۽
ايمان آندو ته تون ئي مون کي موڪليو آهي.
٩ انهن جي لاءِ آئون دعا ڪريان ٿو. مان دنيا
جي ماڻهن جي لاءِ دعا نه ٿو ڪريان جيڪو
تون مونکي ڏنو ڇالاءِ جيڪي اهي تنهنجا آهن.

١٠ جيڪو ڪجهه مون وٽ آهي اهو تنهنجو
ئي آهي جيڪو تنهنجو آهي اهو منهنجو آهي
۽ انهيءَ وجهه ڪان اهي ماڻهون منهنجي جلال
ڪي ڏيندا آهن.
١١ آئندا آئون دنيا ۾ نه هوندس هاڻي مان تون
ڏانهن اچي رهيو آهيان ۽ هاڻي اهي ماڻهون دنيا
۾ رهندا پاڪ پيءُ انهن ڪي محفوظ رک پنهنجي
نالي جي وسيلي سان جو تون مون بخشيو آهي
ته اهي هڪ آهن جيئن اسان ته هڪ آهيون.
١٢ آئون تنهنجي نالي جي وسيلي سان انهن جي
حفاظت ڪئي ۽ انهن ڪي بچائي رکجاءِ انهن مان
هڪ ماڻهون نه وڃايو سواءِ هڪ جنهن جو
انتخاب حلاڪت جي لاءِ هيو. اهو ان جي لاءِ
هلاڪ ٿيو ته صحفين ۾ لکيو پورو ٿيو.
١٣ ”هاڻي آئون تو ڏانهن اچي رهيو آهيان پر
مان انهن شين جي لاءِ جيستائين مان دنيا ۾ آهيان
دعا ڪندو رهان ته جيئن انهن ماڻهن ڪي خوشي
حاصل ٿي.
١٤ آئون تنهنجي ڪلام (تعليمات) انهن ڪي
پهچائي ۽ دنيا انهن ڪان نفرت ڪئي. دنيا انهن
ڪان انهيءَ لاءِ نفرت ڪئي ته اهي ان دنيا جا
ناهن جيئن آئون ان دنيا جو ناهيان.
١٥ آئون اهو نه ٿو چوان ته تون انهن ڪي دنيا
ڪان ڪڍي ڇڏ بلڪه اهو چوان ٿو ته انهن ڪي
شيطان جي پڇڙائي ڪان محفوظ رکي. ١٦ جيئن
ته آئون ان دنيا جو ناهيان اهي به دنيا جا ناهن.
١٧ تون انهن ڪي سچائيءَ سان پنهنجي خدمت
لاءِ تيار ڪر تنهنجي تعليمات سچ آهي. ١٨ آئون
انهن ڪي دنيا ۾ موڪليو جهڙي طرح تون مون
ڪي موڪليو. ١٩ آئون پاڻ ڪي خدمت جي لاءِ
تيار ڪريان ٿو. اهو انهن جي لاءِ ئي ڪري
رهيو آهيان ته جيئن اهي منهنجي سچي خدمت
ڪري سگهن.
٢٠ ”آئون انهن تمام ماڻهن جي لاءِ دعا ڪريان
ٿو بلڪه انهن تمام ماڻهن جي لاءِ دعا ڪريان ٿو
جيڪي ان جي ڪلام سان مون تي ايمان آندو.
٢١ اي پيءُ! مان دعا ڪريان ٿو ته تمام ماڻهون
جيڪي مون تي ايمان لاٿو هڪ هجن جهڙي
طرح آئون توهان مان آهيان ۽ آئون دعا ڪريان
ٿو ته اهي به اسان مان هڪ ٿي وڃن. جيئن ته
دنيا ايمان لائي ته تون ئي مون ڪي موڪليو آهي.
٢٢ آئون انهن ڪي اهو ئي جلال ڏنو آهي جيڪو
تون مون ڪي ڏنو هيو. آئون انهن ڪي جلال ڏنو
ته اهي هڪ ٿي سگهن جيئن تون ۽ مان هڪ
آهيون. ٢٣ آئون انهن مان آهيان ۽ تون مون مان
آهين ته جيئن اهي تمام بلڪل هڪ ٿي وڃن ۽ دنيا
ڄاڻي ته تون مون ڪي موڪليو آهي. ۽ تون انهن
سان اهڙي محبت ڪئي جهڙي طرح مون سان.
٢٤ ”اي پيءُ! آئون چاهيان ٿو ته جن ماڻهن
ڪي تون مون سان گڏ هر جاءِ رهين جتي مان
رهندو آهيان ته جيئن اهي منهنجي جلال ڪي
ڏسن جيڪو تون مون ڪي ڏنو آهي ڇالاءِ جو ته
تون جهان جي ٺاهڻ ڪان پهريان مون ڪي عزيز
رکيو. ٢٥ اي سڻا پيءُ دنيا تو ڪي نه ڄاڻيو پر
آئون تو ڪي ڄاڻان ٿو ۽ اهي ماڻهون ڄاڻن ٿا ته
تون مون ڪي موڪليو آهي. ٢٦ آئون انهن ڪي
ٻڌايو آهي ته تون ڪير آهين ۽ لڳاتار ٻڌائيندو
رهندس ته جيڪا محبت تو ڪي مون سان آهي
اها انهن ڪي ٿئي ۽ آئون انهن ۾ رهان.“

## يسوع جو گرفتار ٿيڻ

*(متي ٢٦: ٤٧-٥٦؛ مرقس ١٤: ٤٣-٥٠؛
لوقا ٢٢: ٤٧-٥٣)*

١٨ ١ يسوع دعا ختم ڪري پنهنجي
شاگردن سان گڏ وادي قدرون جي نهر
پار ويا جتي زيتون جو هڪ باغ هيو. اهو ۽ ان
جا شاگرد ان ۾ ويا.
٢ يهوداه ان جاءِ ڪي ڄاڻي پيو ڇالاءِ جو
ته يسوع اڪثر پنهنجي شاگردن سان اتي ئي
ملندو هيو. هي اهو يهوداه هيو جيڪو يسوع جو
مخالف هيو. ٣ ۽ يهوداه سپاهين جي دستي سان
گڏ اتي آيو يهوداه پاڻ سان گڏ ڪجهه سردار
ڪاهنن ۽ فريسين جو حولدارن ڪي وٺي آيا جن
وٽ مشعل، شمعدان ۽ هٿيار هئا.
٤ يسوع ان سڀ ڳالهين ڪي جيڪي ان سان
ٿيڻ واريون هيون ڄاڻي پيو. يسوع ٻاهر آيو ۽
پڇيائون ته ڪنهن ڪي ڏسڻ آيا آهيو؟
٥ ان ماڻهون جواب ڏنو، ”يسوع ناصري ڪي“
يسوع چيو، ”آئون يسوع آهيان“ (يهوداه جيڪو
يسوع جو دشمن هيو ان سان گڏ بيٺو هيو) ٦
جڏهن يسوع چيو، ”آئون يسوع آهيان“ تڏهن اهي
ماڻهون پوئتي هٽيا ۽ زمين تي ڪري پيا.
٧ پوءِ يسوع چيو توهان ڪنهن ڪي ڳولهي
رهيا آهيو. ماڻهن چيو، ”يسوع ناصري ڪي.“

٨ يسوع چيو، ”آئون توهان کي سچ چئي چڪو
آهيان آئون يسوع ئي آهيان جيڪڏهن توهان مون
کي ڳولهي رهيا آهيو ته انهن ٻين کي وڃڻ ڏيو.“
٩ اهو ان انهيءَ لاءِ چيو ته جيڪي ڪلام تون
ڏنو اهي پورا ٿيا. يعنيٰ جن ماڻهن کي تون مون
کي ڏنو: ”آئون ڪنهن کي به نه وڃايو.“
١٠ شمعون پطرس کي ترار هئي ان ڪڍي
ڪري سردارڪاهن جي نوڪر تي وار ڪري
ان جو ڪن اڏاري ڇڏيو (ان نوڪر جو نالو
ملخس هيو). ١١ يسوع پطرس کي چيو، ”ترار
کي کهپ ۾ رکيو آئون ان جي پيالي جيڪو پيءُ
مون کي ڏنو آهي چو نه قبول ڪيان.“

## يسوع کي حنّا ڏانهن آندو ويو

*(متي ٢٦: ٥٧-٥٨؛ مرقس ١٤: ٥٣-٥٤؛*
*لوقا ٢٢: ٥٤)*

١٢ تڏهن سپاهين ۽ ان جي افسرن ۽ يهودين
يسوع کي پڪڙيو ۽ ٻڌي ڇڏيو. ١٣ ۽ ان کي
حنّا ڏانهن وٺي آيا. حنّا دراصل ڪائفا ڪا خسر
هيو. ڪائفا ئي ان سال سردار ڪاهن هيو. ١٤
ڪائفا ئي اهو شخص هيو جنهن يهودين جي چيو
هيو سڀن ماڻهن کي مارڻ کان هڪ کي مارڻ
بهتر آهي.

## پطرس جو يسوع کي سڃاڻڻ کان انڪار

*(متي ٢٦: ٦٩-٧٠؛ مرقس ١٤: ٦٦-٦٨؛*
*لوقا ٢٢: ٥٥-٥٧)*

١٥ شمعون پطرس ۽ يسوع جي شاگردن مان
هڪ کي شاگرد کي يسوع سان گڏ ويو. اهو
شاگرد سردار ڪاهن کان واقف هيو انهيءَ لاءِ
اهو يسوع سان گڏ سردار ڪاهن جي مڪان جي
ايوان ۾ ويو. ١٦ پر پطرس دروازي جي ٻاهران
ئي رهيو. اهو شاگرد جيڪو سردار ڪاهن کي
ڄاڻي پيو واپس آيو ۽ ان چوڪري سان ڳالهه
ڪئي جيڪا دربان هئي ۽ پطرس کي وٺي آئي.
١٧ دروازي تي بيٺل چوڪري پطرس کي چيو
چا تون به ان جو شاگردن مان هڪ آهين؟“
پطرس چيو، ”نه مان نه آهيان.“
١٨ سرديءَ جي وجهه سان نوڪر ۽ حوالدار
باهه ٻاري رهيا هئا ۽ ان جي هيڏانهن هوڏانهن
بيٺل ماڻهو باهه جو سيڪو رهيا هئا ۽ پطرس به
انهن سان گڏ بيهي ڪري باهه سيڪي رهيو هيو.

## سردار ڪاهن جي يسوع کان تفتيش ڪرڻ

*(متي ٢٦: ٥٩-٦٦؛ مرقس ١٤: ٥٥-٦٤؛*
*لوقا ٢٢: ٦٦-٧١)*

١٩ سردار ڪاهن يسوع کان ان جي شاگردن
جي تعليم جي بابت پڇيو. ٢٠ يسوع جواب ڏنو،
”آئون هميشه کلو کلايو طور تي ماڻهون کي چيو
۽ مان هيڪل ۾ ۽ يهودي عبادتگاهه جي اندر به
چيو. جتي تمام يهودي جمع هيا. آئون ڪڏهن
ڪائي ڳالهه ڳجهه نه ڪئي. ٢١ پوءِ تون مون
چو ٿو پڇين؟ ”انهن کان پڇيو جن منهنجي ڪلام
کي ٻڌو جيڪو ڪجهه آئون چيو اهي ڄاڻن ٿا؟“
٢٢ جڏهن يسوع ايئن چيو ته حوالدارن مان
جيڪو اتي بيٺو هيو يسوع جي چهري تي ماريو
۽ چيو، ”تون سردارڪاهن کي اهڙي طرح
جواب ڏين ٿو؟“
٢٣ يسوع چيو، ”جيڪڏهن آئون غلط چيو ته
جيڪي هتي آهن اهي چوندا ته چا غلط آهي
جيڪڏهن آئون سچ چيو آهي ته پوءِ مون کي
ماريو چو ٿا.“
٢٤ پوءِ حنّا يسوع کي ڪوئفا سردارڪاهن
ڏانهن موڪلي ڇڏيو يسوع ان وقت ٻڌل هيو.

## پطرس جو ٻيهر ڪوڙ ڳالهائڻ

*(متي ٢٦: ٧١-٧٥؛ مرقس ١٤: ٦٩-٧٢؛*
*لوقا ٢٢: ٥٨-٦٢)*

٢٥ شمعون پطرس باهه جي ويجهو بيٺو سيڪ
وٺي رهيو هيو ٻئي ماڻهون پطرس کي چيو، ”چا
تون ان جي شاگردن مان هڪ آهين؟“ پر پطرس
چيو، ”نه مان ناهيان.“
٢٦ سردار ڪاهن جي نوڪرن مان هڪ
جيڪو ان جو مائٽ هيو جنهن جو ڪنُ پطرس
ڪٽيو هيو، ”چا آئون تو کي ان سان گڏ باغ ۾
نه ڏٺو هيو.“
٢٧ پر پطرس ٻيهر چيو، ”نه مان ان سان گڏ
نه هيم.“ ۽ ان وقت ڪڪڙ بانگ ڏني.

## يسوع جو پيلاطس جي سامهون آڻڻ

*(متي ٢٧: ١-٢، ١١-٣١؛ مرقس*
*١٥: ١-٢٠؛ لوقا ٢٣: ١-٢٥)*

٢٨ ان کان بعد يهوينِدي يسوع کي ڪائفا کي
مڪان مان رومي گورنر محل ۾ وٺي ويا اهو
صبح جو وقت هيو. يهودي گونر جي محل اندر

نه ويا اهي پنهنجو پاڻ کي ناپاڪ نه ڪرڻ پيا
چاهين. ڇالاءِ جو ته اهو فسح جي ماني کائڻ
چاهن پيا. ٢٩ تڏهن پيلاطس ٻاهر اچي ڪري
انهن کي چيو، ”توهان ماڻهون ان جي باري ۾ ڇا
ٿا چئو، ان ڪهڙي برائي ڪئي آهي؟“
٣٠ يهودين جواب ڏنو، ”اهو ڏاڍو خراب
ماڻهون آهي انهيءَ لاءِ اسان ان کي توهان ڏانهن
وٺي آيا آهيون.“
٣١ پيلاطس يهودين کي چيو، ”توهان ان کي
وٺي وڃو ۽ پنهنجي شريعت جي موجب ان جو
انصاف ڪيو؟“ يهودين جواب ڏنو، ”پر توهان
جو قانون اسان کي ڪنهن کي مارڻ جي اجازت
نه ٿو ڏيئي.“ ٣٢ اهو انهي ڪري ٿيو ته يسوع
جي ڳالهه پوري ٿي جيڪا ان پنهنجي موت جي
متعلق ڪئي هئي.
٣٣ پيلاطس واپس گونر جي محل ۾ ويو ۽
يسوع کي سڏائي پڇيو، ”ڇا تون يهودين جو
بادشاهه آهين؟“
٣٤ يسوع چيو، ”ڇا اهو سوال تنهنجو آهي؟ يا
وري ٻين منهنجي باري ۾ توکي چيو؟“
٣٥ پيلاطس چيو، ”مان يهودي نه آهيان!
اهو ته تنهنجا ماڻهون ۽ ان جا سردار ڪاهن
هيا جنهن توکي مون ڏانهن وٺي آيا آهن. تون
ڪهڙي برائي ڪئي آهي؟“
٣٦ يسوع چيو، ”منهنجي بادشاهت ان دنيا جي
ناهي جيڪڏهن منهنجي بادشاهي ان دنيا جي
هجي ها ته تڏهن منهنجا خادم يهودين جي خلاف
وڙهيا هجن ها ته جيئن مون کي يهودين جي
حوالي نه ڪيو وڃي ها. پر منهنجي بادشاهت
ڪنهن ٻي جاءِ جي آهي.
٣٧ پيلاطس چيو، ”تو پوءِ تون بادشاهه
آهين!“ يسوع چيو، ”توهان جو پنهنجو چوڻ
آهي ته مان بادشاهه آهيان اهو سچ آهي مان
انهيءَ لاءِ ڄائو آهيان ۽ انهيءَ لاءِ دنيا ۾ آيو
آهيان ته سچائي جي شاهدي ڏيان ۽ هر اهو
شخص جيڪو سچ سان تعلق رکندو آهي اهو
منهنجو آواز ٻڌي.“
٣٨ پيلاطس چيو، ”سچائي ڇا آهي؟“ ۽ ايترو
چئي ڪري اهو ٻاهر يهودين ڏانهن ٻيهر ويو
۽ انهن کي چيو، ”مان ان جو ڪو قصور نه
ٿو پايان. ٣٩ پر توهان جي رواج جي مطابق
فسح تي مان هڪ قيدي کي رها ڪندو آهيان ڇا
توهان چاهيو ٿا ته توهان جي لاءِ ان يهودين جي
بادشاهه کي ڇڏيان؟“
٤٠ يهودي رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ چيو، ”نه! ان
کي نه برّابا کي ڇڏي ڏيو“ (برّابا هڪ ڌاڙيل
هيو.)
١٩ ١ پيلاطس حڪم ڏنو ته يسوع کي
وٺي وڃي چهبڪ لڳايو. ٢ سپاهين
ڪنڊن جو تاج ٺاهيو ۽ ان جي سَر تي پارايو ۽
ان کي وانگراڻي رنگ جا ڪپڙا پارايا. ٣ ۽ ان
جي قريب هڪ ڪان بعد وڏيڪ اچي ڪري ان
جي چهري تي لپاٽون ماريندي چيو، ”اي يهودين
جا بادشاهه! آداب.“
٤ پيلاطس ٻيهر ٻاهر اچي ڪري يهودين کي
چيو، ”ڏسو مان يسوع کي توهان جي لاءِ ٻاهر
وٺي اچان ٿو مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو
ته مان اهڙي ڪائي شيءِ ناهي پاتي جنهن جي
بنياد تي ان کي مجرم قرار ڏيان.“ ٥ تڏهن يسوع
ٻاهر آيو ان وقت اهو ڪنڊن تاج پهريل هيو ۽
وانگڙائي ڪپڙا بدن تي هيو پيلاطس يهودين کي
چيو، ”هي رهيو اهو ماڻهون.“
٦ سردار ڪاهن ۽ يهودي سپاهين يسوع کي
ڏنو ته واڪا ڪندي چوڻ لڳا ”ان کي صليب
تي چاڙهيو!“ صليب تي چاڙهيو! پر پيلاطس
چيو، ”توهان ئي ان کي وٺي وڃي ۽ صليب تي
چاڙهيو ڇالاءِ ته مان ان جو ڪو به جرم نه
پاتو آهي.“
٧ يهودين چيو، ”اسان اهل شريعت آهيون ۽ ان
شريعت جي مطابق هن کي مرڻ گهرجي ڇالاءِ
ته ان چيو هي خدا جو پُٽ آهي.“
٨ جڏهن پيلاطس اهو ٻڌو ته وڏيڪ ڏڄي
ويو ۽. ٩ پيلاطس گونر جي محل جي اندر
واپس هليو ويو ۽ يسوع کان پڇيو، ”تون ڪٿان
جو آهين؟“ پر يسوع ڪوئي جواب نه ڏنو. ١٠
پيلاطس چيو، ”توهان مون کان ڪجهه چوڻ کان
انڪار ڪيو ٿا. ياد رکو مان اهو اختيار رکان ٿو
ته توکي ڇڏي ڏيان يا صليب تي چاڙهي ڪري
ماريان.“
١١ يسوع چيو، ”جيڪڏهن خدا تو کي اهو
اختيار نه ڏي ها تڏهن تنهنجو مون تي ڪو
اختيار نه هجي ها جيئن تو کي خدا ڏنو آهي.
انهيءَ لاءِ جنهن مون کي تنهنجي حوالي ڪيو
ان جو گناهه تنهنجي نسبت وڏيڪ آهي.“

١٢ ان کان بعد ۾ پيلاطس ڪوشش ڪئي ته
ان کي ڇڏي ڏيون پر يهودين واڪو ڪري چيو،
”جيڪو ماڻهون پنهنجو پاڻ کي بادشاهه چوي
اهو قيصر جو مخالف آهي جيڪڏهن تون انکي
ڇڏيندين ته قيصر جو خير خواهه نه آهين.“
١٣ پيلاطس کي يهودين چيو اهو ٻڌو ۽ يسوع
کي ٻاهر ان جاءِ تي وٺي آيو ۽ فيصلا ڪرڻ
جي هنڌ تي ويٺو. ”ان جاءِ کي سنگ چبوتره“
(عبراني زبان ۾ گبتا) چوندا آهن. ١٤ اهو وقت
ٻپهري جو هيو تقريبن ڇنهون ڪلاڪ هيو فسح
جي تيار جو ڏينهن[1] هيو. پيلاطس يهودين چيو،
”توهان جو بادشاهه هتي آهي.“
١٥ يهودي رڙيون ڪري رهيا هئا“ وٺي وڃو
ان کي، وٺي وڃو ان کي، ۽ صليب تي چاڙهي
ڇڏيو! ”پيلاطس يهودين کان پڇيو،“ توهان چاهيو
ٿا ته مان توهان جي بادشاهه کي صليب تي
چاڙهيان؟“ تڏهن سردار ڪاهنن چيو، ”اسان جو
بادشاهه صرف قيصر آهي!“
١٦ ان کان بعد پيلاطس يسوع کي انهن جي
حوالي ڪيو ته مصلوب ڪيو وڃي.

## يسوع جو مصلوب ٿيڻ

*(متّي ٢٧: ٣٢-٤٤؛ مرقس ١٥: ٢١-٣٢؛
لوقا ٢٣: ٢٦-٣٩)*

سپاهي يسوع کي وٺي ويا. ١٧ يسوع پاڻ ئي
پنهنجي صليب کنئي ۽ ان جاءِ تي ”کوپڙن جي
جڳهه سڏائيندي هئي“ ويا. (عبراني زبان ۾ ان
جاءِ کي ”گولگتّا“ چيو ويندو آهي) ١٨ گولگتّا
جي هنڌ تي انهن يسوع کي ۽ ان سان گڏ ٻن
ماڻهن کي صليب تي چاڙهيو. ٻه ماڻهون يسوع
جي طرف هيا ۽ يسوع انهن ٻنهن جي وچ ۾ هيو.
١٩ پيلاطس هڪ سرنامو نشان جي طور تي
لکي ۽ صليب تي لڳائي ڇڏي جنهن تي لکيل
هيو ”يسوع ناصري يهودين جو بادشاهه.“ ٢٠
سرنامو عبراني، لاطيني، ۽ يوناني زبانن ۾ لکيل
هيون. جنهن کي گهڻن يهودين پڙهيو چالاءِ جو
ته اها جاءِ جتي انهن يسوع کي مصلوب ڪيو
اها شهر جي ويجهو هئي.
٢١ سردار ڪاهنن پيلاطس کي چيو، ”ان
کي يهودين جو بادشاهه نه لکو بلڪه اهڙو لکو
هن شخص چيو هيو ته مان يهودين جو بادشاهه
آهيان.“
٢٢ پيلاطس چيو، ”جيڪو ڪجهه مان لکيو
آهي ان کي تبديل ڪرڻ نه ٿو چاهيان.“
٢٣ جڏهن سپاهين يسوع کي مصلوب ڪيو
ته انهن ماڻهن انهن جا ڪپڙا ورتا انهن ماڻهن
ڪپڙن کي چئن حصن ۾ تقسيم ڪيو هر سپاهي
هڪ هڪ حصو ورتو انهن ماڻهن ان جو
چوغو به لاٿو اهو بنا ڳنڍهه ٿيو مٿان کان هيٺ
تائين ٺهيل هيو. ٢٤ سپاهين چيو ان کي نه ڦاڙيو
اهو بلڪه ان جي لاءِ ته پُڪا ته جيئن معلوم ٿي
ته اهو ڪنهن جي حصي ۾ آيو آهي. اهو ان لاءِ
ٿيو ته صحيفي ۾ جيڪو لکيل هيو اهو پورا ٿي
سگهي. جيڪي هن طرح آهي:

> ”انهن منهنجا ڪپڙا پاڻ ۾ ورهايا ۽ منهنجي
> چوغي جي لاءِ پُڪا وڌا.“ زبور ٢٢: ١٨

جيئن ته سپاهين ايئن ئي ڪيو.
٢٥ يسوع جي ماءُ صليب جي ويجهو بيٺي هئي
۽ ان جي ماءُ جي ڀيڻ ڪلوپاس جي زال مريم
۽ مريم مگدليني سان گڏ بيٺي هئي. ٢٦ يسوع ۽
پنهنجي ماءُ ۽ شاگرد جنهن کي پيارو رکندا هئا
ڏسو ۽ پنهنجي ماءُ کي چيو، ”اي مائي تنهنجو
پُٽ هتي آهي“ ٢٧ ۽ شاگردن يسوع کي چيو،
”هتي توهان جي ماءُ آهي.“ ان کان بعد ۾ يسوع
جي ماءُ کي پنهنجي ماءُ ئي گهر ۾ رهڻ ڏنو.

## يسوع جي موت

*(متّي ٢٧: ٤٥-٥٦؛ مرقس ١٥: ٣٣-٤١؛
لوقا ٢٣: ٤٤-٤٩)*

٢٨ ان کان بعد يسوع ڄاڻيو ته سڀ ڪجهه
ٿي چڪو ۽ صحيفه جو لکيو پورو ٿيو ته ان
چيو، ”آئون اڃايل آهيان“[2] ٢٩ اتي سرڪي
سان ڀريل هڪ ٿان هيو جيئن ته سپاهين اسفنج
کي سرڪي ۾ ٻوڙي ڪري ان کي زوفي جي
ڪاٺيءَ تي رکي ڪري ان کي ڏنو. يسوع ان
کي منهن سان لڳايو. ٣٠ جڏهن يسوع سرڪو

[1] **١٩: ١٤ تياري جو ڏينهن** سبت جي ڏينهن کان يعنيٰ جمعو.

[2] **١٩: ٢٨ مان اڃايل آهيان** ڏسو زبور ٢٢: ١٥؛ ٦٩: ٢١

پيتو ته چيو، ”سڀ ڪجهه پورو ٿيو.“ ۽ منڍي
هڪ طرف جهڪائي ڇڏي ۽ پنهنجي جان ڏيئي
ڇڏي.
٣١ اهو ڏينهن تياري جو هيو. ۽ ٻئي ڏينهن
خاص سبت جو ڏينهن هيو يهودي نه پيا چاهن
ته سبت جي ڏينهن ان جو جسم صليب تي ئي
رهي انهيءَ لاءِ پيلاطس کي چيو ته ان جون
ڄنگهون ڀڃي ڇڏيون ۽ لاش لاٿا وڃن. ٣٢ جيئن
ته سپاهين اچي ڪري پهريون ماڻهون جيڪو
مصلوب ٿيو هيو ان جو ڄنگهون ڀنجي ڇڏيون
۽ ٻئي ماڻهوءَ جون به ڄنگهون توڙي ڇڏيون
جيڪو يسوع سان گڏ هيو. ٣٣ پر جڏهن سپاهي
يسوع جي ويجهو اچي ڪري ڏٺو ته اهو مري
چڪو هيو ته انهن ان جو ڄنگهون نه ڀڳيون.
٣٤ پر هڪ سپاهي پنهنجي ڀالي سان ان جي
بازو کي چيڙو وڌو ۽ ان مان هڪدم رت ۽ پاڻي
نڪتو. ٣٥ جنهن اهو ڏٺو ان گواهي ڏني ۽ اهو
گواهي سچي آهي اهو سچ چوي ٿو ته توهان
به ايمان آڻيو. ٣٦ اهو تمام واقعات صحيفي جي
پوري ٿيڻ جي لاءِ ٿيو ”ان جي ڪائي هڏي نه
توڙي وڃي.“[1] ٣٧ پر هڪ ٻئي صحيفي جي
مطابق ماڻهون ”جنهن کي ڇيائي هنيائون، تنهن
ڏانهن نهاريندا.“[2]

### يسوع جي تدفين

*(متي ٢٧: ٥٧-٦١؛ مرقس ١٥: ٤٢-٤٧؛*
*لوقا ٢٣: ٥٠-٥٦)*

٣٨ انهن واقعن کان بعد هڪ شخص يوسف
نالي جيڪو آرمينه جو رهڻ وارو هيو ۽ يسوع
جو شاگرد هيو پيلاطس يسوع جي لاش کڻي
وڃڻ جي اجازت گهرجي. يوسف يسوع جو
لڪيل شاگرد هيو. ڇالاءِ جو ته اهي يهودين کان
ڊڄندو هيو پيلاطس اجازت ڏني. تڏهن يوسف
اچي ڪري يسوع جي لاش کڻي ويو.
٣٩ نيڪوديمس به آيو. نيڪوديمس اهو
شخص هيو جيڪو يسوع سان ملڻ رات جو آيو
هيو نيڪوديمس تقريبن هڪ سواء مڻ مصالو
وٺي آيو جيڪا مرّ ۽ عود سان مليل هئا. ٤٠
انهن ٻنهن يسوع جي لاش ورتو ۽ لاش کي
سوٽي ڪپڙي ۾ سرهاڻن سان گڏ ڪفنايا جيئن
ته يهودين جي دفنائڻ جو طريقو آهي. ٤١ جنهن
جڳهه تي يسوع کي صليب تي چاڙهيو ويو
اتي هڪ باغ هيو ان باغ ۾ هڪ نئين قبر هئي
جنهن ۾ هاڻي تائين ڪنهن کي دفن نه ڪيو هيو.
٤٢ انهن ماڻهن يسوع کي ان قبر ۾ رکيو ڇالاءِ
جو اها ويجهو هئي ۽ يهودين پنهنجي سبت جي
ڏينهن جي تياري شروع ڪري ڇڏي.

### يسوع جي موت کان جيءُ اٿڻ جي خبر

*(متي ٢٨: ١-١٠؛ مرقس ١٦: ١-٨؛*
*لوقا ٢٤: ١-١٢)*

**٢٠** ١ هفتي جو پهريون ڏينهن مريم
مگدليني قبر تي آئي اجان تاريڪي
جو وقت نه هيو ڏٺو ته قبر جو پهڻ هٽايل آهي.
٢ اها ڀڄي ڪري شمعون پطرس ۽ ٻين شاگردن
ڏانهن وئي. (جيڪي يسوع سان محبت ڪندا
هيا) مريم چيو،”انهن خداوند کي قبر مان ڪڍيو
آهي خبر ناهي انهن کي ڪٿي رکيو ويو آهي.“
٣ پوءِ پطرس ۽ شاگرد قبر جي طرف ويا. ٤
اهي ٻئي ڀڄي رهيا هيا پر شاگرد پطرس کان تيز
شاگرد ڊوڙيو ۽ سڀ کان پهريان قبر تي پهتو. ٥
شاگرد قبر کي ڏٺو ته سوٽي ڪپڙي جو ٽڪڙا
پيا هئا پر اهو اندر نه ويو.
٦ شمعون پطرس ان جي پويان ئي پهتو ان
قبر ۾ وڃي ڏٺو ته سوٽي ڪپڙن جا ٽڪڙا پيا
هئا. ٧ ان اهو به ڏٺو جيڪو رومال يسوع جي
مٿي تي وڙهيل هيو ان کي وڙهي ڪري انهن
ٽڪڙن کان الڳ ڪجهه پري پيو هيو. ٨ تڏهن
ٻيو شاگرد اندر آيو هي اهو شاگرد هيو جيڪو
قبر تي پهريان پهتو هيو جيڪو ڪجهه ان ڏٺو
ان تي يقين ڪيو. ٩ ڇالاءِ جو ته اهو هاڻي تائين
صحيفن کي نه ڄاڻي پيو جنهن جي مطابق مسيح
مردن مان زنده ٿيڻو هو.

### يسوع جو مريم مگدليني تي ظاهر ٿيڻ

*(مرقس ١٦: ٩-١١)*

١٠ تنهنڪري اهي شاگرد واپس گهر هليا ويا.
١١ پر مريم قبر جي ٻاهر بيٺي روئيندي ان قبر
۾ نوڙي ڏٺو. ١٢ مريم ڏٺو ته ٻه ملائڪ جيڪي
سفيد لباس ۾ پهريل اتي ويٺا هئا جتي يسوع جي
لاش کي رکيو ويو هيو هڪ ملائڪ يسوع جي

---

[1] **١٩: ٣٦** اقتباس زبور ٣٤: ٢٠
[2] **١٩: ٣٧ جنهن ... ڏانهن نهاريندا** زڪرياه ١٢: ١٠

سرهاندي تي ويٺو هيو ۽ ٻيو ملائڪ يسوع جي
پيراندن طرف ويٺو هيو.
١٤ ملائڪن مريم کان پڇيو، ”اي مائي تون
چو روئي رهي آهين؟“ مريم جواب ڏنو، ”ڪجهه
ماڻهون خداوند جي لاش کڻي ويا آهن مان نه ٿي
ڄاڻان انهن ماڻهن ان کي ڪٿي رکيو آهي.“ ١٤
جڏهن مريم اهو چئي ڪري رخ ڦريو ته ڏٺو
يسوع بيٺو آهي پر اها نه سمجهي ته اهو يسوع
آهي.
١٥ يسوع ان کان پڇيو، ”اي مائي! تون چو
روئي رهي آهين ۽ ڪنهن کي ڳولهي رهي
آهين؟“
مريم سمجهي شايد اهو ماڻهون باغ جو مالي
آهي. جيئن ته مريم ان کي چيو، ”سائين جا
توهان ئي يسوع کي هتان کنيو آهي مون کي چئه
تون ان کي ڪٿي رکيو آهي ته مان وڃي ان کي
کڻي اچان.“
١٦ يسوع ان کي چيو، ”اي مريم!“ ۽ مريم
يسوع جي طرف مڙي ڪري عبراني زبان ۾
چيو”ربّوني“ (جنهن جي معنيٰ استاد جي آهي)
١٧ يسوع ان کي چيو، ”مون نه ڇهجاءِ چالاءِ
جو ته مان هاڻي تائين پنهنجي پيءُ ڏانهن مٿي
ناهيان ويو.“ پر منهنجي پائرن (شاگردن) ڏانهن
وڃي ڪري چئو ته ”آئون پنهنجي ۽ توهان جي
پيءُ ڏانهن مٿي وڃي رهيو آهيان.“
١٨ مريم مگدليني اچي ڪري شاگردن کي
چيو، ”مان خداوند کي ڏٺو ۽ ان مون اهي
ڳالهيون ڪيون.“

## يسوع جو شاگردن تي ظاهر ٿيڻ

*(متي ٢٨: ١٦-٢٠؛ مرقس ١٦: ١٤-١٨؛
لوقا ٢٤: ٣٦-٤٩)*

١٩ هفتي جو پهريون ڏينهن هيو انهي ڏينهن
شام ۾ سڀ شاگرد جمع هئا. دروازن کي يهودين
پوء کان بند رکيو هيو. تڏهن يسوع اچي ڪري
انهن جي وچ ۾ بيهي رهيو. ٢٠ ۽ چيو توهان تي
سلامتي هجي اهو چئي ڪري ان پنهنجي شاگرن
کي پنهنجو هٿ ۽ بازو ڏيکاريو تنهنڪري
شاگردن خداوند کي ڏٺو ۽ خوش ٿيا.
٢١ يسوع ٻيهر چيو، ”توهان تي سلامتي هجي
پيءُ مون کي هيڏانهن موڪليو آهي. اهڙي طرح
آئون توهان سڀن کي موڪليان ٿو.“ ٢٢ يسوع
انهن تي ڦوڪيو ۽ چيو، ”روح پاڪ وٺو. ٢٣
جن ماڻهن کي گناهه توهان معاف ڪيو انهن جا
گناهه معاف ۽ جن کي معاف نه ڪريو انهن جو
گناهه معاف نه ٿيندو.

## يسوع جو توما تي ظاهر ٿيڻ

٢٤ توما جنهن کي توام به چوندا آهن. يسوع
جي اچڻ جي وقت ٻئي ڏينهن شاگردن سان گڏ
نه هيو. توما ان ٻارهن شاگردن مان هڪ هيو.
٢٥ ٻين شاگردن توما کي چيو، ”اسان خداوند
کي ڏٺو“ تڏهن توما چيو، ”مان جيسيتائين انهن
جي هٿن ۾ ڪلين جون نشانيون نه ڏسان ۽ ان
سوراخن ۾ پنهنجا هٿ نه وجهان ۽ جڏهن مان
پنهنجو هٿ ان جي بازو تي نه رکندس مان يقين
نه ڪندس.“
٢٦ هڪ هفتي کان بعد شاگرد گهر ۾ جمع ٿيا
۽ توما به انهن سان گڏ هيو. ان وقت دروازو بند
هيو. يسوع اتي اچي ڪري انهن جي وچ ۾ بيهي
رهيو يسوع چيو، ”سلامتي هجي توهان تي.“
٢٧ تڏهن يسوع توما کي چيو، ”پنهنجي آڱر هتي
رک ۽ پنهنجا هٿ منهنجي بازو ۾ رک ۽ وڌيڪ
شڪ ۾ نه پئه ۽ ايمان رک.“
٢٨ توما يسوع کي چيو، ”اي منهنجا خداوند،
اي منهنجا خداوند.“
٢٩ يسوع ان کي چيو، ”تون مون کي ڏٺو ۽
ايمان آندو پر جن ماڻهن مون کي ڏٺي بغير ايمان
آندو اهي مبارڪ آهن.“

## يوحنّا جي ڪتاب جو مقصد

٣٠ يسوع ٻيا ڪئي معجزه ڏيکاريا
جيڪي ان جا شاگردن ڏٺا اهي تمام معجزه
ان ڪتاب ۾ نه لکيل هئا. ٣١ پر اهي انهيءَ
لاءِ لکيا ويا ته توهان ايمان آڻيو ته يسوع
ئي مسيح آهي جيڪو خدا جو پُٽ آهي
ته جيئن اهڙي طرح ايمان لائي ڪري
توهان ان جي نالي سان زندگي پايو.

## يسوع جو ستن شاگردن تي ظاهر ٿيڻ

٢١
١ ان کان بعد يسوع وري پنهنجو پاڻ
کي تبرياس جي سمنڊ جي ويجهو
پنهنجي شاگردن تي ظاهر ڪيو، ۽ اهو اهڙي
طرح ڪيو. ٢ ڪجهه شاگرد اتي جمع هيا جنهن

۾ شمعون پطرس، توما، نتن ايل، جو قانا گليل
جو هيو ۽ زبدي جا ٻه پُٽ ۽ ٻيا شاگرد هيا. ٣
شمعون پطرس چيو، ”مان مڇيءَ جي شڪار
تي وڃي رهيو آهيان.“ ٻين چيو، ”اسان به تو
سان گڏ هلنداسين“ پوءِ سڀ ملي ڪري ٻيڙيءَ
تي سوار ٿيا. ان رات انهن ڪجهه به شڪار
نه ڪيو.
٤ صبح يسوع ڪناري تي اچي بيهي رهيا پر
شاگردن سڃاتو نه ته هي يسوع آهي. ٥ تڏهن
يسوع شاگردن کي چيو، ”دوستو ڇا توهان
مڇيءَ جو شڪار ڪيو؟“ شاگردن جواب ڏنو،
”نه“
٦ يسوع چيو، ”پنهنجا ڄار ٻيڙيءَ جي ڪابي
طرف ڦٽي ڪيو ان طرف توهان کي مڇيون
ملنديون“ جيئن ته شاگردن ايئن ئي ڪيو پوءِ
شاگردن ڄار ۾ ايتريون مڇيون ڦاٿيون ته ان ڄار
کي ڇڪي نه سگهيا.
٧ تڏهن ان شاگرد جيڪو يسوع کي عزيز
هيو پطرس کي چيو، ”هي ته خداوند آهي“ ۽
پطرس ان کي اهو چوندي ٻڌي ڪري ته ”اهو
ماڻهون خداوند آهي“ پنهنجو ڪپڙو چيلهه سان
ٻڌي ڪري (پطرس ڪم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا
ڪپڙا لاهي ڇڪو هيو) پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنائين ٨ ٻيا
شاگرد ٻيڙيءَ ۾ سوار مڇين جو ڄار ڇڪيندا
آيا ڇالاءِ جو اها ڪناري کان گهڻو پري نه هئي
صرف لڳ ڀڳ سوءَ گز پري هيا. ٩ جڏهن
شاگرد ٻيڙيءَ مان ٻاهر آيا ته انهن ڪوئلن جي
باهه ڏٺي جنهن تي مڇيون ۽ ماني رکيل هئي.
١٠ تڏهن يسوع چيو، تڏهن يسوع چيو، ”ڪجهه
مڇيون جيڪي توهان هاڻي پڪڙي آيا آهيو اهي
ڏيو.“
١١ شمعون پطرس ٻيڙيءَ ۾ وڃي ڪري
مڇين جا ڄار کي ڪناري تي ڪٽي آيو جو
جيڪو گهٽين مڇين سان ڀريل هيو جنهن ۾
تقريبن ١٥٣ مڇيون هيون ان جي باوجود اهو
نه ڦاٽو. ١٢ يسوع ان کي چيو، ”اچو ڪاڌو کائو
پر ڪوئي به شاگرد نه پڇي سگهيو ته هو ڪير
آهي؟“ اهي ڄاڻي ويا ته اهو خداوند آهي. ١٣
يسوع اچي ڪري انهن کي ماني ۽ مڇي ڏني.
١٤ اهو ٽيون موقعو هيو جڏن يسوع مري
ڪري جي اٿڻ کان بعد پنهنجي شاگردن جي
سامهون ظاهر ٿيو.

## يسوع جي پطرس سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ

١٥ جڏهن اهي ماني کائي چڪا هئا ته يسوع
شمعون پطرس کي چيو، ”اي يوحنا جا پُٽ
شمعون! ڇا تون انهن ماڻهن سان زياده مون سان
محبت ڪندو آهين؟“ پطرس جواب ڏنو، ”ها! اي
خداوند توهان ڄاڻو ٿا ته توهان مون کي ڪيترا
عزيز آهيو.“ تڏهن يسوع چيو پطرس کي چيو،
”منهنجي گيهٽن جي ڏيٺ وائٺ ڪر.“
١٦ پيهر يسوع پطرس کي چيو، ”اي يوحنا
جا پُٽ شمعون! ڇا تون مون کي عزيز آهين؟
پطرس جواب ڏنو، ”ها اي خداوند توهان ڄاڻو
ٿا ته مان توهان کي عزيز رکندو آهيان.“ تڏهن
يسوع پطرس کي چيو، ”اي يوحنا جا پُٽ شمعون
پطرس کي چيو، ”منهنجي رڍن[1] جي ڏيٺ وائٺ
ڪر.“
١٧ ٽيون ڀيرو يسوع پطرس کي چيو، ”اي
يوحنا جا پُٽ شمعون! ڇا تون مون کي عزيز
رکندوي آهين؟“ ”پطرس گهڻُو ڏکي ٿيو ڇالاءِ
جو ته يسوع ٽيون ڀيرو اهو پڇيو، ”ڇا تون
مون کي عزيز رکندو آهين؟“ پطرس چيو، ”اي
خداوند توهان هر ڳالهه ڄاڻيو ٿا ته مان توهان
کي عزيز رکندو آهيان. يسوع پطرس کي چيو،
”تون منهنجي رڍن جي ڏيٺ وائٺ ڪر. ١٨ آئون
توهان کي سچ چوان ٿو جڏهن توهان جوان هيا
پنهنجو سندهرو جيڏانهن چاهي هليا ويندا هئا پر
جڏهن تون ڪراڙو ٿيندين ته ٻيو ماڻهون چيلهه
ڪسيندو جتي تون نه وڃي سگهندين اتي وٺي
ويندا.“ ١٩ يسوع انهن ڳالهين جي ذريعي ٻڌايو
ته پطرس کي ڪنهن قسم جي موت کان خدا جو
جلال ظاهر ٿيندو.“ ايترو چئي ڪري ان چيو،
”منهنجي پويان آ.“
٢٠ پطرس پوئتي پلٽي ڪري پويان ڏٺو ته
جنهن کي يسوع عزيز رکندي ٿو ۽ ان شام جي
ڪاڌي جي وقت ان جي سيني تي سر رکي ڪر
پڇيو هيو! ”خداوند توهان جو مخالف ڪير
هوندو؟“ ٢١ جڏهن پطرس ڏٺو ته اهو شاگرد
پويان آهي تڏهن يسوع کان پڇيو، ”خداوند ان جو
ڪهڙو حال ٿيندو؟“
٢٣ تنهنڪري ڀين ڀائرن ۾ اها ڳالهه مشهور

[1] ٢١: ١٦ رڍن يسوع هي الفاظ پنهنجي شاگردن جي لاءِ استعمال ڪيو يوحنا ١٠

ٿي وئي ته اهي شاگرد جنهن کي يسوع عزيز
رکندو آهي اهو نه مرندو. پر يسوع ايئن نه چيو
ته اهو نه مرندو ان صرف اهو چيو، ”ٿي سگهي
ٿو منهنجي اچڻ تائين ان کي رهڻ ڏيان پر تو کي
ان سان ڇا.“
٢٤ هي اهو ئي شاگرد آهي جيڪو انهن ڳالهين
کي چوي ٿو ۽ جنهن ان کي لکيو آهي ۽ اسان
ڄاڻيون ٿا ته ان جو چوڻ سچو آهي.
٢٥ ۽ ڪئي ڪم آهن جيڪي يسوع ڪيا
۽ مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن هر ڳالهه کي
لکيو وڃي ته سڄي دنيا به ان ايترا ڪتاب لکي
سگهجن ٿا جو هوند دنيا ۾ مائجن.